# مارئي ملير جي بينظير



مرتب سرمد عثمان

# مارئي ملير جي - بينظير

مرتب:

سرمد عثمان


سنڌي ساهت گهر

حيدرآباد، سنڌ

2008ع

سمورا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ


سنڌي ساهت گهر - ڪتاب نمبر 199

ڪتاب جو نالو: مارئي ملير جي بينظير

ليکڪ: سرمد عثمان

ڪمپوزنگ راض لغاري

ڇاپو: پهريون

ڇپجڻ جي تاريخ: مارچ 2008ع

قيمت -/150 هڪ سو پنجاهه روپيا فقط


## ڪتاب ملڻ جا هنڌ


**آئيڊيل ڪتاب گهر:** رابعه اسڪوائر، حيدر چوڪ گاڏي کاتو حيدرآباد، سنڌ
Ph: 022-2780701 - Mob: 0300-3946518

پوسٽل ائڊريس: پوسٽ باڪس نمبر 58، جنرل پوسٽ آفيس، حيدرآباد، سنڌ


- سنڌي ادبي بورڊ بوڪ اسٽال تلڪ چاڙهي حيدرآباد 022-2633679
- ڀٽائي ڪتاب گهر، گاڏي کاتو حيدرآباد 0345-3587391
- رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو 0307-3471205
- عزيز ڪتاب گهر ٻراج روڊ، سکر 0712007402
- سنڌ بوڪ ڪلب نواب شاهه 0300-3006469
- قاسميه لئبرري ڪنڊيارو 0300-3144668
- المنعم لئبرري - 17، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڪالوني ذوالفقار باغ لاڙڪاڻو 0333-7541193
- بوڪ ورلڊ رابعه سينٽر لڳ عسڪري بئنڪ بندر روڊ لاڙڪاڻو 0333-7548804
- المهراڻ ادبي ڪتاب گهر ٿاڻو روڊ سانگهڙ 0235-542182
- گل ڪتاب گهر لکيدر شڪارپور 0346-3701659
- العزيز ڪتاب گهر، لڙ بازار عمرڪوٽ 0238570345


*MARVI MALEER JEE BENAZEER*
By: Sarmad Usman
Published by: Naz Sanai
Sindhi Sahat Ghar Rabia Siqure
Gari Khato, Hyderabad Sindh.
March: 2008 - Book No: 199
Per Copy: Rs: 150/=


www.bhutto.org

# فهرست


| نمبر | مضمون | ليکڪ | صفحو |
|---|---|---|---|
| 1 | بينظير ڀٽي جي شهادت تي لکين ماڻهن جو ماتم | تاجل بيوس | 5 |
| 2 | اميد جو قتل | عبدالواحد آريسر | 7 |
| 3 | سوريءَ سڏ ٽيوڪا هلندي جيڏيون | پروانو ڀٽي | 11 |
| 4 | گلي ۾ قاتل سُڏڪو | شوڪت حسين شورو | 18 |
| 5 | هميشه لاءِ فريزٿي ويل لازوال مرڪ | شوڪت حسين شورو | 21 |
| 6 | ويساهه گهاتيءَ سان ماريل عوامي ويساهه جي علامت! | نثار احمد کهڙو | 26 |
| 7 | محترمہ جو مشن ۽ سندس ڪجهہ يادگيريون | جام ساقي | 31 |
| 8 | اسان وڙهڻ بند نہ ڪيو | جاويد سومرو | 35 |
| 9 | چنو هيءَ ڇا تہ گل آهي! | نصير مرزا | 39 |
| 10 | جي ويا ڀهرٿين پور | طارق عالم | 43 |
| 11 | سهندو ڪير ميار اوبار! | مونس اياز | 49 |
| 12 | بينظير، بينظير جهڙي هئي | زيب سنڌي | 56 |
| 13 | عوام جي بهادر راڻيءَ جو قتل | حسن مجتبيٰ | 61 |
| 14 | ادي! | محمود مغل | 66 |
| 15 | الامان اڏري ويندي ساڻ | جاويد قاضي | 70 |
| 16 | اهڙي قرباني تہ فقط ماءُ ٿي ڏئي سگهي ٿي | عرفان علي شاهہ | 75 |
| 17 | مات ڏئي وئي موت کي! | فياض چند ڪليري | 79 |
| 18 | اي سنڌ! جن تو کي پنهنجو رت ڏنو | سهيل ميمڻ | 84 |
| 19 | هن پنهنجي ڳالهہ تي قائم رهي ڏيکاريو | سڪندر بلوچ | 88 |
| 20 | ڀٽي جي پنکيءَ جو وڇوڙو ۽ سنڌ! | ذوالفقار قادري | 93 |
| 21 | رئنديون رڻ واريون | سيد ماکن شاهہ رضوي | 96 |
| 22 | هڪڙي هئي بينظير | اسحاق سميجو | 100 |


www.bhutto.org

| نمبر | مضمون | ليکڪ | صفحو |
|---|---|---|---|
| 23 | جمهوريت لاءِ وڙهندڙ هڪ ديو مالائي ڪردار جي شهادت ۽ سنڌ جو ڏک | ڊاڪٽر ايوب شيخ | 105 |
| 24 | پنڊيءَ کان لاڙڪاڻي موڪليل هڪ ٻيو لاش | منظور ميراڻي | 111 |
| 25 | بينظير جي شهادت: وارتا ۽ ڪجهه تاثر | رئوف نظاماڻي | 118 |
| 26 | هوءَ سنڌ جي آخري اميد هئي | لطيف جمال | 122 |
| 27 | تاريخ رت جو ڪفن اوڙهي سمهي پئي آهي | مظهر ابڙو | 127 |
| 28 | بينظير دلين اندر آخري ڏيئو ٿي ٻرندي رهندي | فقير محمد ڏول | 133 |
| 29 | بينظير ڀٽو جو وڇوڙو- اميد جو قتل | حميد سومرو | 136 |
| 30 | درد اور جنگ مين ڪچ ميل نهين هي اي دل | امداد سومرو | 141 |
| 31 | خوابن ۽ اميدن جي شهادت | نياز نديم | 145 |
| 32 | هوءَ ديس جي وجود ۾ ڀڳي هڏ جيئن ڏکندي رهندي | امير منڊرو | 149 |
| 33 | مادر! مون موت پسڻ پرائيو | آڪاش سنتوراڻي | 154 |
| 34 | خوشبوءَ جو قتل | جڳ پرڪاش موراڻي | 157 |


www.bhutto.org

# بينظير ڀٽي جي شهادت تي لکين ماڻهن جو ماتم

**تاجل بيوس**

ڳوٺ اعتبار خان چانڊيو اهو ڳوٺ آهي، جتي اسان جي ڳوٺ پير حيات شاهه جو گادي نشين ننڍڙو حيات شاهه اڌ صدي اڳ مريدن کان ڏن، پٽ ونڻ لاءِ مون کي به وٺي هليو هو. ان وقت اسان پنهجي جي عمر اٽڪل ٻارنهن سال هئي، هي اهو زمانو هو جڏهن رئيس اعتبار خان، حاجي علي حسن، رئيس عطا محمد خان ۽ رئيس لطف علي زنده هئا. هن ڳوٺ سان گڏ اسان لشڪري، ڳوٺ ڀنيو خان، ڳوٺ ٻچل چانڊيو ڳوٺ شاهل خان ۽ اوسطي محمد به مريدن کي دعا ڪرڻ ويا هياسون. هڪ دفعي ٻيڙيءَ ذريعي درياهه اڪري ٻاقراڻن کان ۽ ٻئي دفعي ريل گاڏيءَ ذريعي لاڙڪاڻي پهچي، ذڪر ڪيل ڳوٺن ڏانهن ويا هياسون. 26 ڊسمبر 2007ع تي اسان ڳوٺ اعتبار خان کان ڳڙهي خدا بخش وياسون، جتي شهيد ذوالفقار علي ڀٽي تي جوڙايل قبو ڏسي مون کان آگري وارو تاج محل وسري ويو هو. شهيد ڀٽي ۽ سندس ٻن شهيد پٽن جون قبرون به بهترين نمونې جوڙايل ۽ سينگاريل هيون. ڳڙهي خدا بخش کان اسان موهن جو دڙو گهمڻ وياسون، جتان موٽي اچڻ ڪانپوءِ ٻئي ڏينهن تي ٿي ويءَ تان بينظير ڀٽو جي شهادت جون لوڻءَ ڪانڊاريندڙ خبرون نشر ٿيڻ لڳيون، هي اهو ڏينهن هو جنهن ڏينهن تي اسان ڪراچي واپس ٿيڻا هئاسون. بس پوءِ پوريءَ سنڌ ۾ هنگاما

شروع ٿي ويا. ٽن ڇئن ڏينهن اندر ست، اٺ ريل گاڏيون ساڙيون ويون، هڪ ريل گاڏي نئين ديري ۾ سڙيل ڏٺي سون. خبر پئي ته 13 درجن کان مٿي فيڪٽريون به جلايون ويون آهن. رستي ۾ شهداد ڪوٽ کان ڪراچيءَ تائين بي شمار سڙيل گاڏيون ڏسڻ ۾ آيون فوجي حڪمران (جنهن بيان ڏنو آهي ته بينظير ڀٽو کي القاعده مارايو آهي) هنگاما ڪندڙن کي گوليءَ جو نشانو بڻائڻ جو حڪم جاري ڪيو آهي، جنهن ڪي پنجاهه کان وڌيڪ ماڻهو قتل ٿي چڪا آهن، جو قتل ڪارساز بلوچ ڪالوني، لال مسجد، بلوچستان ۾ نواب اڪبر بگٽي، سندس عزيزن، رکوالن، بالاچ مري ۽ سوات ۾ ٿيندڙ قتل گريءَ جي ياد تازي ڪري ٿو.

نئين ديري ۾ شهيد بينظير ڀٽو جي ٽيجهي ۾ شريڪ ٿيڻ، سندس مزار ڏسڻ ۽ قبر تي شاهه جا ٻه بيت پڙهڻ لاءِ اسان آچر ڏينهن (30 ڊسمبر 2007ع) ڳڙهي خدا بخش ۽ نئين ديري وياسون. ٽيجهي جي موقعي تي اسان ڏٺو ته ڀٽي خاندان جا عاشق لک کان مٿي اچي ڪٺا ٿيا هئا. هر گهٽي گام پير سان پير ملائي هلندڙ ٿي پيو ماڻهو ماتم ڪندا ته آيا پئي پر واپس ٿيڻ وقت به سندن هٿ ڇاتين تي ڪڙڪيا ٿي، مردن سان گڏ عورتن به ريهون ۽ رانيات ٿي ڪيا. ڪي ماڻهو شهيد بينظير ڀٽو کي سنڌ جي راڻي پيا سڏين ته ڪن ڪيس دختر مشرق جي مجتا تي ڏني. ڪجهه ماڻهو چوڻ لڳا ته هو منهنجا ڀٽي خاندان تي جوڙيل شعر پڙهي چڪا آهن، ڪجهه شاعري ٻڌايان. مون سندن خواهش کي اکين تي رکي کين شهيد ذوالفقار علي ڀٽي تي جوڙيل چوڏهن سٽن جو بيت ۽ هڪ وائي ٻڌايم جا وائي کين ٻيهر ٻڌائڻ جي به هنن فرمائش ڪئي ان وائيءَ جي پهرين سٽ هن طرح آهي:

"باندي آئون بينظير"

سيڻ منهنجا شل هئن سگهارا

مون ڏٺو ته ماڻهن جا هڪڙا ميڙاڪا آيا ٿي ته پيا هزارن جي تعداد ۾ داخل ٿي ٿيا. هر وقت لکن کان مٿي ماڻهو محسوس ٿي ٿيا.

(روزاني خبرون، حيدرآباد، 4 جنوري 2008ع)

www.bhutto.org

# اميد جو قتل

عبدالواحد آريسر

هوءَ 8 ورهين کانپوءِ آسن، اميدن، جذبن ۽ خوبصورت خواهشن کي کڻي پنهنجي ماتر ڀومي موٽي هئي ۽ ڪراچي ايئرپورٽ تي لهڻ وقت ته هوءَ مياٽيءَ جي گل وانگر تازي ۽ بهار وانگر حشاس بشاش لڳي رهي هئي شايد کيس خبر نه هئي ته جنهن اسٽيٽ ۾ هوءَ گل پوکڻ آئي هئي، اتي گولين جو فصل اڳ ئي تيار ٿي چڪو هو ۽ هن جو ڀڃريون استقبال گولين جي وسڪاري ۽ گلاب جي تارين ۾ ڇٽندڙ گلن وانگر ڪِرندڙ لاشن سان ٿيو. "هن پوءِ به چيو ته آئون پنهنجي ماٿهن سان ملڻ چاهيان ٿي ۽ سنجها ويلي لاڙڪاڻي جي سارين جي خوشبوءِ سُنگهڻ چاهيان ٿي پر سندس اها تمنا پوري نه ٿي سگهي، ڇو ته هن جي لاءِ تاڙ ۾ ويٺل شڪاريءَ جي گولي تيار ٿي چڪي هئي ۽ هن گولي هلائيندڙ هٿيار جو ٽريگر ايڏو تپي چڪو هو جو قاتل جا هٿ به سڙڻ لڳا هئا. ان ڪري هو گهڻو وقت اهو هٿيار پنهنجي هٿ ۾ رکي نه ٿي سگهيو ۽ هوءَ جيڪا سارين جي خوشبوءِ پنهنجي ذهن ۾ جذب ڪرڻ آئي هئي، سا جلد ئي سنڌ جي مٽيءَ جي خوشبوءَ ۾ ويڙهجي ويئي.

مسئلو هي آهي ته هن کي گهرائي ايترو جلد ڇو مٽيءَ ۾ ملايو ويو؟! جيستائين آئون سمجهي سگهيو آهيان ته جڏهن هوءَ ملڪ کان ٻاهر هئي، ان وقت هن ۾ تبديلي اچڻ شروع ٿي ويئي هئي پر پوءِ هن جو لهجو حاڪمن لاءِ سمجهوتي وارو هو. ان تبديليءَ جو احساس مون کي ان وقت

www.bhutto.org

ٽيو جڏهن هن ٻاهر رهندي سنڌ جي منگل پانڊي يعني شهيد سميع الله ڪلهوڙي جي شهادت واري واقعي جي مذمت ڪئي. نه ته اڳي پ وارن لاءِ قومپرست جو قتل پاڪستان جي سالميت لاءِ ضروري هوندو هو. ان ڪانپوءِ هن ٻاهر رهندي ٿي جسقم جي باندي اڳواڻ ڊاڪٽر صفدر سرڪي ۽ بلوچستان جي اڳوڻي وزيراعليٰ اختر مينگل لاءِ همدرديءَ وارا بيان ڏنا. ان جي باوجود به هن کي حڪمرانن جي واعدن تي اعتبار هو جو هوءَ چوندي رهي ته "جنرل صاحب اسان جي مطالبي تي وردي لاٿي ۽ مون کي اميد آهي ته هو چوندون به صاف ڪرائيندو." اهڙيون اميدون ۽ آسرا ڪٽي هوءَ ذڪر ايشيا جي عمر مختيار نواب خير بخش مريءَ سان ملي هئي ۽ ڪيس ڪجهه صلاحون پڻ ڏنيون هئائين. نواب صاحب اسان جي وفد کي ٻڌايو ته "هيءَ کهڙي سنڌياڻي آهي. جيڪا پنهنجي پيءُ ۽ ڀائرن جي قاتلن جي مزاج کي نه سمجهي سگهي آهي. ڪٿي ائين نه ٿئي ته اسان کي بچائڻ کان اڳ هوءَ پاڻ هلي نه وڃي. چو ته پنجاب جي مزاج کي جيترو اسان مظلومن سمجهيو آهي، ايترو اقتدار ۾ شريڪ رهندڙن نه سمجهيو آهي." پر پوءِ به هوءَ پاڻ ۾ تبديليءَ واري عمل کي تيز ڪندي ويئي. هن بلوچستان جي "چي گويرا" بالاچ خان مريءَ کي خراج تحسين پيش ڪيو. شهيد نواب اڪبر بگٽيءَ جو ڪيس به ڪٽندي رهي ۽ حڪمرانن ڏانهن ان جو لهجو انتهائي تلخ ٿيندو ويو چو ته شايد ٻاهر رهڻ وقت ڪيس خبر نه هئي، جنهن ملڪ کي هوءَ گلستان ڇڏي ويئي هئي، سو ڪنڊرن ۾ تبديل ٿي چڪو آهي ۽ عوام کي مهانگائي ۽ بيروزگاريءَ جي راڪاس ڳڙڪائي ڇڏيو آهي. اٽو ۽ کنڊ جنهن جون قيمتون هوءَ 6 روپيا ڪلو تائين ڇڏي ويئي هئي ۽ پيٽرول جيڪو هن جي دور ۾ 10 روپيا ليٽر هو انهن جا اگهه وڌي 30 کان 60 روپين تائين پهچي چڪا هئا ۽ سنڌ جو نوجوان بيروزگاريءَ جي طوفان ۾ ايترو وڪوڙجي چڪو آهي جو خودڪشين تي مجبور آهي. انهن حالتن هن کي حڪمرانن ڏانهن پنهنجو لهجو ۽ رويو وڌيڪ سخت ڪرڻ تي مجبور ڪيو ۽ پاڪستان جا حڪمران پنهنجي آقائن جي چوڻ تي جي ايم سيد کان وٺي اڪبر بگٽي ۽ نواب خير بخش تائين ڪنهن به سخت لهجي اختيار ڪرڻ واري ليڊر کي پسند ڪرڻ لاءِ تيار نه هئا. نه آهن ۽ نه وري رهندا. نتيجي طور هنن سنڌ کي هن جو گلابي

www.bhutto.org

وجود لاش جي صورت ۾ ڏياري موڪليو ۽ پوءِ سنڌ ۾ پاڻ ملهايو. آئون ائين چوندس تہ هوءَ ويندي ويندي جيئن پاڻ احتجاج جي پيداوار هئي، تيئن سنڌي قوم کي احتجاج جو هڪ نئون رنگ ڍنگ سيکاري ويئي ۽ ان سان گڏوگڏ فڪر سيد کي نئين تازگي بہ ڏيئي ويئي، جنهن جا نعرا سندس تدفين وقت ڳڙهي خدا بخش ۾ بڌڻ ۾ آيا ۽ پنجاب جي چوڌرين پنهنجي اشتهارن ذريعي سنڌي قوم کي الڳ تلڳ ڪري بيهاريو. اهو ئي فڪر سيد جو بنيادي نقطو آهي.

بينظير ڀٽو جي روانگيءَ جو انتقام اسلام آباد جي ڪرسي حاصل ڪرڻ ناهي پر سائين جي ايم سيد. ذوالفقار علي ڀُٽي جي ڦاسيءَ تي چيو هو تہ ڀُٽي جو انتقام بهتر طريقي سان ائين وٺي سگهجي ٿو تہ سنڌ جي سرزمين تي غير ملڪي بالادستيءَ جو ڪوبہ نالو ۽ نشان نہ رهي. آئون سمجهان ٿو تہ ڪنهن آدرش لاءِ قرباني ڏيندڙ ليڊر جي اها انتهائي بدنصيبي ٿيندي، جو ان جي لاش کي اقتدار جي ڪرسيءَ تائين پهچڻ جو ذريعو بڻايو وڃي. ان ڪري سنڌين کي کپي تہ جيڪڏهن توهان بينظير سان محبت ڪريو ٿا تہ ان جي ديس جي سارين جي خوشبوءِ کي آزاد ڪرايو. ماڻهن کي ذلتن، بيروزگارين ۽ بدحالين کان آزاد ڪرايو.

اسان جي سنڌ جي هيءَ روايت مشهور آهي تہ دودي سومري جي شهادت کانپوءِ سنڌ جي هڪڙي قبيلي (جنهن کي ريباڙي سڏيو وڃي ٿو) قسم کنيو هو تہ جيستائين اسان دودي جي ڌرتيءَ تان دوديءَ جي دشمنن کي ناس نہ ڪنداسين، تيستائين ڪارو ويس پائيندا رهنداسين ۽ ان قبيلي جا مرد ۽ عورتون ڪارو ويس ئي استعمال ڪري رهيا آهن ۽ اهڙو ئي قسم راڻا پرتاب سنگهہ جي هٿيار ناهيندڙ قبيلي (جنهن کي ڪاريا سڏيو وڃي ٿو) کنيو هو تہ جيستائين اسان مها راجا پرتاب سنگهہ جي دشمن مغلن کي ناس نہ ڪنداسين، تيستائين ٿانوَ ۾ ماني نہ کائينداسين. کٽ تي نہ سمهنداسين ۽ سئو گهر ناهي نہ رهنداسين- ۽ هو ان وقت تائين ان تي عمل ڪندا رهيا. جڏهن 47ع ۾ هندستان آزاد ٿيو ۽ جواهر لعل نهرو ان قبيلي جي ماڻهن کي گهرائي اعلان ڪيو تہ هاڻي هندستان تي حڪومت مها راجا پرتاب سنگهہ جي آهي، ڏاريا سڀ ختم ٿي ويا آهن.

www.bhutto.org

سنڌين کي به دودي جي "ريباڙين" ۾ پرتاب سنگهه جي "ڪارين" وانگر اهو وچن ڪرڻ گهرجي ته اسان به تيستائين سک سان نه سُمهنداسين، جيستائين سنڌ ۾ ڪنهن به غلامي ۾ بالادستيءَ جو نشان باقي آهي.

چنيسر تون ڇا به چوين مان مَرڻو ناهيان،
ويس مٽائي ورڻو آهيان،
تنهنجي منهنجي جنگ ازل کان،
هر نئين ويس بدل سان،
جاري آهي جاري رهندي،
جنگ اسان جي جاري رهندي

(اياز)

(روزاني ڪوشش، حيدرآباد، 15 جنوري 2008ع)

www.bhutto.org

# سوريءَ سڌ ٿيو، ڪا هلندي جيڏيون

پروانو ڀٽي

پنج ڏينهن گذري ويا پر ذهن اڃا به قبول نٿو ڪري ته محترمه بينظير ڀٽو جي لاءِ شهيد جو لقب لڪان. سنڌ جي غيرت واري نياڻي، دختر مشرق، عالمي سطح جي سالار ٽن شهيدن جي وارث ذوالفقار علي ڀٽو مير شاهنواز ڀٽو مير مرتضيٰ ڀٽو لکن انسانن جي ميڙ ڪي "ڪل ڀي ڀٽو زنده ٿا آج ڀي ڀٽو زنده هي" جي نعرن تي تاڙيون وڄرائيندڙ ۽ سنڌن سرد جذبن کي بيدار ڪندڙ بي باڪ. بااصول نڊر اڳواڻ اسان جي لاءِ مرحوم بڻجي ويندي، اسان سڀني جي لاءِ شهيد بڻجي. ڳاڙهي خون سان اصولن جي سچائي ۽ زبان جي پڪائي کي امر بڻائي ويندي انهيءَ ڪڙي سچ جي گوري هضم ڪرڻ لاءِ آئون اڃا تيار نه آهيان!! منهنجي اڳيان 18 آڪٽوبر کان 27 ڊسمبر تائين ٻن مهينن جو سفر ڊائري جي ورقن جيان اڀري اچي ٿو 18 آڪٽوبر تي ڪيس ڪراچي ۾ مارائڻ لاءِ رنگ ۽ منهن جي ڪارن انسانن ڪوشش ڪئي، جيڪا ناڪام ٿي پر 27 ڊسمبر تي سندس هڪ ساٿي رنگ جي اچي چاڪليٽي هيرو ذهنيت جي بدبودار گندي انسان راولپنڊي ۾ شهيد ڪرائي وڌو.

وقت ثابت ڪندو ته ڪهي هيڏو وڏو قهر ڪيئن ٿيو هيڏي وڏي واردات جي رٿابندي ڪٿي ٿي، پر جيڪڏهن پيرا کڻبا ته هاڻي ڳالهه صاف ٿيندي

پئي وڃي تہ راولپنڊي واري راتاهي کان هڪ ڏينهن اڳ سنڌ مان ڪارو ڪانگ اڏري وڃي دبئي پهتو جيڪو اڃا تائين اتي موجود آهي ۽ وينو ڪان ڪان ڪري.

پاڪستان جي سٺ سالن جي تاريخ عجيب حادثن ۽ واقعن سان ڀري پئي آهي. اسان ڪهڙي ليڊر کي سک ڏنو آهي. اها ڳالهہ هاڻي ڪنهن بہ شڪ شبهي کان بالاتر نہ آهي تہ قائداعظم بہ ڪو فطري موت نہ مئو هو قائداعظم جو تعلق بہ سنڌ سان هو لياقت علي خان کي راولپنڊي جي ٿي باغ ۾ گولي هڻي ماريو ويو جنهن جي رهائشگاهہ بہ ڪراچي ۾ هئي، ٻنهين قائدين جا مزار سنڌ ۾ آهن. خواجہ ناظم الدين، حسين شهيد سهروردي سان ڇا ٿيو جيڪي اوير پاڪستان جا هئا. اهو ڪو پراڻو داستان نہ آهي. اسان ٽن ڊڪٽيٽرن جي آجيان ڪئي پر هڪ آمر 12 سالن کان گهٽ عرصو حڪومت نہ ڪئي. موجوده فوجي بہ 13 سالن لاءِ تخت تي ويهڻ جو شوق پورو ڪرڻ لاءِ ملڪ جي عوام سان مذاق ڪري رهيو آهي ۽ نہ معلوم ڪهڙين راندين ۾ مصروف آهي، سنڌس اڳيان وانڍڙين. ٻولڙين جي قطار هر دور ۾ موجود رهي ٿي. 1999ع کان وٺي 2007ع تائين سوين لانڍڙيا، وانڍڙيا. حڪم جا توبچي آيا پر هليا ويا. اڄ سنڌ ڪير بہ نالو وٺڻ وارو نہ آهي پر اسان شهيد ذوالفقار علي ڀٽو بہ ڏٺو جنهن 7 سالن جي مختصر عرصي ۾ قوم جي تقدير بدلائي ڇڏي.

مون کي ڪڏهن پاڻ تي ڪاوڙ ايندي آهي تہ تاريخي حقيقتن کي يا اڻ وسرندڙ واقعن کي جيڪي عام طرح سان ماڻهن جي ذهن تان لهي وڃن ٿا. ان کي وري بيان ڇو ڪندو آهيان!! تاريخي لفظ، تاريخي جملا، تاريخي واعدا ائين وسارڻ جهڙا نہ هوندا آهن. سال 1969ع - 1979ع جي ڳالهہ آهي، گهٽ ۾ گهٽ 38 سال اڳ جو واقعو خيرپور شهر جي هڪ بنگلي تي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو موجود هو ۽ سنڌس پرسان اهڙا شخص موجود هئا. جن مان گهڻا رب جي حضور ۾ وڃي حاضر ٿيا. انهيءَ محفل ۾ ڪجهہ دانشورن، اديبن بہ شرڪت ڪئي هئي. ذوالفقار علي ڀٽو ان وقت هڪ يادگار جملو چيو هو. جڏهن ڪانئس اهو سوال ڪيو ويو تہ وفاقي سياست سنڌ کي ڪڏهن بہ پنهنجا حق نہ ڏياريندي، توهان وفاقي سياست جو شوق پلي پورو ڪريو پر سنڌ جو ڇا ٿيندو؟ جواب ۾ نهايت سنجيدگي سان

www.bhutto.org

هڪ جملو چيائين "ليٽ مي پلي" اسان کي راند ڪيڏڻ ڏيو نهايت مدبرانه انداز ۾ چيائين ته جيڪڏهن ڪامياب ٿيس ته نه رڳو سنڌ پر پوري ملڪ کي سرسبز بڻائيندس ترقي ڏياريندس، نوڪريون ڏياربيون، روزگار جا موقعا فراهم ڪرائيا پر جي راند هارايم ته ٻڙهي خدا بخس توهان ڪان پري نه آهي. انهيءَ ساڳي موضوع تي مون 1977ع ۾ به مضمون لکيو هو جڏهن آئون پاڪستان پيپلز پارٽي جي اليڪشن سيل جو ميمبر هئس ۽ اهو مضمون ان وقت ڪراچي جي سنڌي اخبار ۾ شايع ٿيو هو. جنهن مضمون کي پسند ڪندي چام صادق علي خان مرحوم مون کي اليڪشن سيل جي آفيس گهرائي ڪراچي ۾ انعام به ڏنو هو. هن واقعي جي لکڻ جو مقصد اهو آهي ته جيڪا شمع ذوالفقار علي ڀٽي ٻاري هئي، ان تي ڪروڙين پتنگ اچي ڳڏ ٿيا هئا. جولاءِ 1979ع تي جڏهن ان شمع کي وسايو ويو. جڏهن راولپنڊي مان هڪ لاش سنڌ کي تحفو ڪري موڪليو ويو تڏهن به ڪيترن ئي پروانن پاڻ کي زنده جلايو هو مرشد لطيف سرڪار جي ارشاد موجب:

پتنگن پهه ڪيو مڙيا مٿي مچ
پسي لهس نه لڇيا، سڙيا مٿي سچ
سندا ڳچن ڳچ، ويچارن اچا ٿيا.

ساڳي صورتحال 27 ڊسمبر تي به ٿي، ڪيترن ئي جمهوريت جي عاشقن ۽ پيپلز پارٽي جي پتنگن نه رڳو پاڻ کي ماري ڇڏيو پر ڪيترائي هن دردناڪ واقعي جو ٻڌندي ئي الله کي پيارا ٿي ويا. هي هڪ عجيب انداز جو نذرانو عقيدت هو جيڪو جيالن ۽ باشعور ورڪرن طرفان پيش ڪيو ويو.

محترمه بينظير ڀٽو نه رڳو سنڌ ۽ پاڪستان پر عالمي سطح جي نالي واري هڪ اهڙي دلير اڳواڻ هئي جنهن جي قدر و منزلت جي ڄاڻ هاڻي انهن عقل جي انڌن، دانشمندي جي دشمنن اندر جي ڪارن ڪوئلن کي پئي هوندي جن ڪيس سندس زندگيءَ ۾ الائجي ڇا مان ڇا نه چيو ۽ گند ڪيو. هن وقت پاڪستان ٽه واٽي تي بيٺل آهي، هڪ رستو جمهوريت طرف آهي، هڪ رستو آمريت ڏانهن ۽ هڪڙو رستو تباهي طرف. محترمه

www.bhutto.org

بينظير ڀٽو جي لاش جو تحفو موڪلي سنڌ کي مجبورن تباهي واري رستي تي هلڻ لاءِ آماده ڪيو پيو وڃي. قاتلن کي هر واري راند ڦٻي وڃي ٿي. ذوالفقار علي ڀٽي شهيد جو تحفو به انهن وٺان مليو. شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو کي ڪراچي جي هڪ ڪليل رستي تي شهيد ڪري اسٽيبلشمينٽ خون کي ڳُڙڪائي وئي. شهيد شاهنواز کي به جلاوطن ڪري ماريو ويو ۽ ان کان پوءِ انهن سڀني شهيدن جي وارث، سندن پيغام کي ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائيندڙ سندن نقش قدم تي هلندي ڪنهن به آمر آڏو سر نه جهڪائيندڙ اڏول، هماليه جبل کان به وڌيڪ سخت ارادن جي مالڪ محترمه بينظير ڀٽو کي شهيد ڪري ان جو مڙهه سنڌ وارن کي تحفي طور پيش ڪيو پر انهن ڊڪٽيٽرن، بي اصول، سياستدانن، آمرن جي اڳيان ڪنڌ جهڪائي هر حڪم مڃيندڙن کي شاهه صاحب جو بيت ياد رکڻ گهرجي ته "ٻيڙيا تا ٻيئي، تو نه ڦٻنديون ڳالهيون" ٻيڙي هلائيندڙ کي ٻئي ڳالهيون هضم نه ٿينديون جو هو ٻيڙي به هلائي، ۽ سمهي ننڊون به ڪري. هاڻي انهن جمهوريت جي قاتلن کي حساب ڪتاب ڏيڻو پوندو. اڄ نه سڀاڻي، هڪ ڏينهن هنن کان سنڌ جو باغيرت ۽ باشعور عوام پائي پائي جو حساب ضرور وٺندو. جيڪا اسٽيلشمينٽ پنهنجي ملڪ جي پهرئين وزيراعظم جا قاتل گرفتار ڪرڻ ته پري جي ڳالهه ظاهر ڪري نه سگهي آهي، اها محترمه جي قاتلن کي گرفتار ڪرڻ .ڪيفرِ ڪردار تائين پهچائڻ وارا بيان ٿي وي تان ڏيڻ بند ڪري ته ان ۾ ئي سندس عزت رهجي وينديءَ نه ته:

نه خنجر اٺي گا نه تلوار ان سي
يه بازو ميري آزمائي هوئي هين

مون پنهنجي حياتي ۾ هند ۽ سنڌ جي اهڙن مقررن کي به ٻڌو آهي، جن جي تقرير ماڻهن ۾ جوش ۽ ولولو ايترو ته پيدا ٿي ڪيو جو سالن جا سال انهن تقريرن جي اثر هيٺ قومي ڪاڄ ۾ مصروف هوندا هئا. جن مان سائين عطاءُ الله شاهه بخاري کي وساري نٿو سگهجي، جيڪو تقرير ڪندي جوش ۾ اچي جنهن وقت ڪهاڙي کي ايو ڪندو هو ته ٻڌندڙن جي ڪيفيت ڪنٽرول ۾ نه رهندي هئي. نعرن ۽ داد تحسين جو آواز بلند

هوندو هو. سنڌ ۾ به ويجهڙائي ۾ مون تمام گهٽ نالي وارن انسانن جي تقريرن کي ٻڌو پر شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي خطابت جو انداز ڇا ڳالهه ڪجي. سندس تقرير دوران ائين ڪٿي چئجي ته ٻڌندڙن جو سرد خون به گرم ٿي ويندو هو ته هو غلط نه آهي. سندس تقريرن کي ملڪ جي هر هڪ انسان پسند ڪيو ۽ ڏسندي ڏسندي سٺن سالن جي مختصر عرصي اندر ملڪ جي تقدير بدلائي ڇڏيائين. ڪارخانا، رستا، بجلي، روزگار جا لاتعداد ذريعا، سڀ کان وڏي ڳالهه ته ملڪ جي وقار کي چار چنڊ لڳائڻ ۾ پنهنجو رت ۽ ست ڏئي ملڪ کي ايتمي طاقت بڻائڻ جو اعزاز حاصل ڪيو. پر اهي سڀ ڳالهيون جڏهن رهيل اقتدار ڏٺين کي پسند نه آيون ته لاش جو تحفو موڪليو ويو. ساڳي ريت محترمه 1977ع کان 1988ع تائين 11 سال پيءُ جي وڇوڙي کي برداشت ڪيو ۽ هڪ ماڊل ڊڪٽيٽر جي حڪومت کي للڪاريندي رهي، نيٺ اهو ڊڪٽيٽر جڏهن بهاولپور جي واريا سي ميدان ۾ اهڙي ريت ڪريو جو سندس لاش جو هڪ حصو به سلامت نه هو. تڏهن ڪيس اقتدار مليو پر اهو به ڪيترا ڏينهن. 1988ع کان 1999ع تائين 11 سالن ۾ چئن نگران حڪومتن . جو هڪ سال ڪڍجي ته باقي ڏهن سالن تائين ٻه پيرا محترمه بينظير ڀٽو شهيد ۽ ٻه پيرا نواز شريف وزيراعظم رهيا. يعني اڍائي سالن جو عرصو حڪومت 11 ڊڪٽيٽر اچن ته ڏهن سالن کان گهٽ حڪمراني نه ڪرڻ جو واعدو ڪري ڇڏين. پر جي چونڊيل نمائندا اچن ته اڍائي سال به وڏو عرصو آهي. چونڊيل نمائندن جي ڳالهه نڪتي آهي ته پاڪستان تي آيل اهڙي وقت جي به ڳالهه ڪري ذهنن کي تازو ڪري ڇڏجي جڏهن ڪنهن ٻار کان سوال ڪيو هو ته ٻڌاءِ پاڪستان جو وزيراعظم ڪير آهي ته جواب ملندو هو ته سائين مون اڄ صبح جو اخبار نه پڙهي آهي؟ ٻن مهينن اندر وزيراعظم تبديل ٿيندا رهيا پر آمريت جا علمبردار ڏهن سالن کان گهٽ عرصي ۾ نه ويا. جيڪڏهن ويا ته ڪي هاءِ هاءِ ٿي ويا ۽ ڪي جهاز مان ڪرندي واري ۾ واري جي ذرن جيان پرزا پرزا ٿي ويا.

ملڪ اندر سياسي صورتحال ڪهڙي به رهي هجي، محترمه انهيءَ کان بي خبر نه هئي، 8 سال ملڪ کان ٻاهر رهندي به ڪيس ملڪ جي

www.bhutto.org

حالتن جي مڪمل ڄاڻ هئي. 18 آڪٽوبر تي ملڪ اچڻ کان اڳ هوءَ پهرين سيپٽمبر تي نوازشريف جي ملڪ اچڻ ۽ واپس ٿيڻ جا منظر ڏسي چڪي هئي تہ جن ماڻهن نوازشريف کي دلاسا ۽ دلبا ڏني گهرايو انهن مان هڪڙو بہ ايئرپورٽ تي موجود نہ هو. نواز شريف جيڪو ان خيال سان آيو هو تہ سندس پرجوش ڪارڪن لکن جي تعداد ۾ اچي آجيان ڪندا پر سرزمين تي ڪجهہ ٻي نظارو هو.

اسير نڪلي تو بدلا هوا زمانا ٿا
نہ شاخ تي نا چمن ٿا نہ آشيانا ٿا

محترمہ بينظير ڀٽو انهيءَ بي رخي کي ڏسندي بہ وطن ورڻ جو فيصلو ڪيو ۽ جڏهن 18 آڪٽوبر تي دبئي مان سوار ٿي هوندي، ڪيس امام ضامن ٻڌو ويو هوندو. تڏهن شاهہ صاحب جو اهو بيت ذهن تي تري اچي ٿو هن پنهنجن دوستن، ساٿين ۽ سهيلن کي هينئڻ ضرور چيو هوندو تہ

سوري سڏ ٿيو ڪا هلندي جيڏيون
وجڻ تت پيو نالو نينهن ڳنهن جي

ڪراچي ايئرپورٽ تي ٿيل والهانہ ۽ پرجوش استقبال ڪيترن ئي اندر جي ڪارن ۽ حاسدن جون ننڊون حرام ڪري ڇڏيون ۽ انهن نيٺ ڪيس ختم ڪرڻ واسطي ڀرپور ڪوشش ڪئي، "جنهن کي الله رکي تنهن کي ڪير چکي" پر دشمنن جي مسلسل ڪوششن آخر رنگ لاتو ۽ هو پنهنجي ڪڏن ۽ ڪريل حرڪتن ۾ ڪامياب ٿيا.

محترمہ بينظير ڀٽو شهيد سنڌ، پنجاب، بلوچستان ۽ سرحد صوبن ۾ جيڪي جلسا ڪيائين، گهڻن جون اکيون کولي ڇڏيون، عوام جو سمنڊ هو جيڪو محترمہ جي خواب کي پڌڻ ۽ سندس تقرير جي انداز کي ڏسڻ لاءِ ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ کان اچي حاضر ٿيندا رهيا. ان مان سندس عوامي مقبوليت جو اندازو ٿي سگهيو ٿي. "ڪل ڀي ڀٽو زندهہ ٿا، آج ڀي ڀٽو زندهہ هي" جا نعرا لکن جي تعداد ۾ عوام جي ذهنن کي پنهنجي طرف مائل ڪرڻ ۾ ايتري حد تائين ڪامياب ٿي وئي جو سيني کي اهو اندازو ٿي ويو تہ چونڊن ۾ جيڪڏهن ڌانڌلي نہ ٿي تہ پيپلز پارٽي ايتري ڪاميابي حاصل ڪندي جو تجزيہ نگار بہ حيرت ۾ اچي ويندا.

www.bhutto.org

محترمہ جي بي انتها ڪوشش ۽ محنتن سبب پارٽي طاقتور بڻجي وئي ۽ پوري ملڪ ۾ جتي جتي بہ پارٽي جا اميدوار هئا. تن کي اهو يقين هو تہ هو اليڪشن ۾ مخالف اميدوار کي اهڙي شڪست ڏيندا. جو سندن پيڙهيون ان کي ياد ڪنديون. اليڪشن ۾ ڪي ڏينهن بہ نہ بچيا هئا 8 جنوري ڪا پري تہ نہ هئي پر اوچتو هڙو ڪو وريو واءُ جو سنڌ لٽجي وئي ۽ سنڌو درياهہ مان پاڻي سڪي ويو.

27 ڊسمبر تي دشمن پنهنجي وار ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو تہ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي فڪر ۽ سياست کي ملڪ اندر رائج ڪرڻ واري سندس وارث. سندس نياڻي. سنڌ جي سپوت راڻي. اسان کان جدا ٿي وئي. پنج ڏينهن ٿي ويا آهن. پر ڪيترن گهرن ۾ چلهہ نہ ٻري سگهي آهي ڳڙهي خدا بخش جيڪو شهيدن جو قبرستان آهي. اتي. رات ڏينهن هزارين رويئندڙ ۽ ماتم ڪندڙ موجود آهن. واقع ڪربلا کان اڳ جيڪو ١١ جنوري کان شروع ٿيندو. مجلسون ۽ شام غريبان جون ڳالهيون ٿي رهيون آهن. ملڪ جي پريس توڙي اليڪٽرانڪ ميڊيا جيڪو ڪردار ادا ڪيو آهي. ان تي ڪين سلام آهي. هن وقت ضرورت انهيءَ ڳالهہ جي آهي تہ جيڪا شمع شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ٻاري ۽ جنهن کي طوفانن. مصيبتن کان شهيد بينظير ڀٽو بچائيندي رهي. انهيءَ جي روشني ۾ هن قافلي کي اڳتي هلڻ کپي. همت ۽ مڙسي سان يقينن اها منزل حاصل ٿي سگهي ٿي. پنهنجن لاءِ انهن شهيدن پنهنجي نعرن جو نذرانو پيش ڪيو آهي. ملڪ کي هن وقت اهڙن ئي اڳواڻن جي ضرورت آهي، جيڪي جدوجهد ۽ محنت سان آمريت جي ڪوٽ کي ڊاهي پرزا ڪن ۽ اهو ئي محترمہ شهيد بينظير ڀٽو جو مشن هو.

[1] روزاني خبرون، حيدرآباد. 2 جنوري 2008ع)

www.bhutto.org

تہ خوش هئي! ٻار جڏهن ميلي تان واپس گهر موٽڻ لڳندا آهن تہ خوشيءَ وچان ڪلڪندا ڪڏندا هڪ ٻئي سان ميلي جون ڳالهيون ڪندا ويندا آهن.
مون کي بينظير ڀٽو اها ٻارڙي لڳي. جيڪا جلسي مان خوش ٿي گهر وڃي رهي هئي. هن جي منهن تي ٻارن واري معصوم مرڪ هئي ۽ هوءَ مرڪي پنهنجو ڪارڪنن ۽ ساٿين سان خوشي ونڊي رهي هئي. هنن کان موڪلائي رهي هئي. مون سوچيو تہ جڏهن هوءَ ليند ڪروزر جي سن روف مان نڪري ڪارڪنن جي نعرن جي جواب ۾ مرڪي ٻانهن لوڏي رهي هئي تہ اوچتو هن تي گولين جو وسڪارو ٿيو ان وقت هن جي چپن تي لازوال مرڪ هوندي ۽ هن جو هٿ هوا ۾ گل وانگر لڏي رهيو هوندو.
منهنجي هانءَ تي چڙهيل ڳوڙهو منهنجي گلي ۾ اٽڪي بيهي رهيو. نڙي ۾ ڦاٿل ڳوڙهو ٻئي ڏينهن بہ اٽڪيل رهيو رات وارو هينگ اوور ٻئي ڏينهن وڏي ويو هو. ٽي وي اسڪرين ڏنڌلي نظر اچڻ لڳي. اخبارن ۾ ڇپيل اکر ماڪوڙيون بنجي سڙڻ ٿي لڳا. ڇا ڪجي جو من جي مونجهہ گهٽجي ۽ گلي ۾ ڦاٿل ڳوڙهو لهي وڃي! ڪا جان هجي، ڪو دل گهريو دوست هجي، جنهن سان اهو بيپناهہ درد ونڊجي ۽ ورهائجي. خيال آيو تہ دوستن کي ايس ايم ايس ڪجي، موبائل جي فون بڪ مان سئو کن دوستن جن ۾ اديب ۽ غير اديب شامل هئا. تن کي هيءَ ايس ايم ايس ويو: "اسين سنڌي، سنڌ جي نياڻي بينظير ڀٽو جي شهادت تي هڪ ٻئي سان تعزيت ڪريون ٿا." جواب ۾ ڇڻ مينهن وسي پيو ڇڻ سمورا دوست درد ونڊڻ ۽ ورهائڻ جي انتظار ۾ هئا. امر جليل لکيو: "قاتل ڪٿي ڪير بہ هجي، ڪيترو بہ طاقتور هجي تورڙي آمر ۽ ان جا بگهڙ هجن، سنڌين کي نڪري نروار ٿي انهن جي خلاف پنهنجي ڪاوڙ ۽ نفرت جو اظهار ڪرڻ ڪپي." شمشير الحيدري لکيو: "سنڌين جي اڳيان هاڻي بدترين ڏينهن آهن پر ان ناحق خون جو نتيجو سچي پاڪستان کي ڀوڳڻو پوندو." قمر شهباز لکيو: "بي بي سنڌين جي اميد جو آخري ڪرڻو هئي، اميد مري وئي، اسين آخري ڀيرو يتيم بنجي وياسين ۽ اسان جي ڌرتي ڳجهن جي حوالي ٿي وئي." آغا رفيق لکيو: "ها يار ڳالهہ سچي آهي." اعجاز قريشي لکيو: "منهنجا بہ اهي ئي احساس آهن. سنڌين کي هاڻي سنجيدگيءَ سان ڀيهر سوچڻو پوندو." عنايت بلوچ

لکيو: "ها، سنڌ جي نياڻي جي شهادت تي اڄو تہ پاڻ ۾ گڏجي ڏک، غم ۽ تعزيت ونڊيون ۽ ورهايون." اياز گل لکيو: "سنڌ جي آخري اميد بہ ختم ٿي وئي، تون، مان ۽ رڳو ڳوڙها... ناول جي پڇاڙي آ..." اسحاق سميجي لکيو: "آئون اوهان کي اسان سڀني جي پيڻ جي گذاري وڃڻ تي، پرچاڻي ڏيان ٿو." تاج جويي جواب ۾ شيخ اياز جو هي شعر لکي موڪليو:

سارا سور سلينديون يار
اکڙيون ڪيئن اليندديون يار
تارا ڪيئن نہ تڪينديون يار
سار۔ سمرٽي سرندي رهندي،
ڳوڙها ڪونہ ڳڙينديون يار.

قاضي خادم لکيو: "بينظير رڳو سنڌ جي نہ پر دنيا جي بهادر ۽ باهمت خاتون هئي." قاضي منظر حيات لکيو: "ڳوڙها... ڳوڙها... ۽ گهرو غم..." تون سدا حيات آهين، موت جي شڪست آهين... هڪڙي دوست لکيو: سنڌ، سسئي ۽ سور ويا پٽيندا پاڻ ۾... الوداع ڀيڻ بينظير بٺڊ مارننگ... ورسٽ مارننگ... ۽ ٻيا ڪيترا ايس ايم ايس پڙهندي من پرجي آيو پر روئڻ چاهيندي بہ روئڻ ڪونہ آيو گلي ۾ سڏڪو ڦاٿل ئي رهيو. ان وقت هڪ انتهائي پياري دوست نواب منظور حسين ٽالپر جو فون آيو "ادا" هن اوڇنگار ڏئي چيو "اسين ڦرجي وياسين... ظالمن اسان جي چيلهہ ڀڃي ڇڏي..." منهنجي ڳلي ۾ ڦاٿل سڏڪو ٻاهر نڪري آيو ۽ اسين ٻئي روئڻ لڳاسين. "سنڌ سان قهر ٿي ويو... اسين نڌڻڪا ٿي وياسين."

(روزاني ڪاوش، حيدرآباد 4 جنوري 2008ع)

www.bhutto.org

# هميشه لاءِ فريز ٿي وئل لازوال مرڪ

## شوڪت حسين شورو

ڳڙهي خدا بخش. شهيد بينظير ڀٽو جي تازي ٺهيل قبر. سنڌي اديبن ۽ دانشورن جو وفد قُل پڙهي رهيو آهي. قبر مٿين گلن سان ڍڪيل آهي. ان جي ڪابي طرف شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي چبوتري هيٺان قبر آهي ۽ ٻئي پاسي ساڄي طرف شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو ۽ شهيد شاهنواز جون قبرون آهن. وولپرٽ پنهنجي ڪتاب "ذلفي ڀٽو" ۾ لکيو آهي ته "ڀٽي خاندان جي تاريخ غير فطري موتن سان ڀريل آهي." گذريل 28 سالن اندر بينظير پهرين پنهنجي شهيد پيءُ کي ۽ پوءِ پنهنجن ٻن شهيد ڀائرن کي ڳڙهي خدا بخش ۾ دفنايو ۽ آخر ۾ هوءَ پاڻ هنن جي نقش قدم تي هلندي، شهيد ٿي، هنن جي پاسي ۾ ابدي آرام پئي ڪري. هن وڏو پنڌ ڪيو هو پر هوءَ اڃا ٿڪي ڪانه هئي. هن وٽ اٿاهه حوصلو هو همت هئي ۽ هن اهو حوصلو ۽ همت پنهنجي ملڪ جي عام ماڻهن کي ڏيڻ ٿي چاهيو. هوءَ ٻه ڀيرا وزيراعظم ٿي. جيتوڻيڪ هوءَ عام ماڻهن، غريبن ۽ مسڪينن جي قسمت بدلائي نه سگهي، هنن جي غربت مٽائي نه سگهي، پر هن انهن کي جيڪا همت ڏني، حوصلو ڏنو ۽ سڀ کان وڏيڪ پنهنجائپ ڏني، اها سڀ کان وڏي ميراث آهي. هوءَ سيني جي ڀيڻ هئي. ان ڪري ته ماڻهو هن جي شهادت تي، سنڌس بي وقتائتي موت تي چريا ٿي پيا هئا. "پڇاڙان پرين، ڏجي باهه ڀنڀور کي" وانگر هنن سڀ ڪجهه جلائي، خاڪ ڪري ڇڏڻ ٿي چاهيو. هنن جي ڏکوئيل بدحال زندگيءَ ۾ باقي بچيو به ڇا هو!

پاڪستان جي 60 سالن جي مختصر تاريخ ۾ ڪڏهن بہ اهڙو لقاءُ ڏسڻ ۾ ڪونہ آيو آهي، پر سنڌ جي تاريخ تہ لکين سالن تائين پکڙيل آهي. سنڌي ماڻهن عربن جي ڪاهہ کان وٺي هزارين سالن تائين غلاميءَ جا بدترين دور ڏٺا آهن. جن ۾ ارغونن، ترخانن، پورچوگيزن مغلن ۽ افغانن جي هٿان قتل عام جا خوفناڪ منظر آهن. سنڌي ماڻهن جي نفسيات جيڪا نهي هونديءَ سا سمجهڻ ڏکي ڪانهي. تاريخ هنن کي ساٺو ڪري ڇڏيو. سست بنائي، سمهاري ڇڏيو آهي ماڻهو بينظير ڀٽو جي شهادت واري خبر تي ڇرڪ ڀري جاڳي پيا آهن، ردِ عمل ۾ هُنن جيڪي ڪجهہ ڪيو ان جو ماضيءَ ۾ مثال ڪونہ ٿو ملي. اسين پڙهيل لکيل سفيد پوش سنڌيءَ جيڪي پنهنجن گهرن ۾ ڏک وچان روئون ٿا تڏهن بہ لکي، تن کي حيرت آهي تہ "عام سنڌي ماڻهو اهڙا تہ ڪونہ آهن، اهي ايئن ڪيئن ٿا ڪري سگهن" پر هنن ائين ڪيو آهي ۽ اجا گهڻو ڪجهہ ڪري سگهن ٿا. جن هنن جا حق کسيا آهن ۽ هنن کي بربادي ۽ پستيءَ جي ڪاهيءَ ۾ ڌڪي رکيو آهي، تن جي ظلمن جا ڏينهن اچي پنا آهن.

سنڌ سان جيڪي سياسي، معاشي ۽ ثقافتي ناانصافيون ٿيون آهن، تن جو ڪاٿو ئي ڪونهي. هن ڏکويل ماڻهوءَ جي سورن جي ڪا پڇاڻي نظر نٿي اچي. ان وچ ۾ ڪيترا ڪونڌر ڪسجي ويا. 1979ع کان وٺي 2007ع جي ختم ٿيڻ تائين رڳو 28 سالن جي مختصر عرصي ۾ چئن سنڌ جاول اڳواڻن کي مختلف طريقن سان ماريو ويو.

ذوالفقار علي ڀٽو هن ڌرتيءَ جو اهو پهريون سياسي اڳواڻ هو جنهن غريب ماڻهن جي لاءِ اٿي، لٽي ۽ اجهي جو نعرو هنيو جنهن عام ماڻهوءَ کي سياسي شعور ڏنو دنيا جي هن مجيل ذهين شخص جو عدالتي قتل ڪيو ويو 4 اپريل 1979ع جي صبح جو سندس لاش سنڌ ڌرتيءَ ڏانهن روانو ڪيو ويو ان پيغام سان تہ ملڪي سيٽ اپ ۾ هڪ سنڌي اڳواڻ ناقابلِ قبول آهي. 17 جنوري 1987ع تي سنڌ جي هڪ عوامي اڳواڻ فاضل راهوءَ کي مارايو ويو ڇو تہ هو انقلابي هو ۽ ملڪ ۾ مروج ڦرلٽ واري نظام خلاف هن بغاوت ڪئي هئي. فاضل راهو جي سياست روايتي وڏيرڪي سياست کان بلڪل مختلف هئي. هن اقتداري سياست بدران ڪوڙ ۽ ڦرلٽ جي بنياد تي بيٺل سياسي ۽ معاشي نظام کي بدلائڻ جي جدوجهد پئي ڪئي.

www.bhutto.org

هن هاري ۽ پورهيت کي مالڪي ڏيارڻ ۽ جمهوري لبرل روين جي ڳالهه ڪرائي. هن فوجي جنتا سان ٽڪر کاڌو. اسٽيبلشمينٽ هن جي ويري بنجي ويئي ۽ هن کي شهيد ڪرائي. سنڌي ماڻهن کي هڪ ٻئي بهادر ۽ پرخلوص اڳواڻ کان محروم ڪيو ويو. ٿيون اڳواڻ جي ايم سيد آهي، جنهن سنڌي ماڻهن کي قومي شعور ۽ قومي سڃاڻپ ڏني. جيتوڻيڪ هن جو موت فطري هو پر ان لاءِ ذميوار اسٽيبلشمينٽ ئي آهي. هن کي سندس زندگيءَ جو وڏو عرصو نظربند ڪري رکيو ويو سندس چرپر تي پابنديون مڙهيون ويون. بيمارين هن جي ڪمزور جسم کي ساڻو ڪري ڇڏيو. جي ايم سيد جنهن نئين سنڌ اڏڻ جا خواب ڏٺا هئا. تن خوابن کي 25 اپريل 1995ع ۾ ماريو ويو.

انهن ٽن اڳواڻن کي ميدان تان هٽائڻ کان پوءِ هڪ وڏو خال پيدا ٿي پيو هو محرومي ۽ مايوسيءَ واري ان دور ۾ بينظير ڀٽو ميدان تي آئي. هن سنڌي ماڻهن جي ڦٽن تي ڦهو رکيو. هنن کي ڪنڌ مٿي ڪري جيئڻ سيکاريو. هن حوصلو ڏنو همت ڏني. ان ڏوهه ۾ هن جي مٿان جلاوطني مڙهي وئي. هن کي پنهنجي ڌرتيءَ کان پري رکڻ جي لاءِ سوين حيلا هلايا ويا. پر ملير کان سواءِ مارئيءَ جي زندگي بي معنيٰ هئي. ولايت ۾ هر قسم جي سهوليتن ۽ آرام آسائش هوندي به بينظير ڀٽو کان پنهنجا مارو ۽ پنهنجي ڌرتي ڪانه وسري.

18 آڪٽوبر 2007ع تي جڏهن بينظير ڀٽو پنهنجي ماڳ تي موٽي آئي ته هوءَ هڪ بدليل ۽ نئين بينظير هئي. هن جي ڳالهائڻ ۾، هن جي مرڪ ۾ سچائي، خلوص ۽ پيار هو هن ڌرتيءَ تي پهچڻ سان ئي موت جي اکين ۾ اکيون وجهي، ان کي للڪاريو. هن دهشتگردي، مذهبي انتها پسند توڙي غربت، بدحالي ۽ بيروزگاريءَ خلاف جهاد ڪرڻ جو سڏ ڏنو. هن بنان رک رکاءَ جي لبرلزم، سيڪيولرزم ۽ جمهوري روين جي ڳالهه ڪئي، جن کي هن مملڪت مان نيڪالي ڏنل آهي. دنيا کي بيوقوف بڻائڻ لاءِ "روشن خيالي" جو ڪوڙو نعرو هڻندڙ پريشان ٿي ويا. سندن پول پڌرا ٿيڻ وارا هئا. بينظير ڀٽو هنن کي دنيا جي اڳيان وائکو ڪري ڇڏيو ته هو سچا ناهن ۽ مڪار هئا. هنن ڳجهن ادارن جي مدد سان چونڊن ۾ ڌانڌلين ڪرڻ جون رٿائون جوڙيون هيون. بينظير انهن عوام دشمن سازشن کي بي نقاب ڪري

www.bhutto.org

چڏيو. انتها پسند تہ برابر هن جي جان جا ويري هئا. پر اسٽيبلشمينٽ جنهن کي پنهنجو وجود خطري ۾ نظر آيو. سا بہ انتها پسندن سان ان ڳالهہ ۾ سهمت هئي تہ بينظير ڀٽو کي وڌيڪ وقت برداشت نٿو ڪري سگهجي.

بينظير ڀٽو ٻين سياسي اڳواڻن وانگر روبوٽ ڪانہ هئي. هن جي ڳالهائڻ، تقرير ڪرڻ جي انداز ۾ زندگي هئي، تحرڪ هو جوش ۽ ولولو هو. هن ماڻهن کي اتساهہ ڏنو سندس جلسا جلوس ٻين کان بلڪل مختلف هئا. عام خلق جيڪا اڳي، لڳي ۽ اجهي جي ڳولا ۾ پريشان ۽ سرگردان هئي، جنهن جي سياست سان دلچسپي ختم ٿي وئي هئي ۽ هڪ لاتعلقي پيدا ٿي وئي هئي، سا ٻيهر ڇڪجي بينظير ڀٽو جي جلسن جلوسن ۾ آئي. هن ماڻهن جي دلين ۾ اميدن ۽ آسن جا وسارل ڏيئا ٻيهر ٻاريا. سندس اچڻ سان سڄي ملڪ جو وايو منڊل بدلجي ويو. هن جي شخصيت ۾ هڪ عجيب ڪشش هئي ۽ هن جي اها ڪشش، اها ڪرزما لاتعلق ماڻهن کي ڇڪي، گهرن مان ڪڍي، سياست جي ميدان تي وٺي آئي. ان ڳالهہ اسٽيبلشمينٽ کي ڏيڇاري ڇڏيو هنن بينظير جي ڪرپشن بابت بي پناهہ پروپيگنڊه ڪئي هئي، هو گوئبلز کان بہ گوءِ کڻي ويا هئا. ان ڪري هنن کي يقين هو تہ سندن پروپيگنڊه جي ڪري ماڻهو بينظير کان بدظن ٿي چڪا هوندا ۽ سندن جلوس توڙي جلسن ۾ ماڻهو ڪونہ ايندا. پر بينظير جو والهانہ استقبال ڏسي، اسٽيبلشمينٽ وائڙي ٿي وئي ۽ ان کي پنهنجين چال بازين جا ڏينهن پورا ٿيندي ڏسڻ ۾ آيا. لياقت باغ راولپنڊيءَ ۾ پنهنجي آخري تقرير ۾ بينظير چيو هو تہ "راولپنڊي مونکي خوشيون بہ ڏنيون آهن، تہ ڏک بہ ڏنا آهن. شهيد بابا جڏهن وزير هو تہ اسين راولپنڊي ۾ رهندا هئاسين. آئون هتي اسڪول ۾ پڙهندي هيس، ان وقت مون کي هتان خوشيون مليون، پر پوءِ هن شهر ڏک بہ گهڻا ڏنا. ذوالفقار علي ڀٽي کي هن ئي شهر ۾ شهيد ڪيو ويو."

ان وقت ڪنهن کي خبر هئي تہ ٿوري دير کان پوءِ هي بيدرد شهر ڪيڏو وڏو ڏک پهچائڻ وارو هو. موت برحق آهي. هر جيوَ کي هڪ ڏينهن مرڻو آهي. پر اهو موت ڪيڏو نہ شاندار آهي، جنهن ۾ ماڻهو پنهنجن پيارن کي کلندي، مرڪندي ۽ هٿ لوڏيندي الوداع ڪري وڃي.

سنڌالاجي جي "بينظير ڀٽو گئلريءَ" ۾ هن جون ڪيتريون يادگار

شيون محفوظ ڪيل آهن. سندس فوٽن جا البم آهن. انهن تصويرن ۾ سندس خوبصورت مرڪندڙ منهن هر ايندڙ جي آجيان ڪري ٿو. سندس اها مرڪ جيڪا مونا ليزا جي مرڪ کان وڌيڪ خوبصورت آهي، سا گوليءَ لڳڻ سان فريز ٿي وئي آهي. ماڻهن جي دلين ۾ ذهنن ۾ ۽ يادگيرين ۾ اها لازوال مرڪ هميشه زنده رهندي ۽ هڪڙي نسل کان ٻئي نسل تائين منتقل ٿيندي رهندي.

(روزاني ڪاوش، حيدرآباد، 10 جنوري 2008ع)

www.bhutto.org

# ويساهه گهاتيءَ سان ماربل

# عوامي ويساهه جي علامت!

نثار احمد کهڙو

ڪنهن وڏڙي جي قضئي تي ان جي اولاد. يا ڪنهن اولاد جي موت تي ان جا والدين جيڪي پار ڪڍن ٿا. ان جي وڇوڙي جو سوچي سوچي جيئن بيحال ٿين ٿا. تيئن اهي ان مري ويل جي موت جا سبب سڏڪن ۾ پڏائيندا رهن ٿا. "ها ادا بس الله سائين جي مرضي هئي. جوان هيو. گڙدن جو مرض ماري ويس." يا ڪنهن کي اوچتو دل جو سور پوندو ته ماڻهو ان اوچتي لاڏاڻي کي الله جي منشا سمجهي روئي پٽي. آهستي آهستي وري پنهنجي ڪم ڪار سان لڳي ويندا آهن. پر مان پنهنجي اڳواڻ. ٻه دفعا وزيراعظم رهندڙ شهيد پيءُ جي نياڻي. پيپلزپارٽي جي چيئرپرسن محترمه بينظير ڀٽو صاحبه جي قتل وسيلي شهادت کي ائين نٿو سمجهان. اهو هتان جي قاتلن جو ڪم آهي. الله سائين ڪنهن به انسان جي قتل کي ڪنهن به معنيٰ ۾ ۽ ڪنهن به حالت ۾ جائز ۽ بخشڻ قابل نه ٿو سمجهي. ان ڪم کي ڪڏهن به معاف نه ٿو ڪري. قاتل پاڪستاني هجي. يا غيرپاڪستاني. اهو الله تعاليٰ جي دربار ۾ ناقابلِ معافي آهي.

اسان سمورا ماڻهو جيڪي محترمه سان سڪئي ۽ ڏکئي دور ۾ گڏ رهيا آهيون. انهن سڀني لاءِ اهو تمام وڏي انسانَ جو قتل اسان جي سمورين خواهشن. آئيندي واسطي آئيڊيان پاڪستان ۾ سک. امن. خوشحالي ۽

رواداري توڙي جمهوريت جو قتل آهي. جڻ تہ 2000 ورهيہ پراڻو سماج هجي. جتي ماڻهو سياسي طور پچي نہ سگهي. يا مقابلو نہ ڪري سگهي تہ پنهنجي مخالف کي ڪوڙ ۽ دوکي سان مارائي ڇڏي اهي قاتل جي روادار هجن ها. باظرف هجن ها. باوصف هجن ها. جمهوريت پسند هجن ها آمريت جا انڪاري هجن ها ۽ ان جا دلال ۽ زرخريد غلام نہ هجن ها تہ اسانجي ليڊر ۽ چيئرپرسن صاحبہ قتل نہ ڪئي وڃي ها ۽ ساڳي محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ ٽيون ڀيرو بہ وزير اعظم ٿي پنهنجي جمهوريت ۽ عوامي آزادي جا نوان رڪارڊ قائم ڪري ها جنهن تمام وڏي ليڊر جو قتل ڪيو ويو آهي. اها اسان جي يادن جو وڏو ۽ زرخيز سرمايو آهي. هن جون هزارين ڳالهيون، هدايتون، هيءُ ڪريو هيءُ نہ ڪريو هيڏي وچو هن سان ملو. . . پر هن سان نہ ملو فلاڻو بيان فلاڻي جي ٽالي سان ڏيو فلاڻي ليڊر کي صاف لفظن ۾ نياپو ڏيو تہ. "بي بي جو خيال هي آهي" فلاڻن فلاڻن صحافين سان ملڻ گهرجي. انهن کي فلاڻيون ڳالهيون بنا دير سمجهائڻ گهرجن تہ جيئن اهي اصل ڳالهيون بنا نقصان جي سمجهي وڃن. وڪيلن، اديبن، شاگردن، عورتن، هارين ۽ ليبر جا محاذ ڪم گهٽ ڪن ٿا. اهي ڪيئن وڌائڻ گهرجن. اهڙيون ۽ ٻيون تمام گهڻيون ڳالهيون.

## 4 اپريل 1997ع

هر سال جيئان شهيدِ قائد ذوالفقار علي ڀٽي جي ورسي ملهائڻ لاءِ محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ ڳڙهي خدا بخش ڀٽو ايندي هئي. 4 اپريل تي "ڀٽو هائوس" ۾ دانشورن، شاعرن ۽ اديبن سان نشست رکي ويندي هئي. اتان محترمہ ڳڙهي خدا بخش ڀٽو جي قبرستان پهچي پنهنجي شهيد والد ۽ شهيد ڀائرن جي مزارن تي گل رکي وري مشاعري ۽ سياسي نشست ۾ موجود هوندي هئي. شام جو پارٽي جي سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪميٽيءَ جو اجلاس سڏائي نيون راهون ۽ نوان طريقا سوچيا ويندا هئا.

4 اپريل 1997ع تي شهيد ڀٽي جي 18 هين ورسي نہ رڳو منفرد ۽ اهم ورسي هئي، پر اها پيپلزپارٽي سان هڪ خطرناڪ کيڏ کان پوءِ ٿيندڙ ورسي هئي. ان ورسي کان ست مهينا اڳ 20 سيپٽمبر 1996ع تي شهيد ڀٽي صاحب جو وڏو فرزند شهيد ڪيو ويو هو. پارٽي جا مخالف ان سازش

۾ ڪامياب ويا هئا ۽ هنن "هڪ ڀٽو نتل ڪرائي. ٻئي ڀٽو کي اقتدار کان الڳ ڪريو" واري پاليسي تي عمل ڪري ڇڏيو. محترمہ ۽ سموري پارٽي مير جي قتل تي نہ رڳو پريشان ۽ ڏکاري هئي. پر هن کي هر گهڙي ان قتل جي اصل سببن جانچڻ جي اوڻ هوندي هئي. هوءَ هر گهڙي پنهنجي ان ڳالهہ کي ورجائيندي هئي تہ. "مون کيس ان ڪري ملڪ ۾ واپس اچڻ کان جهليو هو" ڪنهن بہ قاتل کي پڪڙڻ بدران هنن وڏي سازش جي اسڪيم نمبر ٻہ تي عمل ڪندي محترمہ جي ڀٽو فيملي ۾ شگاف وجهڻ واسطي سندس ور آصف علي زرداري جي خلاف طوفانن کان بہ تيز پروپيگنڊا شروع ڪرائي ڇڏي. پنهنجي ڀاءُ جي قتل ۽ قاتل جي نشاندهي واسطي محترمہ اسڪاٽليند يارڊ وارن کي گهرائي انهن کان شهيد ڀاءُ جي جانچ ڪرائي. پر جيئن ئي پ پ پ سرڪار ختم ڪئي وئي تہ اهي جانچون بہ ختم ڪرائي انهن ٽيمن کي واپس موڪليو ويو.

رات جو دير سان پارٽي اليڪشن جو رزلٽ ڏسي محترمہ مون کي چيو هو تہ. "مخدوم صاحب سنڌ صدارت لاءِ سڀ کان وڌيڪ ووٽ کنيا آهن. پر هو سنڌ جي صدارت نہ ٿو وٺڻ چاهي. تنهنجو پنهنجي باري ۾ ڇا خيال آهي؟" سندس اهو سوال ڇپ کان ڳرو هو پارٽي صدارت جي وزن کان بہ وڌيڪ. منهنجي ذهن ۾ پراڻا صدر عبدالوحيد ڪٽپر. جتوئي صاحب. مخدوم خليق. هزار خان بجاراڻي وغيره ڦري آيا. مان جيتوٽيڪ اليڪشن جو اميدوار نہ هيس. پر محترمہ جي سواليہ مرضي ڏسي مون "ها" ڪئي. ٻئي ڏينهن اخبارن ۾ منهنجي صوبائي صدارت جو ٻڌي سئو سيڪڙو ماٺهو حيران ٿيا هئا تہ لاڙڪاڻي جي کهڙي کي ايڏي وڏي ذميواري ڪيئن ڏنائين؟ منهنجي ذهن تي اڪثر ڪري منهنجي چاچي مرحوم خانبهادر محمد ايوب خان کهڙي جي سنڌ سان ڪيل ويڏن ياد رهي ٿي. الله کان پناهہ بہ گهرندو آهيان تہ اهڙو مون کي تہ ڇا. ۽ ڪنهن کي بہ نہ ڪري جيتوٽيڪ منهنجي والد جي وفات سبب خانبهادر صاحب مون کي ننڍي هوندي کان پاليو هو پر سندس ان "ذاتي" مهرباني جي ڪري "قومي ڏوهہ" کي وساري نٿو سگهجي. ان ڪري پيپلز پارٽي جي صوبائي ڪمان ملڻ ڪري منهنجي ذهن تي سنڌ سوار رهي ۽ مون سمورن صوبائي صدرن کان گهڻو ڪم ڪري پيپلزپارٽي کي عوام سان ڳنڍڻ جو ڪم ڪرڻ جي

www.bhutto.org

ڪوشش ڪئي. جنهن لاءِ محترمہ شهيد مون کي 5 اپريل 1997ع تي نئون ديرو ۾ مقرر ڪيو هو.

10 جولاءِ 1997ع بلاول هائوس ڪراچي

صبح جي پهر تي ڏڪالاباغ ڊيم خلاف جوڙيل "اينٽي ڪالاباغ ڊيم فرنٽ" جا اڳواڻ محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ پاران چانهہ جي دعوت تي سڏايل هئا رسول بخش پليجو، اجمل خٽڪ ، قادر مگسي، ايڊوڪيٽ يوسف لغاري وغيره موجود هئا. اجمل خٽڪ محترمہ کي ٻڌايو تہ "خان عبدالولي خان اٽڪ پل تي پاڻ کي ڪٽ تي ڪٽائي ايندو" بين ليڊرن ان اشوءَ تي محترمہ کي الاهي تفصيل ڏنا. اوچتو انهن ليڊرن جي هٿن تي رکيل ساسر چانهہ جي ڪوپن سميت لرزش ۾ اچي ويا، جڏهن محترمہ چيو تہ جيڪڏهن بيرسن ولي خان پاڻ ڪٽائي جدوجهد ڪري سگهي ٿو تہ مان تہ اڃا جوان آهيان. ايئن چئي هن اعلان ڪيو هو تہ "سنڌ-پنجاب بارڊر ڪمون شهيد تي ڊئم مخالف ڌرتي جي اڳواڻي مان پاڻ ڪنديس" هنن مون تي خاص مهرباني ڪندي انهن اڳواڻن جي روبرو انگريزي ۾ چيو هو: Nisar . I follow you. (نثار! مان تنهنجي ڳالهہ مڃيان ٿي). پنپهرن جو محترمہ ڪراچي پريس ڪلب ۾ اها تاريخي پريس ڪانفرنس ڪندي ان ڊئم جي بنيادن کي هميشہ لاءِ کوکلو ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي ڪيل واعدي هيٺ سنڌ-پنجاب بارڊر تي، ڪمون شهيد وٽ تاريخي ڌرڻو هنيو، هن سنڌو درياءَ جي بچاءَ واسطي پنهنجي تاريخ رقم ڪري ڇڏي هئي.

دبئي آڪٽوبر 2007ع

محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ 18 آڪٽوبر تي جلاوطني ختم ڪري وطن واپس اچڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو هو. اسان سڀ تيارين ۾ لڳل هئاسين. هڪڙي ڏينهن اسان کي دبئي ۾ سڏ ٿيو تہ اسان استقبال جي تيارين جي سلسلي ۾ اوڏانهن وياسين. پنجاب، سرحد ۽ بلوچستان مان بہ مرڪزي عيرضي آيا هئا. استقبال جي باري ۾ مون محترمہ کي ايترو چوڪس نہ ڏٺو جيترو ڪيس هجڻ گهرجي ها. فطري طور هن جي خوشي ڏسڻ وٽان هئي. پر هن جي سموري رٿابندي ۾ هر گهڙي اها ڳالهہ هئي

تہ "جنهن گاڏيءَ ۾ مان هونديس. ان ۾ مون سان گڏ ڪوئي بہ نہ هوندو." اسان سندس اها ڳالهہ ٻڌي اول چپ ۽ پوءِ مڪمل احتجاجي ٿي وياسين. اسان محترمہ کي چيو تہ اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي تہ ان استقبالي گاڏيءَ تي رڳو اوهان هجو؟ اها ڳالهہ ماڻهن کي سٺي نہ لڳندي. محترمہ ان تي پنهنجي لاجڪ کان آگاهہ ڪندي چيو تہ " ان استقبال ۾ مون تي حملو بہ ٿي سگهي ٿو پارٽي جي باقي قيادت کي بچڻ گهرجي."

اسان اها ڳالهہ ٻڌي ويتر ضد ڪيو تہ پوءِ جيڪڏهن حملو ٿئي ٿو تہ اوهان تي اڪيلي سر ڇو ٿئي؟ اسان جي ان ضد کي ڏسي هن فيصلو ڪيو تہ "ايئرپورٽ کان هر ٻن ٽن فرلانگن لاءِ گاڏيءَ ۾ پنجن پنجن جو گروپ مون سان گڏ هوندو ۽ هر ٽن فرلانگن کان پوءِ اهو گروپ تبديل ٿيندو." پيپلزپارٽي جي رواج پيل ڪلچر جي خلاف اها ڳالهہ ٻڌي اسان سڀ چپ ٿي وياسين. ان چپ جي ماحول کي محترمہ جي اڳئين جملي ٽوڙيو جڏهن هن چيو هو تہ "اها انهن جي بدنصيبي ٿيندي، جيڪي مون سان گڏ حملي ۾ شڪار ٿيندا" ان ڳالهہ ٻڌڻ کانپوءِ مون کي "مشرف ڊيل" جي خطرناڪ پروپيگنڊا ۽ محترمہ پاران امڪاني جاني نقصانن واري احتياط ڪنفيوز ڪري ڇڏيو. مان دبئي مان منجهيل منجهيل موٽي آيو هوس.

27 ڊسمبر تي شام جو عوامي جلسي ۾ خطاب ڪندي محترمہ بينظير ڀٽو اوچي ڳاٽ عوام سان خوشيون ۽ مرڪون ورهائيندي اڪيلي سر پنهنجي جان ڏئي عوام جي پارٽيءَ کي بچائيندي پاڪستان لاءِ شهيد ٿي وئي. سندس شهيد ٿيڻ کان پوءِ 40 منٽن تائين گهرو وزارت اهو اعلان ڪندي رهي تہ "محترمہ بينظير ڀٽو مڪمل محفوظ آهي، بم ڌماڪي مهل هوءَ جلسو ختم ڪري وڃي چڪي آهي." ان سان ان وقت بہ ويساهہ گهاتي ڪئي پئي وئي. ايئن ئي جيئن ملڪي تاريخ ۾ ڀٽو فيملي سان اسٽيبلشمينٽ ويساهہ گهاتيون ڪندي آئي آهي.

(روزاني ڪاوش، حيدرآباد، 18 جنوري 2008ع)

www.bhutto.org

# محترمه جو مشن ۽
# سندس ڪجهه يادگيريون

چام ساقي

مون سمجهيو هو تہ محترمه جيترو پائيندي آهي ان جي پيش نظر ٿيندو هينئن جو جڏهن آئون موڪلائي ويندس تہ هوءَ جيڪا اسان جي شهزادي بہ آهي ۽ راڻي بہ آهي اها منهنجي قبر تي ايندي ۽ اوڇنگارون ڏيئي دعا گهرندي، پر ٿيو ان جي ابتڙ جو مونکي هن جي قبر تي وڃي اوڇنگارون ڏيئي دعا گهرڻي پئي. يادگيريون ايتريون آهن جو لکڻ جي همت نہ آهي

1983ع ۾ جڏهن اسان تي نظريہ پاڪستان جي خلاف ورزيءَ جو ڪيس فوجي ڪورٽ ۾ هلايو پئي ويو ان ڪيس ۾ مون سان گڏ نوجوان ۽ هاٺوڪو وڏو وڪيل شبير شر، صحافي سهيل سانگي، امر لال، مشهور اديب بدر ابڙو احمد ڪمال وارثي ۽ مشهور ڪميونسٽ رهنما پروفيسر جمال نقوي هئا.

اسان لڳ ڀڳ بہ سئو کن پنهنجي بچاءَ جي شاهدن جا نالا ڏنا هئا. جن ۾ ملڪ جا اڪثر مشهور رهنما هئا. فوجي ڪورٽ وارن محترمه بينظير صاحبہ جي اچڻ جي منظوري ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو پر پوءِ جڏهن مير غوث بخش بزنجو خان عبدالولي خان، معراج محمد خان، فتحياب علي خان، منهاج برنا ۽ ٻيا اچي ويا ۽ بيماريءَ جي ڪري خان غفار خان ۽ فيض احمد فيض نہ اچي سگهيا تہ اسان نئين سر درخواست ڏني تہ جيئن تہ بہ اهم رهنما بيماريءَ ڪري نہ اچي سگهيا آهن. ان ڪري

www.bhutto.org

بينظير صاحبہ کي گهرايو وڃي. ڪورٽ اخلاقي ۽ عالمي دٻاءُ جي ڪري اهڙي اجازت ڏني. جنهن تي اسان جي امان آپا ممتاز نوراني جهڙوڪر نچڻ لڳي. چئي ضياءُ پلي پيو بڪواس ڪري تہ عورت جي اڌ شاهدي آهي. پر هن عمل ثابت ڪيو تہ اسان جي ڇوڪري محترمہ بينظير) ٻن مردن جي برابر آهي.اهو فوجي ڪورٽ کي بہ ميڄڻو پيو.

محترمہ کي سمن پهتو تہ ان تي نوٽ لکيائين تہ "ڪيس اهم آهي ان ڪري مونکي پنهنجي وڪيلن سان مشورو ڪرڻ جي بہ اجازت ڏني وڃي ۽ تياري لاءِ هڪ هفتو ڏنو وڃي." سمن ان نوٽ سان واپس آئي تہ ڪورٽ جي پريزيڊنٽ ڪرنل عتيق مون کي طعنو ڏيندي چيو تہ مائهن کي اڄ شاهديءَ ۾ بہ اچڻ کان عذر آهي. سياڻي تاريخ ۾ دعوي ڪندا تہ اسان بہ گڏ هئاسين (هو ايترو سمجهي چڪو هو تہ اسان اقتدار جا نہ پر تاريخ جا مسافر آهيون.) آئون طعني تي ٻاهر نڪتس تہ ٻاهر محترمہ جو سيڪريٽري اشرف مرحوم مليو. هن کي چيم تہ ادا محترمہ کي چئو تہ نہ اچڻو آهي تہ نہ اچي باقي بهانو نہ ڏي. ڪورٽ هفتي جو ٽائيم ڏنو ۽ وڪيلن سان ملاقات جي موڪل بہ ڏني. جيڪو پوءِ محترمہ ٻڌايو تہ مون کي ڪيسن لاءِ ضرورت هئي تہ وڪيلن سان مشورو ڪريان. پر حڪومت نظربندي سبب موڪل نہ پئي ڏني.

محترمہ مقرر تاريخ تي آئي تہ مون گلن جو هار وڌومانس. هن صاحبہ قرب ڪري اهو منهنجي ڪنڌ ۾ وڌو (اهو ڪم هوءَ ئي ڪري ٿي سگهي. جهڙي تهڙي ليڊر جي جاءِ نہ هئي جو ايئن ڪري) وري الڳ گئلريءَ ۾ وڃي ويناسين تہ هڪ برگيڊيئر (شايد جلال) ۽ هڪ ميجر جنرل اچي پهتا ۽ چوڻ لڳا تہ محترمہ سان ڄام ساقيءَ جي ملاقات ٽيڻ نہ ڏينداسين. جنهن تي منهنجا نوجوان ساٿي اٿيا. شايد شبير شر چيو تہ اڳتي وڌيا آهيو تہ هٿڪڙين سان مٿو ڦاڙي ڇڏينداسين. پوءِ هو وڃي پريزيڊنٽ ڪرنل وٽ پهتا ۽ چيائيون تہ اها ملاقات بند ڪراءِ. جنهن تي ڪرنل چيو تہ شاهديءَ واري قانون Evidence Act ۾ لکيل آهي تہ ملزم ۽ ان جو بچاءَ جو شاهد خلاصو ڳالهائي سگهن ٿا. اهو ڪرنل ڳالهائي رهيو هو هو جيڪي قانون تہ ننڍي ڳالهہ آهي آئين جو بيڙو ٻوڙي ڇڏيندا آهن. هو صاحب بہ دوستن کان متاثر ٿي چڪو هو.

www.bhutto.org

محترمہ اڪيلائيءَ ۾ ويهڻ شرط مون کي چيو "ڇا توکي ايترو خراب لڳو هو جو اهو چورايئہ تہ بهانو نہ ڪر. نہ اڇڻو آهي تہ نہ اچ. ڇو؟"

مون عرض ڪيو تہ اسان ڪافي سياستدان گهرايا آهن. ڪن اچڻ کان انڪار ڪيو تہ افسوس نہ ٿيندو ڪن منٿون ڪيون آهن تہ گهرايو (ان وقت اهوئي اڪيلو سياسي پليٽ فارم هو ۽ اخبارن ۾ ڇپجڻ جو موقعو هو) پر اسان نہ گهرايو آهي، پر تون بينظير آهين. پنهنجي شهيد جي ڌيءَ آهين. تنهنجي هفتو دير بہ ڏکي پئي لڳي. وري اهو بہ ٻڌايومانس تہ منصور حلاج شهر جي وچ ۾ ٻڌو پيو هو ۽ بادشاهہ جو حڪم هو تہ جيڪو اتان لنگهي هن کي پٿر هڻي. ايئن ٿيندو رهيو تان جو اتان شبلي لنگهيو جنهن گلاب جو گل ڪڍي کيس هنيو. منصور رڙ ڪئي تہ "گهوڙا ماري چڏيئہ" ماڻهن پڇيو تہ منصور ماڻهو پٿر پيا هڻن تہ رڙ نٿو ڪرين. شبلي جي گل تي رڙ ڪئي اٿئي. منصور جواب ڏنو تہ هي تہ منهنجو دوست ۽ سمجهڻ وارو آهي. اها ڳالهہ پوري ٿي تہ محترمہ روئي پئي، هوءَ رُني تہ آئون بہ روئي پيس. آئون بہ اهو هيس جنهن کي ظالم پيا ڪٽيندا ستيندا هئا پر سُڏڪو ڪونہ پريندو هئس. سو هتي روئي پيس. وري چوڻ لڳي تہ تون جذباتي آهين. منهنجو بابا بہ جذباتي هو اسين سڀ جذباتي ٿيندا آهيون. وري اهو بہ ٻڌايو هئائين تہ تو ڪورٽ ۾ جيڪو چيو هو تہ آئون پنج هزارن سالن کان سنڌي آهيان. پندرنهن سئو سالن کان مسلمان آهيان ۽ 28 سالن کان پاڪستاني آهيان، اهو شهيد بابا اڪثر دهرائيندو رهندو هو ۽ چوندو هو "اهو ڇا م ئي ڪورٽ ۾ چئي سگهي ٿو."

هڪ ڀيري جڏهن راڻي سانئڻ ٿر جي ڪوئلي جي افتتاحي تقريب ۾ ٿر پهچي رهي هئي تہ اسان کي بہ حڪم ٿيو تہ ٿر هلو. هوءَ نہ رڳو وزيراعظم هئي پر اسان سڀني جي روحن جي راڻي هئي، سو اسلام ڪوٽ جي پاسي ۾ ٿاريو هاليپوٽو پهتاسين. اتي جڏهن لنچ جو ٽائيم ٿيو تہ مون کي بہ سڏ ٿيو. پهتس تہ پتو پيو تہ اتي سڏ ٿيو آهي جتي محترمہ معاهدو ڪندڙ ڪمپنيءَ جي مالڪ مسٽر گوردن سان لنچ ڪري رهي آهي ۽ اتي سنڌ جو وڏو وزير عبدالله شاهہ بہ آهي. محترمہ مسٽر گوردن سان منهنجو تعارف ڪرائيندي چيو تہ هي همراهہ فولادي ارادي وارو آهي، ضياءُ الحق وارو تقريبن سڄو عرصو جيلن ۽ اذيتن ۾ گذاريو اٿس. پوءِ مون کي چيائين

باقي سياستدانن جون خرابيون نظر نٿيون اچن. هر وقت مون سان الجهندا رهندا آهيو.“ مون وڏي صاف گوئيءَ سان کيس چيو تہ ”ڏسو بين سياستدانن مان اسان کي اميدون بہ ناهن تہ پوءِ شڪايتون ڪهڙيون ڪريون. توهان مان اميد آهي تہ جهيڙو ڪريون ٿا.“ جنهن تي هن مسڪرايو ۽ چيو ”توهان جي اميد مون کي ڏاڍي مهانگي پئي پوي.“

بينظير ڀٽو صاحبہ جي شخصيت جا اهڙا حساس پاسا مون ڏٺا، جو ڪڏهن شڪ ٿيڻ لڳندو هو تہ هيءَ اها ئي رهنما آهي، جنهن جي جاهہ وا جلال جا قصا سندس پارٽيءَ جا ڪيترا ئي اعليٰ رهنما ۽ ڪيترائي بيورو ڪريٽ بيان ڪندا رهن ٿا. مون سيڪريٽري سطح جي آفيسرن جون نڙيون هن جي آڏو خشڪ ٿينديون ڏٺيون ۽ ڪيترائي ڊنگ وڏيرا هن جي آڏو اچڻ کان لهرائيندا رهندا هئا.

بينظير ڀٽو واجد شمس الحسن صاحب سان گڏ هڪ ڀيري لنڊن ۾ واقع بش هائوس آئي. ڪافي ڳالهيون ٿيون، سندس انٽرويوز ٿيا ۽ جڏهن وڃڻ لڳي تہ چيائين ”جاويد ڪهڙو سنڌي آهين، مهمانن کان چانهہ جو بہ نہ ٿو پڇين؟“

ڪافي شرمندگي ٿي. مون چيو ”بي بي چانهہ جو ان ڪري نہ پڇيم، جو توهان جو گهڻو ٽائيم ورتو اٿم. هاڻي شايد توهان وٽ وقت نہ هجي.“ پر چيائين ”توهان صلاح تہ هڻو پوءِ اسان جي مرضي.“

مون چيو ”پوءِ اچو هلون ٿا. هيٺ ڪيفي ٽيريا ۾ اتي توهان چانهہ پيئو ڪافي پيئو يا ڪجهہ ٻيو وٺو توهان جي مرضي. . .“ واجد صاحب، بينظير ڀٽو صاحبہ ۽ آئون جيئن ئي ڪيفي ٽيريا ۾ داخل ٿياسين بينظير ڀٽو جي نظر ڪيفي جي فرج تي پئي. هن هڪدم اعلان ڪيو تہ ”آئون ڪولڊ ڊرنڪ پيئنديس.“ وري مون ڏانهن پوئتي مڙي پڇڻ لڳي ”ڇا هتي فانٽا ملي ٿي؟ پاڪستان ۾ مون کي فانٽا پيئڻ وڻندي هئي، هتي ڊگهي زماني کان ناهي پيتي.“

مون کيس ٻڌايو تہ ”جي ها! هتي فانٽا ملي ٿي“ اهو ٻڌندي ئي هن جي اکين ۾ چمڪ اچي وئي. ٻارڙن جهڙي معصوميت سان جهٽ هڻي فرج جو دروازو کوليائين ۽ هڪدم فانٽا جي بوتل ڪنيائين. انتهائي مسرور نظر

اچي رهي هئي. آئون ڪيس ڏسندو رهيس، ڪيفي ٽيريا ۾ ڪيترائي انگريز آفريڪي ۽ ايشيائي ماڻهو ڪيس سڃاڻندا هئا، اهي به حيران ٿيا. اجا هن ڪرسيءَ تي ويهي فانٽا جا ڪجهه ڍُڪ پيتا ئي هئا ته ڪيترائي ماڻهو ڪانئس آٽوگراف وٺڻ لاءِ اچي ويا. هن مزي سان پنهنجي ڪولڊ ڊرنڪ ختم ڪئي، آٽوگراف ڏنا ۽ اُٿي بيٺي. آئون ڪيس ٻاهرئين دروازي تائين ڇڏڻ لاءِ آيس.

ان کي اتفاق چئجي جو هن جو پاءُ مير مرتضيٰ ڀٽو پاڪستان واپس آيو ته ان سان به منهنجي سٺي دعا سلام ٿي. صحافتي حوالي سان ان تي نقطه چيني ڪرڻ کان نه گهٻرايم، پر ذاتي سطح تي ڪجهه قربت رهي. هڪ ڀيري ڪراچيءَ کان لاڙڪاڻي ويندڙ فوڪر جهاز ۾ مرتضيٰ ڀٽو مليو. مون کي ڏٺائين ته پاڻ سان گڏ ويٺل پنهنجي هڪ ڪارڪن کي چيائين ته تون جاويد جي جڳهه تي وڃي ويهه ۽ هُن کي هيڏانهن موڪل. ان جهاز ۾ پيپلز پارٽيءَ جو لاڙڪاڻي جو هڪ اڳواڻ به هو. ان شايد اسان جي ان ملاقات جو ذڪر بينظير ڀٽو سان ڪيو. ڪجهه ڏينهن کانپوءِ بي بي سان ملاقات ٿي ته چيائين "ٻڌو آهي ته مير صاحب جا توهان سان سٺا تعلقات آهن، ان کي چئو آئون تنهنجي ڀيڻ آهيان، تنهنجي ٻُرو نٿي چاهيان پر هو بندوق بازن کان پنهنجي پڇر ڇڏائي." مون ڪيس ورندي ڏيندي چيو ته "بي بي! هي اوهان جو اندروني معاملو آهي. توهان هُن جي ڀيڻ آهيو پاڻ ئي ڳالهايوس." ڪيس اها ڳالهه نه وڻي پر ڪلندي چيائين "مون کي خبر هجڻ کپي ته توهان مان ڪو فائدو نه پوندو." پر مون پوءِ بينظير ڀٽو جي ڳالهه ٻولهه تي مشتمل هڪ خبر هلائي ته جيڪڏهن مرتضيٰ ڀٽو هٿيارن مان جان ڇڏائي ته معاملا نهي سگهن ٿا. پر ڀاءُ ڀيڻ ۾ معاملا نهي نه سگهيا ۽ پوءِ اها رات آئي جڏهن آئون ڪراچيءَ جي مڊايسٽ اسپتال ۾ هئس. پاسي واري ڪمري ۾ مرتضيٰ ڀٽو جو لاش پيو هو. فجر کان ڪجهه ڪلاڪ اڳ وزيراعظم بينظير ڀٽو اوڇنگارون ڏيندي، روئندي، اگهاڙي پيرين اسپتال ۾ پهتي. ان زماني ۾ ڪيترائي ماڻهو الزام هڻي رهيا هئا ته بينظير ڀٽو وزيراعظم آهي ۽ هن پنهنجي ڀاءُ کي مارايو هوندو. پر جنهن به بينظير ڀٽو کي ان رات اوڇنگارون ڏيندي روئندي ڏٺو هوندو سو اهو نٿو چئي سگهي ته هيءَ پنهنجي ڀاءُ جي قتل ۾ ملوث ٿي

www.bhutto.org

سگهي ٿي. بينظير ڀٽو جي شهادت تي ملڪ ۾ ڪروڙين ماڻهو اوڇنگارون ڏيئي روئي رهيا آهن. هو هڪ اهڙي خاتون جي لاڏاڻي جو سوڳ ملهائي رهيا آهن، جيڪا سياست جا سڀ گر ڄاڻڻ سان گڏوگڏ هڪ اهڙي دل به رکندي هئي، جيڪا انساني جذبن سان لبريز هئي.

سياست، نظريا ۽ فلسفا سڀ بي معنيٰ آهن "صرف زندگي بامعنيٰ آهي." اهي معصوم جذبا بامعنيٰ آهن، جيڪي زندگيءَ جي رنگن کي نويد ڏين ٿا. آئون هڪ اهڙي ئي جذبي جي اظهار ڪرڻ جي جستجو ۾ آهيان. هن بم ڌماڪي کان پوءِ اها جستجو جاري هئي پر نيٺ آئون هارائجي ويس، ڇو ته لڙڪ پنهنجو رستو ٺاهي چڪا هئا.

(بي بي سي اردو ڊاٽ ڪام 28 ڊسمبر 2008ع)

www.bhutto.org

## چنو هيءَ ڇا تہ گل آهي!

نصير مرزا

هي منهنجو موبائل فون آهي، جنهن تي شهيد پيرڻ محترمہ بينظير ڀٽو بابت تعزيتي ايس ايم ايس آهن، جيڪي هڪ ٻئي پٺيان مسلسل اچن پيا ۽ انهن کي پڙهندي، پانڻيان پيو تہ سنڌ جي ليکڪن اديبن ۽ شاعرن پاران مون ڏانهن موڪليا ويندڙ اهي محض ايس ايم ايس ئي ڪونہ آهن، ڇڻ لڙڪن جون زنجيرون آهن، جن ۾ اسان سڀني جون دليون جڪڙجي ويون آهن.

ان سانحي جي دکدائڪ خبر مون کي پهريون ڀيرو ڏني ڪنهن ۽ ڪيئن؟ تہ عرض ڪريان تہ خميس ستاويهين ڊسمبر جي شام جو پنهنجي ڌيءَ سماش زهره جي سالگرهہ جو ڪيڪ وٺڻ لاءِ حيدرآباد جي هڪ مشهور بيڪريءَ جي دروازي تائين اچا آئون پهتو ئي مس هوس تہ اتان موٽر سائيڪل تي تيزيءَ سان لانگهائو ٿيندڙ روزاني "ڪاوش" جي فوٽو گرافر اشتياق شديد پريشانيءَ مان چيو هو "نصير صاحب! جلدي گهر هليا وڃو. ملڪ ۾ وڏو سانحو ٿي چڪو آهي." ۽ تيزيءَ سان اتان لنگهي ويندڙ اشتياق جي ان جملي تي اڃا سوچيم ئي پئي، جو ڪراچيءَ مان ياسر قاضي جو موڪليل پهريون ايس ايم ايس موبائل جي اسڪرين تي نمودار ٿيو. "Benazir is killed" اوچتو دماغ کي گهوماٽي اچي وئي. لڳم ڇڻ زمين پيرن هيٺان کسڪي وئي آهي. بيڪريءَ جي دروازي مان ٽڪڙو ٽڪڙو ٻاهر آيس تہ ڏٺم تہ حيدرآباد جا رستا ڪربلا جو ميدان نظر آيا. گاڏي کاتو چوڪ تائين ايندي ايندي ڏٺم ٽريفڪ جام ۽ هرطرف ڌڪاءُ، هجوم، افراتفري. . لڳم ڪنهن ڀيجاريندڙ خواب مان ڇرڪ ڀري جاڳيو

آهيان. اهڙيءَ صورتحال ۾ ڪجهه به سمجهه ۾ ڪونه پئي آيو. منهنجو ننڍڙو شهباز حيدر مون سان گڏ هو ۽ گهر ٽنڊي نوڙهي پهچڻ لاءِ ڪاٻه واهه نظر ڪانه پئي آئي. تڏهن اوچتو مون کي هندي افسانه نگار اميتائو گهوش جو اندرا گانڌيءَ جي قتل واري ڏينهن تي لکيل مضمون ياد پيو. جنهن ۾ هن لکيو هو ته، هو اها خبر ٻڌڻ سان ئي تيزيءَ سان لنگهندڙ هڪ بس ۾ ڊوڙي چڙهي پيو هو ۽ هن بس جي دريءَ مان ڏٺو ته دهلي هر طرف مقتل گاهه بڻيل هئي، سکن کي چونڊي چونڊي هندو قتل ڪري رهيا هئا. . . ۽ هيڏانهن حيدرآباد جي شهر ۾ بيشڪ ته مون کي قتل گاهه جو ڏيک نه پئي نظر آيو پر ستاويهين ڊسمبر جي ان شام جو حيدرآباد جي گهٽين ۽ پراسرار پاڙن ۾ ساهه مٺ ۾ جهلي ۽ انهن منجهان لنگهنديءَ لڳم پئي ته هر طرف ۽ گهر گهٽيءَ ۾ ڄڻ ماتم برپا هو ۽ ڄڻ گهر گهر ۾ صف ماتم وڇائبي پئي وئي. هي ساهه مٺ ۾ ڪٽي آئون جيڪو شام جو ستين وڳي گاڏي ڪاتي مان هليو هوس، پنڌ ئي پنڌ هلندو رات جو يارهين وڳي ڏاري لڪندو ڇپندو اچي ٽنڊي نوڙهي پنهنجي گهر پهتو هوس. ٺيڪ ان وقت ڪنهن ٽي وي چئنل تان ٻڌايو پئي ويو ته بينظير صاحبه جو مڙهه چڪ لالا ايئربيس ڏانهن موڪلڻ جون تياريون مڪمل. . . ۽ مون يڪدم دل ۾ سوچيو: هر دفعي هُو اسان کي ڪنهن نه ڪنهن ڪونڌر جو لاش اتان موڪليندا پئي رهيا آهن ۽ هِن دفعي وري هنن هڪ بهادر نياڻيءَ جو لاش اسان ڏانهن موڪليو آهي، لهوءَ ۾ لال لاش. ۽ ان ئي گهڙيءَ موبائل ڏانهن ڏٺم، سڪر مان اياز گل جو هنيانءَ نپوڙيندڙ ايس ايم ايس پهتو هو: "سنڌ جي آخري اميد به ختم ٿي وئي. نصير!

تون مان ۽ رڳو ڳوڙها
ناول جي پڇاڙي آ. . ."

تڏهن مون دلگير ٿي سوچيو 28 هين ڊسمبر 2007ع ڇا واقعي به سنڌ جي دکدائڪ تاريخ جي المناڪ ڏينهن طور تاريخ ۾ رقم ٿي چڪو! ۽ ان سوچ سان گڏ ئي مون کي شهيد محترمه بينظير ڀٽو صاحبه جي سفر جي پڇاڙيءَ واري هن مهيني، ڊسمبر جي "ر" سان شروع ٿيندڙ چنڊ جي مهيني "رجب" جي اٺاويهين تاريخ ۽ سن سٺ هجري ياد پيو. جڏهن امام

www.bhutto.org

حسين عليہ السلام جنابِ زينب خاتون کي ساڻ ڪري مديني مان ڪربلا جو اذيتن ڀريو سفر شروع ڪيو هو ۽ 28 هين ڊسمبر ۽ 28 هين رجب جي تاريخن جي هيءَ مشابهت پنهنجيءَ جاءِ تي، پر هي ڇا؟ ان ئي تاريخ تي جڏهن بينظير صاحبہ جو مڙهہ موهن جي دڙي ايئرپورٽ تان ڳڙهي خدا بخش آندو پئي ويو تہ هجوم ۾ هزارين ڪارڪنن ماتم ڪندي چيو پئي: "يا حسين، يا حسين"! تڏهن ٽي وي اسڪرين تي اهو سڀ ڪجهہ لائيو ڏسندي مون کي لڳو، جڻ محرم هن سال سنڌ ۾ ڏهين جنوري 2008ع کان نہ 27 هين ڊسمبر 2007ع کان ئي شروع ٿي چڪو آهي. ٽي وي اسڪرين تان نظرون هٽائي، هٿن موبائيل تي ايندڙ هيءَ ايس ايم ايس پڙهيم ۽ اهو دوست اسحاق سميجي پاران هو. لکيل هو: "نصير! سنڌ هڪ ڀيرو وري يتيم ٿي وئي، يا حسين!" تڏهن ڪمري ۾ اوچتو گهڙي ايندڙ منهنجي ڀيڻ ٻڌايو ٿي، اڄ 16 هين ذوالحج آهي ۽ اڄوڪو ڏينهن جناب زينب خاتون جي شهادت جو ڏينهن بہ آهي ۽ جناب زينب خاتون وانگر ئي ڏس نصير! هي هڪڙي عجيب هڪ جهڙائي آهي تہ جناب زينب خاتون جي عقيدتمند هيءَ محترمہ بينظير پڻ بہ، سانئڻ زينب وانگر ئي، مٽي ۾ ڏک لڳڻ باعث شهيد ٿي آهي. . . ۽ اڃا اسان ڀيڻ ڀاءُ وچ ۾ اها گفتگو جاري ئي هئي، جو شاعر ڪهاڻيڪار دوست قاضي اياز مهيسر جو اڪيون آليون ڪندڙ هيءُ ايس ايم ايس مون کي پهتو: "سانئڻ زينب خاتون! تنهنجي عقيدت مند ۽ تنهنجي زوار اڄ تو وٽ اچي پيئي. . . سانئڻ زينب! هي شهيد جي ڏيءُ اٿئي، شهيدن جي ڀيڻ ۽ خود پاڻ بہ شهيد. سانئڻ زينب! اسان جي بينظير ڀيڻ جي پارت اٿئي، ان جي پيشانيءَ تي ضرور پنهنجا مبارڪ چپ رکجانءِ. . ." ۽ اياز مهيسر جو ايس ايم ايس پڙهنديءَ اوچتو مون کي وفا ناٿن شاهيءَ جو هيءُ شعر ياد پيو!

عمر گذري وئي حسين جيان
جو مٽي ۾ لڳو يزيد لڳو.

۽ 1977ع کان وٺي 2007ع تائين بينظير صاحبہ جي راهہ ۾ ڪيڏا نہ يزيد آيا ۽ هر يزيد تي جناب زينب خاتون جي هيءَ پوئلڳ، فتح پائيندي وئي. اهو سڀ ڪجهہ منهنجي ذهن ۾ ان وقت پئي آيو. جنهن وقت دوست

www.bhutto.org

طارق عالم جو بينظير صاحب جي پرسي طور هي ايس ايم ايس مون وٽ پهتو هو: "نصير! يزيد اڄ ڪربلا جي تاريخ کي ورجائي ڇڏيو آهي. اڇو تہ منهن تي مٽي ملي. واويلا ڪريون." ۽ طارق عالم جي انهيءَ ايس ايم ايس کي پڙهي پورو ڪيم تہ عزيز دوست زيب سنڌيءَ جو جيءَ جيارينڌڙ ايس ايم ايس پهتو: "سنڌ جي مٽي پٽي صاحب جهڙا سوين سورما ۽ بينظير جهڙي بهادر هستي پيدا ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿي، ان ڪري هڪ قوم جي حيثيت ۾ هن دکدائڪ سانحي تي اسان کي شڪست هرگز تسليم نہ ڪرڻ گهرجي" ۽ زيب سنڌيءَ جي ايس ايم ايس کان پوءِ شوڪت حسين شوري جو هيءُ ايس ايم ايس رسيو ڪيم: "اچو تہ پاڻ سنڌي گڏجي سنڌ جي عظيم نياڻي شهيد بينظير ڀٽو جو هڪ ٻئي کي پرسو ڏيون." ۽ شوڪت شوري جي ايس ايم ايس کان پوءِ دوست غلام محمد ميمڻ ميجر، موهن مدهوش ۽ شاعر دوست نور چاڪراڻيءَ جا ايس ايم ايس پهتا: ڏريان ٿي ڏاريا، مٺ مٺيءَ جا نہ ٿيا!

۽ 28 هين ڊسمبر مغرب جي نماز کان ٿورو وقت اڳ، جڏهن سنڌ جي هيءَ سون ورن نياڻي سنڌو ماءُ جي هنج ۾ آرامي ٿي چڪي، تہ ڪراچيءَ مان هڪ دفعو ٻيهر ياسر قاضيءَ جو هڪ ٻيو هنيانءُ ڏاري ڇڏيندڙ ايس ايم ايس پهتو. ياسيم، اهو ايس ايم ايس مون کي ياسر قاضي ناهي موڪليو اهي لفظ مون ئي پنهنجي موبائل تي پنهنجو پاڻ کي ايس ايم ايس ڪيا آهن:

چنو هيءَ چا تہ گل آهي
رکيم جو هٿ سيني تي
لڳو بغداد دل آهي.

(روزاني ڪاوش، حيدرآباد، 30 ڊسمبر 2007ع)

www.bhutto.org

# جي ويا پهرئين پور

طارق عالم

پُرهجوم چوڪ تان واپس ورنديءَ يقين ئي نہ ايندڙ جملو ٻڌم: "چون ٿا بينظير کي گولي لڳي آهي. . .!!"

ڪجهہ گهڙين لاءِ سماعت تي گهري ماٺ ڇانئجي وئي. نظر ايندڙ سمورو منظر اسٽاپ فريم ٿي ويو. ماڻهو گاڏيون، فضا ۾ آسمان ۾ اڏامندڙ پکي ۽ پوءِ جڻ ڪنهن گهري ماٺ ۾ گولي هلائي ۽ نفيس گلدان سميت گلدان ۾ سجايل سمورا گل پنکڙيون ٿي، هر طرف هوا ۾ وکري اڏامڻ لڳا.

دل پڳي يا بسنت رُت پهتي،
ٿي لهو رنگ ريگذار آهي.

مان بلٽ پروف ٽويوٽا جي سن روف ۾ سدا ٻهڪندڙ چهري ۽ چوگرد بيٺل عوام جي پرجوش نعرن جي جواب ۾ امام ضامن ٻڌل همٿون بيٺيون ڪندڙ ٻانهن کي، آخري ڀيرو فضا ۾ بلند ٿيندي ۽ هميشہ لاءِ سن روف ۾ غائب ٿيندي ڏٺو.

ماحول ۾ هڪ اڻ لکو خوف ۽ اضطراب پيدا ٿيو. ڪن پلڪ ۾ سامهون نظر ايندڙ شيل پيٽرول پمپ جون بتيون اجهاميو ويون. دڪانن جا شٽر بند ٿيڻ لڳا. رودن تان ٽريفڪ غائب ٿيڻ لڳي. هر شخص غير محفوظ ٿي ويڻ واري احساس هيٺ محفوظ هنڌ جو رخ رکيو. گهر ڏانهن واپسيءَ تي گهرن مٿان، چونڪن تي ۽ بجليءَ جي پولز تي پيپلز پارٽي جو ٽہ رنگو

ڪنهن گهريءَ سوچ ۾ گم سم نظر آيم. وڏن وڏن هورڊنگز تي لڳل سنڌ راڻيءَ جا پرامڊ پورٽريٽس ڏسندو پنهنجي جڏي جيءَ کي آٿت ڏيندو گهر واري روڊ ڏانهن مڙيس ته ٽوليون ڪري بينظل نوجوانن. اڏڙوٽ ۽ پڙين جي چهرن تي هڪ ئي مهل شديد رنج ۽ ڪاوڙ جا ملڪيل جليل رنگ ڏسي، هر شيءِ کي پنهنجي محور تان هٽيل محسوس ڪيم. گهر پهتم ته رضيه کي ٽي وي آڏو پنڊ پهڻ ٿيل ڏٺم ۽ سندس ٻنهي پاسي ويٺل ٻارڙن کي حيران ۽ واڻڙو. ٽي وي تي ڪربلا جا منظر هئا. روح کي چيٽيون ڪندڙ انهن بدلجندڙ منظرن مان ڪنهن مهل اسپتال ٻاهران ڪا بهتر خبر ٻڌڻ جي اميد سانڊيل هجوم آڏو سينيٽر بابر اعوان ظاهر ٿئي ٿو ۽ مشڪل سان اچاري ٿو: "هماري محترمہ وفات پا. . ." ۽ سڏڪي ۾ سڀ ڪجهه ڏڏي وڃي ٿو.

اهو سڀ ڪجهه ڏسي، منهنجو ڪاڪڙو سڪي وڃي ٿو ۽ حواس جواب ڏيڻ لڳن ٿا. اوچتو آڏو رکيل موبائيل وائبريٽ ڪري ٿو ڏڪندڙ هٿن سان ميسيج پڙهان ٿو. رومن انگلش ۾ لکيل آهي "پائو طارق، اسان سنڌي نڌڻڪا ٿي وياسين." مون کي لڳي ٿو منهنجو نروس بريڪ ڊائون ٿي ويندو. چرڪ ڀري اٿي دوائن جي خاني مان "زينڪس" ڪڍي، ذري گهٽ رڙ ڪيان ٿو: "مون کي پاڻي ته ڏيو. . ." رضيه ڊوڙي پاڻي ڪڍي اچي ٿي. هڪ ئي ڍڪ ۾ سمورو گلاس پي وڃان ٿو. پر اڄ پوءِ به رهجي وڃي ٿي. رضيه بيڊ روم ۾ وڃي قرآن شريف جو ورد ڪرڻ لڳي ٿي ۽ ايس ايم ايس موبائيل تي اٿلي پون ٿا:

سِر سَرچيو ساٿيهه سان، مٿيءَ سان ماٿو
ڪونهي تنهن ڪاٿو اوچو آهي اپ کان.

*

ظلم پهر ظلم هي، بڑهتا هي تو مٹ جاتا هي
خون پهر خون هي، ٹپکي گا تو جم جائيگا

مظهر ابڙو اياز مهيسر، حبدار سولنگي، اياز گل، سميع بلوچ، سوبيا ڪٺلاش، رخسانا بلوچ، قاضي منظر، ذوالفقار هاليپوٽو محمد صديق منگيو امر اقبال، محمد علي قادري، شبانا قريشي ۽ اڻ سڃاتل نمبرن جا

www.bhutto.org

آيل ايس ايم ايس. گهر کان ٻاهر نڪري آيو آهيان، سمجهہ ۾ ڪجهہ بہ نٿو اچي. سڄي پرٿوي لاٽونءَ جيان گهوماٽيون کائي رهي آهي. گهر ٻاهران ميدان اوندهہ ۾ ٻڏل آهي. موبائيل جي وائبريشن تي، آن ڪري ڪن تي رکان ٿو. هوءَ لاهور مان پنهنجي ياڻڪيز جهڙي اڻ ڇتي ۽ ڏک ۾ ورتل لهجي ۾ چوي ٿي "خبر ٻڌو. . .!؟"

مان ڳالهائڻ لاءِ چپ کوليان ٿو تہ امالڪ سڏڪو ڇڏائجي وڃي ٿو ۽ روئندي، سڏڪندي، ميدان ۾ ويهي رهان ٿو. اوڪڙو ويٺي منهنجو جسم سڏڪن سبب ڏڏي رهيو آهي. هوءَ مون کي پرچائڻ جي جستجو ۾ پاڻ بہ روئڻ لڳي ٿي ۽ مان ڪنبندڙ آواز ۾ چوڻ لڳان ٿو: "ضدي . . سفاڪ، جنوني قاتل. . . هن ديس جي سورنهن ڪروڙ عوام جي سيني ۾ پنهنجيءَ هوڏ جي سنگين ڪپاٽي ڇڏي . . اڄ سڄو ديس ڪاوڙ ۽ ڏک سبب ڪنل پکيءَ وانگر ڦٿڪي رهيو آهي."

هوءَ لڙڪن هاڻي لهجي ۾ چئي ٿي "امان جي حالت نيڪ ناهي، گهر ۾ ماتم ڇانئجي ويو آهي. عمران پنهنجي ٻارڙن جي وچ ۾ زارو قطار روئي پيو." ۽ هوءَ پاڻ بہ روئڻ لڳي ٿي.

لاڙڪاڻي جي دڙي محلي مان پندرهن سال اڳ لاهور جي لالہ زار لڏي ويل هن پنجابي ڪٽنب جي سمورن ٻارن جي اوڙ دڙي محلي ۾ پوريل آهي. پارٽيشن ۾ پنجاب مان لڏي لاڙڪاڻي ۾ اچي آباد ٿيل هن خاندان جي گهر ڏياڻي پنهنجي مڙس جي جماعت اسلاميءَ جي همدرد هجڻ باوجود 1971ع ۾ بيگم نصرت ڀٽو جي اهم ورڪرز مسز عبدالرزاق سومرو، بيگم اشرف عباسي ۽ مسز ايس ڪي خان سان گڏ اليڪشن جي هر ڪارنر ميٽنگ ۽ جلسن ۾ حصو ورتو. مسز سلطان مغل جيڪا اڄ هن دردناڪ خبر ٻڌڻ سان هڪ پيرو ٻيهر جهري پئي آهي. سندن گهر ۾ هر طرف لڙڪ ۽ سڏڪا آهن. اچوڪي رات لاڙڪاڻي جي دڙي محلي ۽ لاهور جي نوڪر نياز بيگ جي لالہ زار سوسائٽي جي گهرن مٿان شامِ غريبان وانگر ڇانئجي وئي آهي.

اوچتو فضا نعرن سان گونجڻ لڳي ٿي ۽ ٽائرن جلڻ جي بوءِ سان گڏ اوري پري کان فائرنگ جا آواز گونجڻ لڳن ٿا. پرپاسي کان ايڪڙ ٻيڪڙ لنگهي ويندڙ پاڇا، هر آواز کان بي نياز هڪ ئي درد ۾ مبتلا، ٽڙندا ٽاپڙندا،

وڇايل وڇايل اڄ وڃ ڪندا رهن ٿا. بيڊروم مان رضيه جو قرآن پاڪ جو ورد، درد ۾ وڌيڪ تقدس پيدا ڪرڻ لڳي ٿو. ٽي وي اسڪرين تي شهيدِ جمهوريت ۽ سنڌ راڻي جي جسدِ خاڪي کي هڪ تابوت ۾ بند هزارن هٿن جي لهرن تي ڪنهن لوڪ ڪهاڻيءَ جي تصوراتي ٻيڪيءَ جيان اڏامندي ڏسڻ لڳان ٿو. هيءَ بينظير آهي. شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي نياڻي، جنهن جو وجود موهن جي دڙي جي مٽيءَ مان ڳوهيل آهي. ڪير ٿو چوي هي تابوت آهي! هيءَ ته سنڌ جي هزارن سالن جي تاريخ جو تسلسل آهي، جيڪو اڄ عوام جي هٿن ۾ اونچو ڪچيل آهي. هن تابوت ۾ وفاق جي مضبوط علامت کي هميشه هميشه لاءِ گهري ننڊ سمهاريو ويو آهي. جنهن ڪجهه گهڙيون اڳ به ملڪ جي مظلوم عوام سان گڏجي جيئڻ مرڻ جو عهد ڪيو هو. گوليون هليون ۽ زنجير ٽٽي پئي. . .! ۽ هاڻي هو لياقت باغ جي ٻاهران تيز ڌار ڀاڻيءَ جي ڦوهاري سان سڀ ڪجهه ميساري رهيا آهن ۽ اسان بيوسي مان ڏسي رهيا آهيون.

میں کس کے ہاتھ پہ اپنا لہو تلاش کروں
تمام شہر نے پہنے ہوے ہیں دستانے.

سموري ملڪ کي اڌ رنگ ٿي پيو آهي. گهرن تي الم جي گهري شام ڇانيل آهي. سنڌ جي روڊن، رستن ۽ گلين ۾ راڪاس گهمي ويو آهي. جيڪا شيءِ جتي آهي، سا اتي ڄمي وئي آهي. هي ڪهڙي نه المناڪ گهڙي آهي، جنهن سنڌ کي سائبيريا بڻائي ڇڏيو آهي. سڀ ڪجهه درد جي برف ۾ دفن ٿي ويو آهي. محترمه بينظير ڀٽو شهيد جو تابوت چڪ لالہ ايئرپورٽ تان موهن جي دڙي جي ايئرپورٽ تي آندو ويو ته مها ڪوي شيخ اياز پٽ شاهه تان پيرين اگهاڙو اتي اچي سندس تابوت تي پنهنجا ٻئي هٿ رکي ٿو ڇڏي ۽ اڪيون پوري جهونگاري ٿو:

گيت به مون وٽ تنهنجا ماتا، بيت به تنهنجا ٻانيان
تنهنجي مٽيءَ منجهه ملان جي، آءُ امرتا پايان.
سنڌو ديس جي ڌرتي توتي، پنهنجو سيس نمايان،
مٽي ماٿي لايان. . .

www.bhutto.org

آڏو رکيل بڪ تي دنيا جا صدر دانشور ۽ سياستدان لڙڪن سان تعزيتي نوٽ لکي رهيا آهن. ذوالفقار علي ڀٽو جنرل ضياءَ کي ڏسي مرڪي رهيو آهي ۽ سنهنجي موبائيل تي وائبريشن ٿئي ٿي. مان ايس ايم ايس کولي پڙهان ٿو. اياز مهيسر لکيو آهي:

Tin-pot dictator have ravaged Asia. Latin America & Africa. They are the worst tyrants of post colonial period They have destroyed institutions & treated people like animals. They have caused internal diveision & external Confusion. The dictator is one animal who needs to be caged. He betrays his profession & constitution. He betrays the people & destroys human values. He destroys culture. He rules by fluke & Freak. He is the upstart who is devoid of ideals & Ideology. (Bhutto).

(روزاني ڪاوش، حيدرآباد، 7 جنوري 2008ع)



www.bhutto.org



www.bhutto.org



www.bhutto.org



www.bhutto.org



www.bhutto.org



www.bhutto.org




www.bhutto.org



www.bhutto.org



www.bhutto.org



www.bhutto.org



www.bhutto.org




www.bhutto.org



www.bhutto.org



www.bhutto.org



www.bhutto.org



www.bhutto.org

## ”سهندو ڪير ميار او يار!“

مونس اياز

27 هين ڊسمبر شام جو ڇئين وڳي ڄامشوري لاءِ نڪتس ته، جيئن رات اتي گذاري ٻئي ڏينهن 28 هين تاريخ جي صبح جو ڀٽ شاهه تي پهچي والد جي ڏهين ورسيءَ تي حاضري ڏئي سگهان. ڪارڊ ۾ رٿيل پروگرام موجب مزار/ مقبري جو سنڌي اديبن پاران پيڙهه جو پٿر به رکڻو هيو جنهن لاءِ ڪجهه ڏينهن اڳ ئي سنڌ حڪومت جي ثقافت کاتي پاران ڪا اڍائي ڪروڙ روپيين جي اسڪيم منظور ڪئي وئي آهي. جنهن مان مزار به ٺهرائي ويندي ۽ ڇپيل/ اڻ ڇپيل ڪتاب به ڇپرايا ويندا. اهو ڪم اڳوڻي وزيراعليٰ سنڌ جي ميڊيا صلاحڪار ۽ شيخ اياز جي مداح مدد علي سنڌي صاحب جي ڪوشش سان ٿيو آهي. جيڪو افسوس سان فقط هڪ ٻن گهر ڀاتين سان سهمت ٿي ۽ بغير ڪنهن وصيت جي ايتري وقت کان پوءِ اهڙو ڪم باقي اولاد کي نظر انداز ڪرڻ برابر ۽ ناانصافي سمجهيو ويندو جيئن ته اڳ ۾ ئي بابا جي وصيت بغير کيس ڀٽ شاهه تي دفنايو ويو جيڪو خير اسان اولاد قبول ڪيو. ڇو ته کيس شاهه عبداللطيف ڀٽائي سائين جي مٽي نصيب ٿي. باقي اها ڳالهه واضح طور تي سمجهڻ گهرجي ته شيخ اياز صاحب جي ڪا به پنهنجي مال ملڪيت. ادب. ڪتاب. وفات ۽ تدفين جي باري ۾ قانوني لکت واري وصيت ناهي ڇڏيل- ها، پر شاعرانه وصيت ضرور آهي ته:

www.bhutto.org

هڪ ور ۽ ٻه پٽ ماريا ويا آهن. "اکين اڳيان تري آيو ۽ محترمه جي والده جو چهرو ٻه. جيڪا چون ٿا ته پاڻ وساري ويٺي آهي. جيئري ئي مري چڪي آهي! ۽ هائي هي ٽيون ڀار: شير دل نياڻي اولاد بينظير ڀٽو. جنهن لاءِ اياز صاحب چوندو هيو ته سموري پارٽيءَ ۾ هوءَ اڪيلي مڙس ماڻهو آهي ۽ وڏيڪ لکيو ته "مارئي، بنا ملير ڪهڙو آ" ۽ "مارئي ٽيڻ لاءِ توکي کوهه تان گهڻا گهڙا ڀرڻا پوندا!"

بيشڪ هن وڏا جبل جهاڳيا. شيخ اياز جي سڄڻ اڳواڻ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ڌيءُ جيڪا مارئي ملير جي سڏبي آهي، ڪنهن به طرح پنهنجي والد کان پٺتي نه رهي. هوءَ بين الاقوامي شخصيت هئي ۽ هن ملڪ ۽ سنڌ جو شان ۽ اڳواڻ هئي پر اڄ هوءَ دهشتگردن هٿان مارجي وئي. ڪيس ڪنهن ماريو؟ ۽ ڇو ماريو؟ اهڙو خطرو ته 18 آڪٽوبر تي قيامت صغرا جهڙي خودڪش ڌماڪي مان ئي ظاهر ٿي ويو هو ته ڪيس انتهاپسند ڌريون ڪنهن ڳجهيءَ سازش تحت ڪراچيءَ ۾ لهڻ شرط ئي سموري قيادت سوڌو مارڻ گهرن ٿيون پر هوءَ خوش قسمتيءَ سان بچي وئي. ويچارا ڏيڍ سؤ مارو ماڻهو قربان ٿي ويا. سچ ته ان ڏينهن کان اندر ۾ ڪنبڻي هوندي هئي ته خدا ڪيس سلامت رکي پر پوءِ شايد هن "سر جو سانگو لاهي، پوءِ عشق کي هٿڙو لاءِ" ڪيو تڏهن ته سندس هلت چلت ۾ فطري بهادري، معصوميت ۽ بي باڪي هئي ۽ ڪنهن سچائيءَ سان عشق هو. نه ته ڪير ٿو اهڙي اوڙاهه ۾ پير وجهي سو به هڪ سنڌي عورت ٿي، جتي نياڻي ست قرآن به ليکبي آهي ته ڪارنهن جي الزام ۾ ڪهاڙيءَ جو بڪ به ٿيندي آهي. مارئي ۽ سهڻي به آهي ته سسئي ۽ نوري به آهي- اتي بينظير صاحبه اهوجهه سهميل سنڌي عورت ڇا سڄي پاڪستان جي عورتن جي سچارڻ ۽ اڳواڻ هئي. غريب ماڻهو جو وڏو ڏٽ هئي ۽ انتهاپسند جنوني مذهبي دهشتگردن سان هن مهاڏو اٽڪايو. هوءَ چادر ۽ رئي ۾ عورت دشمن انتهاپسند قوتن سان هٿ جي اشاري ۽ گفتار جي للڪار سان وڙهي رهي هئي. انهن اڻ ڄاڻ، گمراهه ۽ جاهل دهشتگردن سان.

> "تا تنهنجا ٻاري ٻُرج لڏن. تون هيٺو آن هٿيارن سان
> مان ڏوهي هان، مان ڏوهي هان. مون ڪيئي ڏوهه ڪيا آهن."
> (اياز)

www.bhutto.org

the dead (روايت اسان جي مري ويل بزرگن جي جمهوريت جو نالو آهي). سنڌ روايتن، ريتن جي جمهوري وادي آهي. سام جهلڻ، مهمان نوازي، پناهه ڏيڻ ۽ ان تي سر ڏيڻ ۽ ميار تي مري وڃڻ واري جمهوريت اڃا تائين اسان وٽ زنده آهي. توڙي جو محترمه بينظير ڀٽو جي شهادت سنڌين کي سخت صدمو رسايو آهي. غريب ماڻهوءَ کي ننڍڙو ڪري ڇڏيو آهي، جنهن ننڍڙڪائپ ئي ته پاڪستان جي فيڊريشن تائين پهچائڻ، رسائڻ ۽ موٽ ۾ شناخت ڏيارڻ تي عام سنڌي ماڻهوءَ جا پيپلز پارٽيءَ کي ووٽ ڏياريا آهن. ڀٽو خاندان جي قربانين کين "ساهه ڏئي ويساهه ڏنو" آهي. ذوالفقار علي ڀٽو کان بينظير ڀٽو تائين قربانين کي ڪير وساريندو. جيڪي هڪ روايت ٻڌجي چڪا آهن ۽ گڏوگڏ حقيقي جمهوريت لاءِ جدوجهد ۾ شامل ۽ يقين رکن ٿا ته اظهار انصاف ۽ اختيار جي آزادي ۾ به يقين رکن ٿا. پنهنجي مذهبي عقيدي، ايمان سان گڏوگڏ، امن امان ۾ به يقين رکن ٿا.

"سنڌڙيءَ تي سِر ڪير نه ڏيندو سهندو ڪير ميار او يار
جهول جهلي جنهن وقت پڻائي، ڪرندا ڪنڌ هزار او يار."

باک ڦٽي مهل شايد گذريل رات جي هانءُ ڏاريندڙ باهه جي الن ۽ ڏرتي ڏوڏيندڙ ڌماڪن. آسر ويل لاٽيون لنوندڙ پکي ٻوليندڙ صفا ٻڌڻ ۾ ڪين آيا. شايد ڪنهن ڏورانهين پار ڏي هليا ويا هئا. مان واپس پنهنجي لطيف سائين جي نالي واري يونيورسٽي ڪالونيءَ جي گهر ڏانهن تيز ترين رفتار سان ورڻ لڳس. تڏ. پارو پوندڙ آلا روڊ رستا. پيٽرول پمپن تي فقط ٽرڪون ۽ ٽريلر دٻن وانگر ڪٽل ۽ رستي تي سڙندڙ گاڏيون. اڳيان رستن تي ڪاوڙيل ماڻهن جون رنڊڪون ۽ باهيون. منٽ ميڙ ڪندا گهر پهتا ٿياسين ته خبر پئي ته سڄو ملڪ اُٿلي پيو آهي پر سنڌ سڙي ٻري رهي آهي، غم ۽ غصي ۾ ٻڏي وئي آهي. آخر ته سانحو به ڪربلاءِ صغرا ٿيو آهي.

ڪجهه سال اڳ ڪنهن ليکڪ محترمه بينظير ڀٽو شهيد کي سنڌ جي جون آف آرڪ (Joan of Arc) سڏيو هيو. بيشڪ ڪيس هن وقت فرانس جي 12 صديءَ جي لازوال ڪردار بهادر عورت سان ڀيٽي سگهجي ٿو پر ان وقت اهڙو دردناڪ انجام ٿيڻ جي بينظير ڀٽو لاءِ دل قطعي ڪونه ٿي مڃيو. ڇو ته جون آف آرڪ ان وقت فرانس تي قابض انگريزن خلاف

www.bhutto.org

وڙهي هئي ۽ انگريزن کيس پڪڙي بغاوت جي الزام هيٺ عيسائي پادرين هٿان مذهب کان گمراهہ (heretic) قرار ڏئي کيس باهہ جي اوڙاهہ ۾ زندهہ جلايو هيو ۽ سندس رَک فرانسيس کي موڪلي ڏني. اهڙي اندوهناڪ حرڪت فرانسيس کي سخت برهم ڪري ڇڏيو ۽ هٿن انگريزن کي تيش ۾ اچي. تحس نحس ڪري ڇڏيو. محترمہ بينظير ڀٽو کي بہ افسوس جو اڄ بم ۽ گوليءَ سان اڏايو ويو ۽ هن شهادت ماڻي. عام ماڻهوءَ، جمهوريت لاءِ، صوبائي خودمختياريءَ لاءِ ۽ دهشتگرديءَ خلاف جنگ ۽ خاتمي لاءِ . . سندس جدوجهد ۽ مقصد سندس وڏي وصيت آهي. اسان کي سندس هر وصيت جو روايتي طور تي احترام ڪرڻ کپي ۽ کيس پورو ڪرڻ کپي.

"تون مون کي ڦاهيءَ چاڙهيندين،
مان توکان مور نہ مرٽو هان
ڀيو ڀيجل ٻٽجي، چنگ ڪٽي
مان ورٽو هان، مان ورٽو هان."

(اياز)

اڄ توڙي جو مان شايد هر حال ۾ پنهنجي والد محترم جي آخري آرام گاهہ تي پهچي بہ وڃان ها (جيڪو نيم ناممڪن هيو) تہ هو مون کي ضرور چوي ها تہ مون کي شهيد بينظير ڏي وڃڻ کپي ها. جنهن جي تابوت تي راولپنڊيءَ جي جنرل اسپتال مان ڪڄندي اڪيلو ڪپڙو ويڙهيل سيڙهيل اجرڪ پيو هيو جيڪو وچي پنهنجي اباڻي ڳوٺ زيتون جي باغن ۽ ڳيرن جي ٻوليءَ جي مٽيءَ واري ملڪ ۾ خلق خدا لاءِ ڪنل پنهنجي ڪٽنب سان وچي گڏ ٿيو ۽ هوءَ ماڻهن جي دلين ۾ هميشہ لاءِ زندهہ رهجي وئي ۽ ڪنهن آڳ جيان ٻرندي رهندي

(روزاني عبرت. حيدرآباد. 19 جنوري 2008ع)

www.bhutto.org

## بينظير

## بينظير جهڙي هئي. . .!

زيب سنڌي

ستاويهين ڊسمبر تي منجهند جي ٽي لڳي ڏهن منٽن تي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي اسٽوڊيوز ۾ جيئن ئي ڳاڙهي بتي بند ٿي ۽ آن ايئر مائيڪ مون کي مليو ته ڊسڪ جاڪي پروگرام جي ابتدا ۾ مون الائجي ڇو زندگيءَ ۽ موت جي فلسفي تي بي اختيار ڳالهائڻ شروع ڪيو. نه ڄاڻ ڇو منهنجي اها گفتگو ڪجهه طويل به ٿي وئي ۽ انهن لفظن سان وڃي پڄاڻي تي پهتي ته جيڪي ماڻهو پنهنجي ڌرتي ۽ قوم لاءِ پنهنجي زندگي قربان ڪندا آهن. اهي سدائين اسان جي دلين ۾ زنده رهندا آهن ۽ موت ڪڏهن به کين ماري ناهي سگهندو ۽ منهنجي هٿ جي اشاري سان اسٽوڊيو انجنيئر پهريون ڪلام آن ايئر ڪري ڇڏيو.

ٽڙي پوندا ٽارئين
جڏهن ڳاڙها گل
تڏهن ملنداسين. .

شام جي ساڍي پنجين وڳي ريڊيو پاڪستان جي بلڊنگ مان ٻاهر نڪري جيمخاني واري چوڪ تي پهتس ته وري ڳاڙهي بتي نظر آئي. ٽريفڪ سگنل رستو روڪي ورتو. سگنل کلڻ کان پوءِ ٽنڊي سڙڪ تي پهتس ته آسمان کان ڌرتيءَ تائين سڀ ڪجهه ڳاڙهو ٿي چڪو هو. لهندڙ سج جي لالاڻ الائجي ڇو پنهنجي اندر ۾ لهندي محسوس ڪيم ۽ بي

اختيار ڪار جي ايڪسيليٽر تي منهنجي پير جو دٻاءُ وڌي ويو. گهر پهچي اچا لائونج ۾ وينس ئي مس تہ ڪمري مان منهنجي پٽ جبران رڙ ڪئي، "بينظير شهيد ٿي وئي!" مون اعتبار ئي نہ ڪيو ۽ سڪون سان ويٺو رهيس، تہ انهيءَ لمحي ئي منهنجي ننڍڙي پٽ جانوءَ جي موبائيل تي سکر مان سندس ننڍڙي دوست عاصم جو ساڳيو ميسيج پهتو. هڪدم اٽي ٽي وي آن ڪيم تہ ڪي ٽي وي اين نيوز جي اسڪرين سامهون اچي وئي ۽ منهنجي اندر ۾ ايٽم بم جو ڌماڪو ٿيو ۽ پوءِ منهنجي زال پاڻ تي جبر ڪري مون کي سنڀالڻ ۾ پوري هئي. ڪافي دير ڪان پوءِ جڏهن ذهن ڪم ڪرڻ شروع ڪيو تہ سامهون رکيل ٽي وي اسڪرين تي ڇميل منهنجون اکيون بند ٿي ويون ۽ دل جي اسڪرين تي ماضيءَ جا ڪيئي عڪس ڪنهن ڊرامي جي فليش بيڪ جيان هڪ ٻئي پويان پڌرا ٿيڻ لڳا.

1973ع جي هڪ شام لاڙڪاڻي ۾ موهن جو دڙو روڊ تي اتاترڪ ٽاور جي افتتاحي تقريب هئي. بابا سان ذوالفقار علي ڀٽي جي ويجهڙائيءَ سبب اتفاق سان مان بہ اتي موجود هئس. ان وقت صدرِ پاڪستان ڀٽو صاحب، غلام مصطفيٰ جتوئي، ممتاز ڀٽو ۽ ايوب کهڙي سان ڇانهن جي ڪپ تي بيٺي ڪچهري ڪندڙ ۽ مان. . . مان پنهنجي ٻاراڻي وهيءَ ۾ ڇئن قدمن جي فاصلي تي بيٺل. . . ڀٽي صاحب جي مقناطيسي شخصيت جي سحر ۾ گم. . . جڏهن ڀٽي صاحب جي نظر پاڻ ڏانهن گهوريندڙ ٻار تي پئجي وڃي ٿي. . . جنهن ٻار جي هٿ ۾ جهليل بسڪٽ سندس وات جي اڳيان اچي رڪجي ويو آهي. . . ۽ ڀٽو صاحب ٻار جي ڪيفيت کي محسوس ڪري ڪچهري اڌ ۾ ڇڏي، چار قدم پاڻ اڳتي وڌي اچي ٻار ڏانهن مرڪي هٿ وڌائي ٿو "هيلو ينگ مين!" تڏهن مان حيرتن جي سمنڊ ۾ ٻڏندي ڀٽي صاحب جو هٿ جهلي ٿو ونان. ٻئي لمحي کيس مان هڪ روپئي جو نوٽ ڪڍي ڀٽي صاحب ڏانهن وڌايان ٿو "پليز آٽو گراف سر!" (هڪ رپئي جو اهو نوٽ. . . ملين ڊالر جيان اڄ تائين سانڍي رکيل اٿم). . . ننڍا ننڍا ڪوڙ منظر ذهن جي اسڪرين تي نروار ٿيڻ لڳن ٿا. ڀٽو صاحب سڄو پروٽوڪول پاسي تي رکي لاڙڪاڻي جي رستن تي ڪار مان لهي پئي ٿو ۽ ماڻهن سان ملڻ لڳي ٿو. هڪ ٻاڪڙا هوٽل ۾ چانهن ٺاهيندڙ

www.bhutto.org

پورهيت کي سجائي. وقت جو وزيراعظم گاڏين جي قافلو روڪي ڪار مان لهي وچي پورهيت سان ملي ٿو ۽ پاڪڙا هوٽل جي بينچ تي ويهي ڀڳل ڪنارين واري ڪپ ۾ چانهن ٿو پيئي. منهنجي ئي پاڙي ۾ ڪار مان لهي هڪ سوڙهي گهٽيءَ ۾ پاڻ پنڌ ڪري وڃي هڪ دوست جي گهر جو زنجير وارو پراڻو ڪڙو ڪڙڪائي دوست جي پڇا ٿو ڪري. دوست جي غير موجودگيءَ سبب در جي اندران بيٺل عورت کي پنهنجو نالو ٻڌائي واپس هليو ٿو وڃي. . . محبتن ۽ خوشين جي اهڙن ڪيترن منظرن کان پوءِ منهنجي ذهن جي اسڪرين تي ڀٽي صاحب جي شهادت واري ڏينهن جو لاڙڪاڻي شهر جو منظر فريز ٿي بيهي رهي ٿو ۽ فريز ٿيل منظر پويان فقط آهون، دانهون ۽ ظالمن لاءِ پاراتا ٻڌڻ ۾ اچن ٿا. انهن ئي پاراتن جي منظر مان شاهنواز جي شهادت وارو سڪتي ۾ ورتل لاڙڪاڻو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هر طرف درد پيو دکي، مان پنهنجي دوست ذوالفقار راشدي سان گڏ المرتضيٰ هائوس ۾ بينظير ڀٽو جي سامهون ويٺل آهيان ۽ راشدي صاحب توڙي منهنجي وات مان تعزيت جي چند لفظن لاءِ زبان ساٿ ئي نٿي ڏي. بهادر بينظير الٽو پاڻ ئي اسان کي صبر جي تلقين پئي ڪري ۽ ان کان پوءِ منهنجي دل ۾ زنده سلامت هڪ منظر ايري اچي ٿو.

جلاوطني ختم ڪري آيل مرتضيٰ ڀٽي سان منهنجي اوچتو پريس ڪلب حيدرآباد اڳيان پهرين ملاقات ٿئي ٿي ۽ هڪ دوست ساڻس منهنجو تعارف ٿو ڪرائي. هڪ پريس فوٽوگرافر منظر کي پنهنجي ڪئمرا ۾ محفوظ ڪري ٿو وٺي ۽ شام جو اهو فوٽو گرافر ان تصوير جي ڪاپي به مهرباني ڪري مون کي پهچائي ٿو. ڪئمرا جي هڪڙي ڪلپ ۾ قيد ٿيل اها ملاقات ئي آخري به ثابت ٿي، جنهن کان پوءِ مرتضيٰ جي شهادت جون ئي تصويرون ڏسڻيون پيون. . .

27 ڊسمبر جي شام بينظير جو شهادت سبب دل اندر ايٽم بم جو ڌماڪو ٿيو ته ائين لڳو ڄڻ زندگيءَ جي ڊرامي جون سڀ قسطون پڄاڻيءَ تي پهچي ويون. اکين ۾ فريز ٿي بيهي رهيو سنڌ جي شهيد رانيءَ جي شهادت وارو منظر. . . ۽ اکين جي سامهون رکي ٽي وي سيٽ تي نظر آيا فقط تباهي ۽ بربادي جا منظر. . . آهون، ڪوڪون ۽ رڙيون. . . هر طرف ماتم. . . هر طرف ڄڻ ڪربلا. . . ۽ انهن ئي گذرندڙ پهرن ۾ منهنجي

ليڪ دوستن جا درد ڀريا ميسيج منهنجي موبائيل جي اسڪرين تي پڙدا نيندا رهيا. سنڌ جي آخري اميد بہ ختم ٿي وئي. (اياز گل) الوداع! سنڌ جي شهيد راڻي سنڌ ۽ سنڌي اڄ بہ يتيم آهن. (ماهتاب محبوب) هڪ دفعو وري اسان جي خوابن جي ٽارگيٽ ڪلنگ ڪئي وئي آهي. اسين ڀيهر بي خواب ٿي ويا آهيون. (طارق عالم) اهڙا ئي درد ڀريا ايس ايم ايس هيا ڀين دوستن جا بہ. جن گهاءُ کي وڏيڪ گهرو ٿي ڪيو. جو انهن ئي غم جي گهڙين ۾ نصير سارنگ جي لفظن زخم تي پهريون ڦهو رکيو. هڪ قوم جي حيثيت سان اسان ڪڏهن بہ شڪست نہ مڃينداسين. پر. . . پر اسين تہ سڀ دل شڪستہ آهيون. اهو ئي ويٺي سوچيم تہ قمر شهباز جا لفظ سامهون آيا. سنڌين جي غم جي هن موقعي تي سنڌ جي ليکڪن کي پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي.

ڇا ڪرڻ گهرجي. . . ڇا نہ ڪرڻ گهرجي؟ پر پنهنجي ئي اندر مان اٿيل سوال جو مون وٽ ڪو بہ جواب نہ هو. ڀيو تہ ڪجهہ نٿو ڪري سگهجي. پر لاڙڪاڻي تہ وڃي سگهجي ٿو. شهيدن جي مزارن تي ڳاڙها گل تہ رکي سگهجن ٿا. . . پر حيدرآباد کان ڳڙهي خدا بخش تائين ڊرائيو ڪرڻ جي سگهہ ئي جسم ۾ نہ بچي هئي ۽ پوءِ جلنداڙ سنڌ جا روڊ رستا ئي بند ٿي ويا. وقت هتي مان ڇڏائي ويندو رهيو. (باقي بچيو ئي ڇا هو!!) ڏرتيءَ تي لٿل رات کان وڏيڪ اونداهيءَ اندر ۾ لهي آئي هئي. ڊبل بيڊ جي هيڊ بورڊ سان مٿو ٽيڪي خالي ديوار کي ئي تڪي رهيو هوس تہ رات جو ڏيڊ وڳي موبائل فون جي بيل وڳي. اسڪرين تي مهربان دوست مخدوم جميل الزمان صاحب جو نالو ڏسي هڪدم موبائيل آن ڪيم تہ مخدوم صاحب درد وندڻ کان پوءِ ٻڌايو تہ پاڻ هن مهل لاڙڪاڻي ڀيا وڃن. هڪدم خيال آيم تہ هن وقت مان پنهنجي اباڻي شهر لاڙڪاڻي تائين مخدوم صاحب جي سهاري سان ئي پهچي سگهان ٿو. . . پر ٻڌايائون تہ هو ان وقت موري شهر مان گذري رهيا هئا. دل وسامي وئي. کين الله واهي ڇئي موبائيل آف ڪري دل ئي دل ۾ جميل سائينءَ جي سلامتيءَ جي دعا گهريم تہ موبائيل جي اسڪرين روشن ٿي وئي. ناليواري ليکڪا ۽ چترڪار شگفتہ شاهہ اردو شاعر ذيشان ساحل جو نظم ايس ايم ايس ڪري موڪليو هو.

وقت کے گذرنے پر
وہ جو بھول جائیں گے
بینظیر کیسی تھی
ہم انہیں بتائیں گے
بینظیر دنیا میں
زندگی کے ماتھے پر
اک لکیر جیسی تھی
روز و شب کے زنداں میں
اک اسیر جیسی تھی
شہر کے غریبوں کی
اک امیر جیسی تھی
جبر کی نگاہوں میں
ایک تیر جیسی تھی
بی نظیر بھٹو بس
بینظیر جیسی تھی۔۔

(روزاني ڪاوش، حيدرآباد، 2 جنوري 2008ع)

www.bhutto.org

# عوام جي بهادر راڻيءَ جو قتل!

حسن مجتبيٰ

"اڳلي جنم موهي بٽيا نہ ڪيجيو!"

اها ننڍڙي ٻارڙي جنهن المرتضيٰ لاڙڪاڻي ۾ پنهنجي پيءُ ٻاران بندوق مان فائر ڪري وڻ تي ويٺل هڪ طوطي کي مارڻ تي ٻن ڏينهن تائين ماني نہ کاڌي هئي، اها قتل ٿي وئي! قاتلن جي سرزمين تي هڪ هٿين خالي ۽ واقعي بندوق سان نفرت ڪندڙ ڇوڪري قتل ٿي وئي. "پنڪي، ٻيبي، سر، بي بي، محترمہ وزيراعظم بينظير" نيٺ ان خدشي جي سچ ٿيڻ جو نشانو بڻي. جنهن جو اظهار هوءَ پنهنجي زندگيءَ جي آخري لمحن تائين ڪندي رهي تہ مشرف حڪومت جي مجرماڻي غفلت شريڪ جرم ٿي پنهنجي قتل ٿي وڃڻ جا اهي ئي خدشا، جن جو اظهار (مبينہ طور تي) سندس ور آصف علي زرداري ۽ پ پ اڳواڻ (ر) جنرل نصير الله بابر اسٽيبلشمينٽ سان سندس ڊيل تي پنهنجا اختلاف ظاهر ڪري ڪيو هو.

پنهنجي قتل کان فقط ڪجهہ ڏينهن اڳ پنهنجي هڪ اي ميل ۾ هن آمريڪا ۾ پنهنجي دوست مارڪ سيگل کي لکيو "اگر آءٌ قتل ٿي وڃان تہ ان جو ذميوار صدر پرويز مشرف کي سمجهيو وڃي. جو منهنجي گهرڻ تي بہ هن گهربل سيڪيورٽي اوزار مهيا نہ ڪيا." اها ڳالهہ مارڪ سيگل سي اين اين تي چئي رهيو هو.

"رو منهنجا ديس رو جو تنهنجي هڪ سٺي ڌيءُ قتل ٿي وئي"

ڪيس القاعده يا طالبان ماريو يا اسٽيبلشمينٽ. ۾ راولپنڊي کان

www.bhutto.org

هميشہ مقبول ليڊرن جا لاش پاڪستاني عوام کي موڪليا ويا آهن. هوءَ ايئن قتل ٿي وئي، جيئن پاڪستان ۾ پاپولر ڀٽوز قتل ٿيندا آهن. انڊيا ۾ اندرا گانڌي قتل ٿي. جيئن آمريڪا ۾ ڪينيڊي ۽ يوناني المياتي ڪردارن جو انجام.

پر ماڻهو! ڀٽا ققنس پکي هئا. جيڪي پنهنجي رک مان بار بار پيدا ٿيا.

"پاڪستان بينظير کي قتل ڪري ڇڏيو." منهنجي هڪ دوست مون کي چيو.

مون کي ياد آيو گهڻا سال اڳ جڏهن ڪنهن چيو هو "(وڏي) ڀٽي کان پوءِ پاڪستان دنيا جي نقشي تان مِٽجي ويندو." آءٌ حيران آهيان تہ ڀٽو فيملي ۽ سندس ڪروڙين چاهيندڙن سان اهڙين ڪربلائن ڪانپوءِ بہ پاڪستان جو باقي رهڻ معجزو ناهي تہ ٻيو ڇاهي؟ اسلامي تاريخ ۾ رسول الله صہ جي ڪٽنب کان پوءِ وقت جي حڪمرانن هٿان شايد ايڏا وڏا الميا فقط ڀٽو خاندان سان ٿي ٿيا آهن.

سنڌ کان وٺي سرينگر يعني بدين کان بارامولا تائين ماڻهو ماتم پيا ڪن. توهان کي ياد هوندو تہ ان کان اڳ توهان اهڙو نظارو يا جمال ناصر جي موت تي ڏٺو هو يا ڀٽي جي موت تي.

اصل ۾ بينظير سر شاهنواز جي ان ڏيءَ جو نالو هو جيڪا جوانيءَ ۾ جهونا ڳڙهہ ۾ بيماريءَ وگهي فوت ٿي وئي. ذوالفقار علي ڀٽي پنهنجي وڏي نياڻيءَ جو نالو پنهنجي ان لاڏلي ڀيڻ جي نالي تي رکيو هو. سڀ کان پهرين بينظير ڀٽو ان وقت مون جهڙن عام ماڻهن جي نظر ۾ آئي هئي، جڏهن هوءَ پنهنجي والد وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو سان گڏ ڀارت جي وزير اعظم اندرا گانڌيءَ سان شملا ڳالهين لاءِ ويل وفد ۾ شامل هئي. جيڪڏهن ڪجھہ شاعر ايندڙ ڏينهن کي ڏسي سگهن ٿا تہ رئيس امروهيءَ بينظير ڀٽو جو مقام تاريخ ۾ جولاءِ اڻيهہ سؤ ٻاهتر (1972ع) ۾ ڏسي ورتو هو جڏهن ناميارى شاعر رئيس امروهيءَ قطعو لکيو هو:

شملا مذاڪرات تي تاريخ گير يي
پرعزم اور عظيم يي ليڪن حقير يي
آراستہ تي محفل صدر و وزير يي
تاريخ ڪي نگاهہ ۾ تي بينظير يي.

لاڙڪاڻي جي ماڻهن کي اهو بہ ياد هوندو تہ جڏهن هوءَ ان ئي راولپنڊي مان ان ئي ڊسمبر جي موڪلن ۾ پنهنجي لاڙڪاڻي ۾ نئين ديري وارن گهرن تي ايندي هئي. شيرين امير بيگم ڀٽو جي ٻنين تي گهوڙي سواري ۾ جيئن تہ ذوالفقار علي ڀٽي جي تمام پراڻي ذاتي ملازم عثمان سومرو عرف فليشمين مون کي ٻڌايو تہ "المرتضيٰ لاڙڪاڻي جي مني سئنيما هال ۾ پروجيڪٽر تي ذوالفقار علي ڀٽي کيس فلم "چاند اور سورج" گڏ ويهي ڏيکاري هئي. جڏهن اسان (ملازمن) بينظير ڀٽو سان ڳالهايو تہ اسين کيس "سر" چئي مخاطب ٿي رهيا هئاسين." عثمان چيو هو تہ "مون کي ياد آهي تہ جڏهن هوءَ آڪسفورڊ يونيورسٽي ڊبيٽنگ سوسائٽي جي صدر چونڊي هئي ۽ 1970ع جي ڍاڪي ۾ سندس بيل باٽم ۽ فلاور چائلڊ وارو آئوٽ لُڪ هو." عثمان فليشمين جي "سر" ۽ بينظير ڀٽو 1976ع ۾ اسلام آباد جي پرڏيهي وزارت ۾ خصوصي عيوضي بہ مقرر ڪئي وئي هئي. هڪ بي پرواهہ پر سنجيده ۽ ٻلين سان پيار ڪندڙ بينظير ڀٽو جي زندگي جي اسٽيشن تي ڏکن ۽ حادثن سان ڀريل ٽرين ان وقت داخل ٿي هئي، جڏهن هوءَ جولاءِ 1977ع جي گرمين جي موڪلن تي هئي ۽ سندس والد ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت جو تختو سندس ئي ترقي ڏنل چيف آف آرمي اسٽاف جنرل ضياءُ الحق اونڌو ڪيو هو. ان ڏينهن کان 'وٺي منهنجي راءِ موجب هوءَ ريل جي پٽڙين تي هٿ پير ٻڌي اڇلايل هيروئن هئي ۽ هر وقت جو هي ولين! ضياءُ الحق کان جنرل پرويز مشرف ۽ مسٽر مشرف کان وٺي ڪياني تائين. آخري دم تائين اها ئي ڪهاڻي رهي.

آءٌ سوچيان پيو تہ صديون اڳ چانڊڪا پرڳڻي (موجوده لاڙڪاڻي) جي والي نواب ولي محمد چانڊيو جڏهن زمين جو هڪ وڏو رقبو ڀٽي فيملي جي سنگهار نالي سان سڃاتي ويندڙ هڪ عورت کي عطا ڪري رهيو هو تہ سنڌ جي ان حسين ۽ ذهين ماڻهن سان زندگي جي الميا ۽ منهنجي ديس جي ڏکن جي سُمفني بہ ڪو اڻ ڏٺل، پر بي پرواهہ موسيقار اتي ئي ترتيب ڏئي رهيو هوندو.

"اڳلي جنم موهي ڀٽيا نہ ڪيجيو!"

امدا علي ڀٽو سڪندر علي ڀٽو ذوالفقار علي ڀٽو شاهنواز ڀٽو مرتضيٰ ڀٽو ۽ هاڻ بينظير!

ايس خوبرو سنڌي آفيسر جي مگٽي ۾ پوءِ ان آفيسر جو خط لکي ضياءُ الحق کان اجازت ورتي، جنهن تي پٽو خاندان رشتو ٽوڙي ڇڏيو هو.

سائين جي ايم سيد جي ڳوٺ ويجهو ٻه سندس پڄيرو تي حملو ڪري ڪيس قتل ڪرڻ جو منصوبو جوڙيو ويو هو پر هوءَ بچي وئي هئي، جو ٻن انتظامي آفيسرن کيس اڳ ۾ ان سازش کان آگاهه ڪري ڇڏيو هو. بينظير پٽو روڊ ذريعي پنهنجي سفر جو ارادو تبديل ڪري ڇڏيو پر پنهنجي گاڏيءَ کي وچڻ ڏنو هٽائين. جتي ان ئي جاءِ تي سندس گاڏيءَ مٿان حملو ٿيو هو. بعد ۾ سائين جي ايم سيد چيو ته کيس ڏاڙيل مريدن ٻڌايو هو ته بينظير جي گاڏيءَ تي هنن حملو ڳجهن ادارن جي هڪ آفيسر جي چوڻ تي ڪيو هو.

هوءَ تڏهن کان وٺي آخري دم تائين قاتلاڻن حملن جي گهيري ۾ رهي.

ڇا کيس اسٽيبلشمينٽ ۾ ملن گڏجي ماريو جيڪي چوندا آهن ته 30 ڏينهن کانپوءِ عورت جي ويهڻ سان ڪرسي نجس ٿي ويندي آهي؟ پر اها قتل ٿيندڙ عورت ماڻهن جي شهيد راڻي بڻجي چڪي آهي.

(بي بي سي اردو ڊاٽ ڪام، 28 ڊسمبر 2007ع)

www.bhutto.org

## ادي!

### محمود مغل

ادي!

ٻڍڙهي خدا بخش جي نرم مٽيءَ جي تهن ۾ گلابن سان ڍڪيل آخري مرقد ۾ بابا جو ياڪر ڪيئن لڳي ٿو؟. . اهو عظيم الشان پيءُ، جنهن کي اٺيهه سال اڳ، جدائيءَ جي گهڙيءَ ۾ تون ڇُهي به ڪونه سگهي هئينءَ، هنن گهڙين ۾ هُن توکي ڪيئن نه ديوانن وانگر ڇاتيءَ سان لڳايو آهي. اهو عالي مرتب، قائد، جيڪو سياسي بصيرت ته ڪٿي ڪمال رکندڙ هو پر گڏوگڏ هڪ والد به ته ڀرپور هو، تنهن لاءِ توکي ڇڏڻ ۽ وري واپس ورائڻ جو تجربو ڪيڏو نه ڪمال هوندو.

ادي! تو جهڙِي عالمي وجود کي "تون" چئي مخاطب ٿيڻ اڻ سونهون لڳي ٿو جتي سڀ "محترمه" کان گهٽ نه ٿا ڳالهائين ۽ توهان چوندي به سندن همٿون هر هر ميڙاڪا ڪن ٿيون، اتي هي پاڳل، چريو نادان ننڍو ڀاءُ، ڪيئن هجت مان "تون" ٿو چوي. . پر خالي هي اڪيلو ناهي، اهڙا هزارين ڀائر اها هجت ساڻ کڻي هلن ٿا. . ڇاڪاڻ ته هنن کي محبتن جو اهم معراج تو ڏنو آهي ۽ ائين، ان انداز ۾ موڪلائي ته تو اجا به سيني کي وڏيڪ ويجهو ڪري ڇڏيو آهي.

اجا وڏيڪ ڳالهين ڪرڻ کان پهرين، اهو چوڻ بنهه اهم آهي ته، "انا الله وانا اليه راجعون. . " ڏٽي جل شانه جي فيصلي کي قبول ڪرڻو آهي. تون رخصت ٿي چُڪي آهين ۽ ٻين کي يقينن پنهنجي پنهنجي واري تي

www.bhutto.org

ويو هوءِ گهٽين ماٺ جي چادر پهري هئي تہ سڏڪا. سينن ۾ جڪڙجي ويا هئا. هاڻي، جڏهن ڪنڌ ڪڙڇ ڏڪرون تي ڏئي تہ لڳي ٿو تہ اهو غم بہ تازو ٿي نڪتو آهي. وسايل چلهين جا تاندا. چڻ وچ واري عرصي ۾ ٻريا ئي ڪونهن. انهن مٿان وقت جي اڇلايل ڀاڻيءَ، رڳو درد جا دونهان ڪڍيا آهن. انهن دونهن وريہ اکين جي آلاڻ کي جاڳايو آهي. اٽيهن سالن ۾ نيڻ ڪِليا گهٽ آهن، رت گهٽو رنا آهن. . .

هنن ساعتن ۾ توسان گفتگو ڪندي اديہ . . قلم بار بار بيهجي ٿو وڃي. . . دماغ خالي ٿو لڳي، بي ربط شيون، چڻ تال ڪڍنديون هجن. . . سڀ سمجهہ ۾ اچي ٿو. . . اهو بہ ڄاڻان ٿو تہ مئي سان مرندو ڪوبہ ناهي. . . اها "بک" جيڪا ڪجهہ دير لاءِ جهيڻي ٿي آهي، وري لڳي وينديہ . . ڪارِ جهان وري شروع ٿي ويندو. هل هنگاما. نعرا. شاديون مراديون. سڀ وري ٿي ويندا. نہ هوندينءَ تہ تون. . . ۽ اها بہ ڄاڻ اٿم تہ تنهنجيءَ غير حاضري ۾ يقينن ڪنهن نہ ڪنهن تي اها سڄي ذميواري بہ اچي وينديہ هاڻي اهو اها نڀائي سگهي يا نہ. اها ٻي ڳالهہ آهي. . . پر اها پڪ تہ هر ڪو رکي ٿو تہ اهو بينظير ٿي نہ سگهندو. . .

حياتيءَ ۾ ڪڙي ڳالهہ ڏاڍي عجيب آهي اديہ . . ڪنهن وڏيہ گهاٽي وڻ جي ڇانءَ هيٺان ننڍا ٻوٽا نسري ناهن سگهندا. . . هاڻي انهن لاءِ سبب ڪٽي ڪهڙو بہ هجي، اهو سڀ ائين ٿي ٿئي ٿو پر هڪ وڏي پيءُ جي ڇانءَ هيٺان، تنهنجي وجود جي ٻوٽي پاڻ ڪمال جو سنڀاليو. . . ايتري حد تائين جو ان قدآور وڻ جي ڪيڇڻ کان پوءِ تو وري پاڙون مضبوط ڪيون ۽ پنهنجو قد اوچو ڪيو. . . جيڪڏهن تنهنجي وجود جو وڻ قبا، والد جي وڻ کان مٿي ٿي نہ سگهيو تہ بہ ان جي لڳ پڳ تہ پڳو آهي اديہ . . هاڻي اهو سڀ تہ سياسي تجزيہ نگار ئي سمجهي سگهن ٿا. هيءَ تہ هڪ عام ماڻهوءَ جي سوچ آهي.

شهادت کان ڪجهہ ڏينهن پهرين، ڪراچيءَ جي هوائي اڏي تي ڪي ٿي اين سان ڳالهائيندي تو چيو هو. "مون کي وڏي خوشي آهي تہ اڄ مان پنهنجي ڌرتيءَ تي لٿي آهيان. . ." تہ اهو سڀ ٻڌنديہ تنهنجي ڀڪندڙ مُکَ ساڻ ٻيا بہ هزارين چهرا، مهڪي اٿيا هئا. . . تو مرڪيو پئي تہ عوام نڙيو پئي. . . ڪنهن کي بہ اهو اندازو ڪونہ هو تہ گلابي مُک کي، ڪجهہ

www.bhutto.org

ئي ڏينهن ۾ گلابن جي ڍير هيٺان آرامي ٿيٺو آهي. پنهنجي والد جي لاڏلي "پنڪي" ائين خوشبو بڻجي ويندي . . پر چاڪاڻ ته ازل ابد جي ڪتاب ۾ سڀ اڳ ۾ ئي لکيل هوندو آهي، اهو سڀ ائين ٿيڻو هو . . هڪ عاشق پيءُ، پاڪر ۾ پرڻ لاءِ ڪيترو انتظار ڪري ها . . .

لاهور عدالت ۾، پنهنجي آخري تاريخي بيان ۾، مرحوم ذوالفقار علي ڀٽو شهيد، هڪ سٽ چئي هئي . . . جيڪا هر هر ڪنن ۾ گونجي ٿي. ڀٽي صاحب، عدالت کي مخاطب ٿيندي چيو هو "دردان دي ماريء دلڙي عليل اي . ." اڄ، وقت کي مخاطب ٿيندي اها ئي سٽ سمجهه ۾ اچي ٿي.

اسان جهڙن مجهولن کان ناراض نه ٿجاءِ ادي . . اسين بيوقوف، سڪو رائج الوقت نٿا ڄاڻون . . اهي ڦنڊ ڦير اسان کي نٿا اچن پيڻ . . اسان جو نه ڪنهن سان مخالفت جو حساب آهي، نه موافقت جو تعلق . . اسان کي ته بس اها خبر آهي ته جيئن سڳين پينرن جو ڏک سينو جڪڙيندو آهي، ائين ئي تنهنجي جدائيءَ جو غم به وڪوڙي ويو آهي. اڄ دل چوي ٿي ته ادي، ادڙي، جيجل، امڙ، آئي، دادا ۽ اهي سڀ خطاب جيڪي گهرن ۾ پينرن کي ڏنا ويندا آهن، تنهنجي نانءُ ڪجن ۽ جيئن پينرن جي رخصت ٿيڻ تي، سندن هٿ وٺندڙن کي وينتي ڪبي آهي ته "سائين . . ڏاڍي لاڏ سان پاليل آهي اسان جي نياڻي . . ان جي پارت اٿوَ . . ائين ئي ڏٺي مٺي کي عرض ڪجي ته رب پاڪ، ڪيس بهتر کان بهتر جاءِ ڏجانءِ . . سندس پورهيو قبول ڪجانءِ ۽ ڪيس جنت الفردوس جي عاليشان باغن ۾ رکجانءِ . . هوءَ گلابي آهي ۽ گلابن ۾ ئي سندس جاءِ سونهين ٿي . . منهنجا رب تون مالڪ آهين ۽ اهو سڀ ته تون بهتر ڄاڻين ٿو اسان جو عرض قبول ڪجانءِ. آمين."

(روزاني ڪاوش، حيدرآباد، 30 ڊسمبر 2007ع)

www.bhutto.org

# الا مان اڏري ويندي سانءِ!

جاويد قاضي

هو ڏسو پنهنجي بابا وانگي سيني کي چرڪائي، سيني کي سڪتي ۾ ڏئي هلي وئي. اسان کي روئاري وئي، اسان جي پيڙ بينظير پڻو واقعي بـ بي نظير ٿي وئي. ڪير هو جو هن جو ثاني هو جهڙو هن جو نالو هو هوءَ اهڙي ئي هئي. پٽو جي پنڪي گلابي گل جيئان معطر ٿي هوءَ ڏسو اڏري وئي ۽ چئي وئي: "مان توهان کي ياد ڏاڍي ايندم. مان توهان جي مارئي هيم. لوڪن جي پياري جو هيم. بابا جي پنڪي جو هيم. مير مرتضيٰ، مير شاهنواز جي ادي هئم. مون تي ڪيڏا نـ بار ها. امان بيمار ۽ مڙس قيد، پائر منهنجا ماري ڇڏين پر تڏهن بـ مون کي واپس اچڻو هو. انهيءَ مٽيءَ ڏي موٽڻو جو هو. انهن ماڳن ڏي، ريگستانن ۽ صحرائن ڏي، مٽيءَ هاڻن ماڻهن ڏي لاڙڪاڻي ۽ موهن جو دڙو ڏي مونکي موٽڻو جو هو. مان پنهنجي بلاول، بختاور ۽ ننڍڙي آصفـ کي ڇڏي، توهان ڏي هلي آيس، جو مون کي هلڻو جو هو. مون کي رڪڻو نـ هو پنڌ ۽ پيچرا اهڙا هئا جهڙا سسئي کي نصيب ٿيا هئا. جيڏانهن پئي نظر ڪيم تيڏانهن ڏونگر ئي ڏونگر ها. ۽ مون کي پنهنجي پنهون کي ڳولهڻو جو هو. بابا جو مشن هو ان سان وچن هو ۽ پوءِ ڏسو بابا جي ڦاهيءَ جي ڦندي تان مان هن کان اهي لڙيون ورتيون ۽ انهيءَ راولپنڊي ۾ اهي ساڳيا ئي قاتل منهنجو پيڇو ڪندا مون کي مارين ٿا، جت هنن بابا کي ماريو هو. ڏسو ڏسو بابا ۽ بينظير هڪ نـ هيا تـ پيو ڇا ها. ڏسو اسين پٽوز ايئن ڪندا آهيون، اسين ايندا آهيون ۽ پوءِ هوائن ۾ اڏري ويندا آهيون، مهڪ بڻجي، هوائن جي هل ۾ پٽن جي پازيب ۾ توهان جي

وبو. هوءَ ڏيءُ بہ هئي، ان بابا جي جنهن کي بہ شهيد ڪيو ويو ڪير ڪٿندو ايڏو بار جيترو هن کنيو ۽ هوءَ مارجي وئي پر تٽي نہ انهن پيچرن تي هوءَ هلندي رهي. تمام محنتي، پرجوش ۽ مستحڪم ۽ سڀ ڪان وڏي ڳالهہ تمام همت واري.

ڇا هو شرم محسوس ڪن ٿا جن اهو بيان ڏنو هو تہ عورت جي اقتدار ۾ اچڻ سان نحوست ڦهلجندي آهي.

فيض چيو هو:

نثار مين تيري گليون مين اي وطن ڪہ جهان
چلي هي رسم ڪي ڪوئي سر اٺا ڪي نہ چلي. .

واقعي هاڻ تہ رڳو ڪوڙا ڪانئر ٻوڙندا ٿا وتن. ايڏا ڪانئر، ايڏا ڪانئر جو هي سنڌ ڪنهن سرطان ۾ ورتل تي لڳي ۽ ان ۾ ويٺي هئي بينظير جيڪا سياست ڄاڻيندي هئي. نہ ڄاڻيندي هئي مذهبي جنون پرستي، فرقيواريت، آمريت سان سمجهوتو نہ ڄاڻيندي هئي.

هوءَ اوليائن، ولين ۽ صوفين جي مداح هئي. هوءَ انهن وٽ پٽ تي بہ ويهندي هئي. هوءَ سنڌ جي صوفي روايتن سان جڙيل هئي ۽ هو ڏسو اسان کان هو کسي ويا. اسان جي بينظير پٿو... خدا جو قسم اڄ هي آگريون پاڻ پيون رقم ڪن. هي تہ ڪوئي ڪائنات جو روڄ آ. سڄي دنيا حيران رهجي وئي. هي سڄو پاڪستان ڪوئي مقتل گاهہ آهي؟؟

بينظير جي قتل ۾ ڇا حڪمران ملوث ناهن؟ سنڌس سيڪيورٽيءَ جي حوالي سان هنن ڪهڙا اپاءَ ورتا؟ ڪارساز جهڙو هيڏو واقعو ٿيو ان جي آزاد انڪوائري هنن نہ ڪرائي. بينظير اليڪشن جي حوالي سان پنجاب وئي تہ پيپلز پارٽي رڙيون ڪيون تہ بينظير جي جان کي پنجاب ۾ خطرو آهي. ان جي سيڪيورٽي لاءِ خطرو آهي. ان جي سيڪيورٽي لاءِ صحيح اپاءَ ورتا وڃن. پر هنن نہ ورتا. سابق وزيرن کي پوليس اسڪاڊ آهن. نگران حڪومت جا اڌ چاچا، ماما، ڏيٿرون ۽ پٽ اليڪشن وڙهن پيا. عدالتون بند، ميڊيا بند. هاڻ ڪير ڄاڻندو تہ ان قتل پويان اصل حقيقت ڇا هئي؟

سچ پڇو تہ اسان سنڌين تي هن وقت وڏي ذميواري عائد ٿئي ٿي.

www.bhutto.org

هڪڙي ڳالهہ سمجهي ڇڏيو تہ پاڪستان جي 60 سالن ۾ جيتري قرباني اسان سنڌين ڏني آهي، اوتري ڪنهن بہ ڪانہ ڏني آهي. واقعي بہ . .

هن وقت هوش ڪان ڪم وٺڻ جي ضرورت آهي. هن وقت هن غم ۽ غصي کي طاقت ۾ تبديل ڪرڻ جي ضرورت آهي. هن وقت ٻڌيءَ جي ضرورت آهي. هن وقت پوري پاڪستان ۾ جمهوريت جي بحاليءَ ۾ پاڻ کي شامل ڪرڻو آهي ۽ رکڻو آهي.

هوءَ واقعي بہ منصور حلاج جي صفت رکندڙ اڳواڻ هئي. هوءَ واقعي بہ وڏي بهادر هئي ۽ خدا جو قسم هن کي خبر هئي تہ هوءَ مارجي ويندي پر تڏهن بہ هوءَ انهيءَ عظيم راهہ تان نہ هٽي.

(روزاني عبرت، حيدرآباد، 29 ڊسمبر 2007ع)

www.bhutto.org

# اهڙي قرباني تہ فقط ماءُ ئي ڏئي سگهي ٿي!

عرفان علي شاهہ

محترمہ بينظير ڀٽو جي شهادت واري عظيم سانحي کان هڪ ڏينهن پهرين، مون عامر خان جي نئين فلم "تاري زمين پر" ڏٺي. اها فلم هڪ اهڙي ٻار تي ٺهيل آهي، جيڪو تمام گهڻو شرارتي ۽ پڙهائي ۾ ڪمزور هجي ٿو. پيءُ ان کي بورڊنگ اسڪول ۾ داخل ڪرائي ٿو. جڏهن ان جا ماءُ پيءُ واپس وڃي رهيا هوندا آهن تہ ٻار جي چهري جا تاثرات ڏسڻ وٽان هوندا آهن. هو بلڪل سڪتي جي حالت ۾ پنهنجي ماءُ کي ڏسي رهيو هوندو آهي. ان وقت ان جي اندر جي احساسن کي گاني جي روپ ۾ ڪجهہ هن طرح ڊيڪاريو ويو آهي. "مين ڪبهي بتلاتا نهين، پر اندهيري سي ڊرتا هون مين مان. . ." جڏهن محترمہ جي زخمي ٿيڻ جو اطلاع پهتو تہ پريشان تہ ٿياسين، پر اهو تصور بہ نہ ڪيوسين تہ محترمہ اسان کي ائين ڇڏي هلي ويندي. سموري قوم هن وقت جنهن ڏک ۽ تڪليف ۾ آهي، شايد ئي ڪڏهن رهي هجي. جڏهن ڪجهہ وقت کان پوءِ پنهنجي معمول واري زندگيءَ ڏانهن موٽي ويندا سين تہ وقت گذرڻ سان گڏ پتو پوندو تہ قوم ڇا وڃايو آهي.

اسان ڪيترائي پيرا انهيءَ جي بيانن سان متفق نہ ٿيندا هئاسين. پر وقت سدائين هن کي صحيح ۽ اسان کي غلط ثابت ڪيو. اهي لفظ ڪير ڪيئن وساري سگهندو جيڪي ڪجهہ وقت پهرين محترمہ هڪ سوال جي جواب ۾ چيا هئا تہ "سياستدان ۽ رهنما ۾ اهو فرق هوندو آهي، جو سياستدان

www.bhutto.org

قرباني گهرندو آهي ۽ رهنما قرباني ڏيندو آهي.“ مان جڏهن به مستقبل جي باري ۾ سوچيندو آهيان ته اسان جو ليڊر ڪير ٿيندو ته ڪو ماڻهو 10 سيڪڙو به محترمه جي برابر نظر نٿو اچي. دل ۽ دماغ ڪنهن بہ ڪي مڃڻ لاءِ تيار ئي ناهي، هاڻي ڪو سياستدان اچي محترمه جي جاءِ ته وٺي سگهي ٿو پر رهنما نٿو بڻجي سگهي. شايد اسان ان جي ڳالهه مڃڻ تي مجبور ٿيون، پر رهنمائي ته اسان محترمه جي تقريرن، انٽرويوز ۽ لکڻين مان وٺنداسين. جن کي اسان ڄاڻندي نه ڄاڻندي ايتري غور سان نه پڙهو. محترمه سدائين لکڻ جي حوصله افزائي ڪندي هئي، پوءِ اهو ڪو آرٽيڪل هجي، ڪتاب هجي يا وري اي ميل هجي. هوءَ اڪثر ماڻهن کي چوندي هئي ته اوهان اي ميل ڪري سگهو ته جيئن اسان سيني جو وقت بچي. پر شايد تمام گهٽ ماڻهن ان پاسي ڌيان ڏنو هجي ته وقت جو قدر اسان وٽ ڪونهي. جيڪڏهن هڪ رهنما ڪجهري ڪندو ته هو پڙهندو ڪڏهن، سوچيندو ڪڏهن، عوام جا مسئلا پچندو ڪڏهن؟ اسان جي ناڪامي ۽ ڪاميابي جي خبر پئجي ويندي جيڪڏهن اسان رات جو سمهڻ کان اڳ پنهنجو احتساب ڪريون ته اڄ اسان ڇا ڪيو ڇا سکيو ۽ ڇا سيکاريو؟ سچي ڳالهه ته اها آهي جو اسان پنهنجي بنهي رهنمائن کي پاڻ وڃايو. اڄ جڏهن طاقتور قوتن ان کي شهيد ڪيو اهي ته پنهنجي مقصد جي تياري ۾ لڳل رهيون، پر اسان به ڪوتاهي جو شڪار رهياسين. هوءَ ڇو ۽ ڇا لاءِ شهيد ٿي؟ اقتدار ڪڏهن به ان جو مقصد نه رهيو. ان اقتدار کي ڇا ڪبو جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ هر وقت موت جو خوف رهي. جتي هڪ جڳهه کان ٻئي جڳهه تائين آزادي سان وڃي به نه سگهجي ۽ ڪنهن کي پڙهائي به نه سگهجي. هن اسان کي جيڪو پروگرام ڏنو اسان ان کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ ڇا ڪيو؟ ڇا اسان تعليم حاصل ڪئي، ڇا اسان پنهنجي ڳوٺ ۾ استاد کي پابند ڪيو؟ جيڪڏهن اڄ قوم مضبوط هجي ها ته يقينن اهو واقعو ڪڏهن پيش نه اچي ها. اسان جي ڪمزورين مان دشمن فائدو حاصل ڪيو. آخر اسان ڪڏهن سمجهنداسين؟ ڪيترا پٽ اسان جي لاپرواهين سبب شهيد ٿيندا؟ اسان ڪڏهن پاڻ مٿان اعتماد ڪنداسين؟ ڪڏهن پنهنجي حصي جي ذميواري پوري ڪنداسين. ڪڏهن اهو سوچڻ بند ڪنداسين ته ”مون هڪڙي جي ڪجهه ڪرڻ سان ڇا ٿيندو؟

محترمه جي تدفين وقت به ملڪ جي خلاف نعرا ٻڌڻ لاءِ مليا ۽

www.bhutto.org

پنجاب جي ليڊرن کي ڏڪا ڏيڻ جا اطلاع مليا. جيڪو اسان جي رهنمائن ۽ پارٽي جي خلاف آهي. محترمہ ڪڏهن بہ صوبائيت جي ڳالهہ نہ ڪئي هئي. هن هميشہ وفاق جي ڳالهہ ڪئي. اڄ اسان انهيءَ لاءِ نہ پيا روئون جو چئني صوبن جي زنجير ٽٽي وئي آهي، سنڌ لاءِ اها فخر جي ڳالهہ آهي، جو هن هڪ دفعو نہ پر بہ پيرا بين الاقوامي ليڊر پيدا ڪيا. ان ڪري ان کي هڪ صوبي تائين محدود ڪرڻ انهن سان زيادتي هوندي، بلڪ اها پنهنجو پاڻ سان زيادتي هوندي، مون کي وڏو افسوس ٿيو جڏهن شاهہ محمود قريشي کي اهو چوندي ٻڌم تہ "اسان سنڌ جي غم ۾ برابر جا شريڪ آهيون" اهو غم تہ اسان سڀني جو آهي. ڇا اسان ايترا خود غرض آهيون، جو اسان کي بابر اعوان، جهانگير بدر ۽ شاهہ محمود قريشي کي پنهنجي تڪليف جو يقين ڏيارڻو پوندو. اسان سڀ محترمہ جا وارث آهيون، اسان سڀ گڏ ويهي پنهنجي قائد جو غم ڪنداسين.

مون هميشہ ان ۾ هڪ خاصيت نوٽ ڪئي تہ هوءَ ماڻهن جي ڳالهہ ڌيان سان ٻڌندي هئي ۽ انهن کي ڳالهہ پوري ڪرڻ ڏيندي هئي. مون کي ياد آهي مون ان کي هڪ اي ميل لکي هئي تہ ميرپورخاص جي ماڻهن سدائين اوهان کي ووٽ ڏنا آهن، پر اسان وٽ هڪ بہ يونيورسٽي ڪونهي. اوهان "زيبسٽ" جي هڪ برانچ ميرپورخاص ۾ بہ کوليو. ڪجهہ ڏينهن اندر مون کي سليمان شيخ صاحب جو فون آيو تہ محترمہ چيو آهي تہ "زيبسٽ" مالي لحاظ کان ايترو مضبوط ناهي پر جيڪڏهن اوهان زمين ڏيو تہ اسان "زيبسٽ" جي ڪيمپس کولڻ لاءِ تيار آهيون. مون حامي ڀري ۽ زيبسٽ فوري طور تي ڪرائي تي جڳهہ وٺي ڪلاسز شروع ڪري ڏنا ۽ مان اڄ تائين زمين ناهيان ڏئي سگهيو. هوءَ سچي نڪتي ۽ مان ڪوڙو.

مون پنهنجي پنجن سالن جي سياسي ڪيريئر ۾ محترمہ کان صرف بہ شيون گهريون، جيڪي هن ڏئي ڇڏيون. هڪ ميرپورخاص لاءِ "زيبسٽ" جي ڪيمپس ۽ ٻيو منشور ڪميٽي ۾ ڪم ڪرڻ جي اجازت. مان هن کي تجويزون موڪليندو هئس، جن کي ايڏي وڏي ليڊر هجڻ باوجود هن ڪڏهن بہ حقير نہ سمجهيو. لنڊن ۾ جڏهن پارٽي ٽڪيٽ لاءِ گڏجاڻي ٿي رهي هئي، ان وقت هوءَ نثار کهڙو کان منهنجي ڪارڪردگي جي باري ۾ پڇي رهي هئي تہ صفدر عباسي وچ ۾ ڳالهيندي

www.bhutto.org

چيو ته، "محترمه هي آرٽيڪلز به لکندو آهي" ته محترمه مون ڏانهن مسڪرائيندي ڏٺو ۽ چيو ته "۽ سليون اي ميلز پڻ" مطلب ته ان کي هڪ هڪ ڳالهه ياد رهندي هئي. 14 ڊسمبر تي بلاول هائوس مان هڪ فون آئي ته محترمه اوهان سان ملڻ چاهي ٿي. مان اتي جڏهن محترمه جي سامهون ويٺس ته پاڻ کي بونو محسوس ڪري رهيو هئس. هڪ قد آور شخصيت آڏو منهنجو ذهن بلڪل خالي ٿي ويو. ڪيترو سوچي ويو هئس ته هي ڳالهائيندس، هو ڳالهائيندس. پر مان فقط ان جي سوالن جا جواب ڏيندو رهيس. موڪلائڻ وقت محترمه مون کي هڪ ڪتاب ڏنو جيڪو پارٽيءَ جي 40 هين يوم تاسيس تي شايع ٿيو هو. ڪتاب تي محترمه لکيو هو. To Irfan Ali Shah, a future leader of PPP and our country.

منهنجي ڪنن ۾ اڄ به هن جو آواز هر وقت گونجي ٿو جڏهن هوءَ نعرا هڻندي هئي ته "کل بهي ڀٽو زنده تها. آج بهي ڀٽو زنده هي." جڏهن هوءَ زنده هئي ته قوم جي پيڻ هئي، ۽ هاڻي جڏهن هوءَ شهيد ٿي وئي آهي، تڏهن هوءَ قوم جي ماءُ بڻجي چڪي آهي، جو ايڏي وڏي قرباني ته فقط ماءُ ئي ڏئي سگهي ٿي.

اڄ جڏهن هوءَ اسان ۾ ناهي ته مان ان فلم "تاري زمين پر" جي ٻار وانگي خوفزده آهيان. مون کي خبر ناهي ته هوءَ مون کي ڀڏي رهي آهي، يا نه. پر مان ان سان ڳالهائڻ چاهيان ٿو پنهنجن جذبن جو هيئن اظهار ڪرڻ ٿو چاهيان. "جڏهن کان تون شهيد ٿي آهين، مان سڪتي جي حالت ۾ آهيان. ڪاش! منهنجي ڳوڙهن جو ڪو رنگ هجي ها ته مان انهن سان توکي لکان ها ته اسين ڪيترا اداس آهيون. تنهنجي مسڪراهٽ سان اسان جون خوشيون هيون. تنهنجي رنج سان اسان به غمزده ٿي ويندا هئاسين. جڏهن تون جيپ مان هيٺ لهي ماڻهن کي هٿ لوڏي نعرن جو جواب ڏيندي هئينءَ، تڏهن تون ته خوش هوندي هوئينءَ، پر اسين فڪرمند هوندا هئاسون. ان ڏينهن جڏهن بلاول کي ٽي وي اسڪرين تي ڏسي رهيا هئاسين ته اسان فقط ان کي ڏسي رهيا هئاسين، چو ته اسان بلاول کي نه بلڪ ان ۾ توکي ڳولي رهيا هئاسين. تنهنجي وڃڻ کان پوءِ اسان ڏاڍا ڊنل آهيون، راتيون تمام ڊگهيون ۽ خوفناڪ ٿي ويون آهن. پهرين تون جاڳندي هئينءَ ۽ اسان سمهندا هئاسين، هاڻي تون سمهي پئي آهين، ۽ اسان جاڳون پيا."

(روزاني ڪاوش، حيدرآباد، 18 جنوري 2008ع)

www.bhutto.org

# مات ڏئي وئي موت کي. . . !

## فياض چنڊ ڪليري

"ابا ڏس ظالمن ڪيڏو ڪيس ڪري ڇڏيو اسان جي نياڻيءَ کي ملڪ ۾ گهرائي، سازش ڪريب (فريب) ڪري، ويچاريءَ مٿان ايئن گوليون وسايائون. ڇڻ هوءَ هن ديس جي سڄڻ نہ ڪا دهشتگرد هئي، مولي ڪندو تہ اسان جي نياڻيءَ جو خون ڪرائيندڙ بہ سُک سان سمهي نہ سگهندا. هوءَ تہ حسيني قافلي جي سرواڻ هئي. جيئن ڪربلا ۾ يزيد اهلبيت سان ڪيس ڪيو هتان جي يزيدن هن حق ۽ سچ جي سپاهڻ سان بہ ساڳي ويڌن ڪئي، ابا! جڏهن کان امڙ بينظير کي قاتلن ڪُٺو آهي، مانيءَ جو هڪڙو گرهہ بہ واتئون وريو ٿو اچي، هوءَ اسان سيني جي اڳواڻ هئي، ڇئن ڏهاڙن کان اسان جي ئي گهر جو چُلهو نہ ٻريو آ. ڇڙو اسان جي گهر جوئي ڇا، سموري سنڌ ڇڻ لُٽجي وئي آهي، اُجڙي وئي آهي. . ." ڪراچيءَ جي قائدآباد کان ڪجهہ ڪلوميٽر اڳتي جوکي موڙ واري علائقي ۾ جنوريءَ جي ٽرندڙ رات جو اِهي پيڙا ڀريا لَفَظ منهنجي عزيز ترين دوست، سنڌيءَ جي ليڪچرار نذير اوڊي جي پيرسن ڳوٺاڻي سادي سُودي والد چاچي محراب اوڊي، پنهنجي اندر جو ڏک اوريندي چيا هئا. . .! مون جنوريءَ جي انهيءَ ٽرندڙ رات جو چاچي محراب جي جهونڙين اکين ۾ غم جي اُها سنگيني ڏٺي هئي، جيڪا ڪنهن ٻوڙهي جهور پيءُ جي روح ۾ جوان پٽ جي ڪمهلي موت کانپوءِ جيون ڀر جو روڳ بڻجي، گونجندي رهندي آهي. گذريل ڏينهن، قائدآباد کان پنهنجي آفيس ايندي، ساڳئي پيڙا وچان

www.bhutto.org

منهنجي پير ۾ ويٺل، پنجاب جي سرائيڪي بيلٽ جي هڪ اڌڙوت عمر جي شخص، پنهنجي اکين جا لڙڪ روڪيندي چيو.

"ميڏا ويرا! انهان ظالمان تي، بابا بلهي شاهه، وارث شاهه تي بابا فريد دي ديس نون، تاريخ وچ شرمسار ڪر ڇوڙيا. ايجهي ظالم جنان دي بولي هٿياران دي هوندي اي انهان دا نا ڪوئي مذهب هوندا اي تي نا ڪوئي انسانيت تي عقيدا ئي هوندا ايه اي تي بس، معصوم لوڪان دا ناحق خون ڪرڻ چاٽندي هن. . . ويرا! اسين پنجاب دي خير خواهه. جنان دي اپڻي حق ويه اي مٽي پير سامراجي پنوئون ني غضب ڪيتي هن، انهان دي دل ماتم ڪدا بڻي هوئي هِن. . . بينظير تي چارون صوبون دي زنجير تي اسان غريبان دي پيڻ سِي، ساڏي بُوئي وچ اينج ئي ماتم برپا هي، جيوين تُسان دي گهران وچ، ڏکڙا ڪيتا پيا ويندا هي. . ." مان گذريل سمورو ڏينهن، انتهائي اضطراب واري ڪيفيت ۾ رهيس، آفيس وڃڻ جي سگهه ساري نه سگهيس، ڏک جي سمنڊ ۾ منهنجو روح ٻڏيءَ تري رهيو هو. . . رات جو دير سان، جڏهن تارن وڳوڙن ۾ سڙيل سنڌ جو حسين شهر ڪراچي، پنهنجي چڪنا چُور وجود تي پها رکي رهيو هو ۽ رکي رکي، هٿيارن جون هنيانءَ ڦاڙ رڙيون هن بدنصيب شهر جي بي ڪيف ننڊ جي پُٺيءَ ۾ وار ڪري رهيون هيون، تڏهن جناح اسپتال پٺيان، تاريخ جي عظيم عورت بزرڱا (جيڪا پنهنجي دور ۾ گورا قبرستان ۾ وڃي، شهر خموشان ۾ ڏيئا روشن ڪندي هئي) جي نالي سان منسوب، ڪبوترن جي ڪُڏين جهڙي علائقي بزرڱا لائين ۾، پنهنجي فليٽ ۾ اڪيلو ويٺي مان، سنڌ جي جديد دور جي عظيم مارئيءَ کي پيڻا ڏيڻ لاءِ پنهنجي هٿ ۾ قلم کڻي، خالي خالي اکين سان، پنهنجي ڊائريءَ جي ڪفن جهڙن سفيد پنن ڏانهن نهاري رهيو هوس ۽ منهنجي تصور جي پر آشوب احساس سان پنجاب جي انهيءَ سرائيڪي شخص جا لفظ گهڙيءَ گهڙيءَ هم ڪلام ٿي رهيا هئا. تڏهن اوچتو منهنجو قلم ڪنهن زخمي ڪبوتر جيان، ڊائريءَ جي ڌرتيءَ تي ڦٿڪڻ لڳو هو لفظ اندر جي ماتم کي هڪڙي ئي ساهيءَ ۾ اظهارڻ لاءِ اتاولا ٿي پيا هئا. منهنجي اوجاڳيل، رت رونيندڙ اکين اڳيان سنڌ راڻيءَ جي گُلن جهڙن ٻارڙن بلاول، بختاور ۽ آصفه جا اُداس چهرا اچي ٿي ويا، جن جي اکين ۾ به

اها ساڳي ئي قيامت برپا ھئي جيڪا، چاچي محبوب اوڏي سميت، سنڌ جي ھر فرد جي اکين جو مستقل درد بڻجي وئي آھي ۽ مون ڊائري سان پنھنجو اندر اورڻ شروع ڪيو.

ھوءَ جا، ساري سنڌ جو اونھو ھئي احساس،
پنھنجي ريتي رت سان، جوڙي وئي اتھاس،
وڏي ويو وشواس، ھاڻ تہ ٿيندو سوجھرو.

. . .

ھوءَ، جنھن ساري سنڌ جو اوچو ڪيو ڳاٽ،
اُن جي ريتي رت مان، روشن ٿيندي لاٽ،
ڪائنر لاءِ چماٽ، بڻجي وئي تاريخ ۾.

. . .

ڪنڌ جُھڪائي سوچيو بابا بُلھي شاھہ،
"ڪائنر منھنجي ديس کي ناھيو مقتل گاھہ
تو آڏو الله! ٿينداسين ڪيئن سُرخرو؟"

. . .

روئي ويٺو راتڙيون، ھُو جو وارث شاھہ،
"ڪنھن آھي بارود سان، رت ۾ رڱي راھہ؟
ٿين شال تباھہ، ماري جن آ مارئي!"

. . .

مات ڏيئي وئي موت کي، للڪاري ھڪ پيڻ،
مُرڪي پيا تاريخ ۾، سنڌڙي! تنھنجا سيڻ
ھُن جا نرمل، نيڻ، تارا ڪتيون ٿي ويا.

موھن جي دڙي جي لازوال تھذيبي قدرن جي اھڃاڻ، "شھيد جمھوريت" بينظير ڀٽو 21 صديءَ جي دور جي جديد سنڌ جي مارئي ھئي. ھوءَ جڏھن پنھنجي پيشانيءَ تان سِر ڪنڌڻ اجرڪ کي، احترام سان جاڻتو ڪندي پنھنجي جينيس بابا وانگر، ٻئي ھٿ جذبات وچان مٿي کڻي چوندي ھئي تہ "گرتي ھوئي ديوار ڪو ايڪ ڌڪا اور دو. . ." تڏھن لکين ماڻھن جي چپن منجھان، ساڳيا لفظ وِرد بڻجي گونجندا ھئا. . .! ھُن،

www.bhutto.org

جون تقريرون، مايوس ۽ ويڳاڻپ نوجوان لاءِ انقلاب جو درجو رکنديون هيون. هن جا خيال، نظريا ۽ آدرش مٿيءَ سان غير مشروط عشق جو اهڃاڻ هوندا هئا. ڇاڪاڻ تہ هوءَ پنهنجي روح ۾ تصوف جي عملي پيروڪار هوندي هئي. اخبارن ۾ شايع ٿيل، غريب، ميرن، ڪپڙن ۽ پگهر ۾ شل عورتن کي پاتل سندس ڳل ڳراٽيون، سندس روح جي عاجزي ۽ انڪساري ۽ مٽيءَ سان موهہ جو ثبوت آهن. هوءَ بابا فريد گنج شڪر جي مريدياڻي هئي، جنهن مٽيءَ جي عظمت لاءِ چيو هيو تہ.

فريدا! خاڪ نہ نندئي، خاڪو جيڏ نہ ڪوءِ،
جيو ناديان پيران تلي، مرتيئي اوپر هوءِ.

۽ سنڌ جو ڀٽائي تہ سندس سرشست ۾ شامل هيو جنهن چيو هو تہ

جا ڀونءِ پيرين مون، سا ڀونءِ مٿان سڄڻين

بي بيءَ جي محبت ۽ روحانيت ۾ رڳجي، سندس وَر آصف علي زرداري بہ ساڳي مٽي ۽ ماٽيپي جو معتقد ٿي پيو هو مون کي چٽيءَ طرح ياد آهي تہ جڏهن آصف صاحب، سينٽرل جيل ڪراچيءَ ۾، قيد و بند جا ڏهاڙا ڪاٽي رهيو هو تڏهن مون پنهنجي پياري دوست (اردو اخبار جي عيوضي) بدر شاهہ سان گڏجي، ساڻس ڪن ڪلاڪن تائين طويل ڪچهري زندگي، سياست، ادب، شاعري، فلسفي ۽ تصوف تي ڪئي هئي، هن ٻڌايو هو تہ "آئون اڄڪلهہ شمس تبريز سچل سرمست ۽ ٻين آفاقي صوفي شاعرن کي پڙهي رهيو آهيان ۽ جيل جي اونداهي ماحول ۾ رهندي، منهنجو باطن روشن رهي ٿو..." محترمہ بينظير ڀٽو جتي پنهنجي روح ۾ تصوف جي پيروڪار هئي اتي ساڳئي وقت، هوءَ دنيا جي جديد عالمي نظرين ۽ سياسي فڪر سان هميشہ سلهاڙيل رهندي هئي، سڄي دنيا جهان جي رهڻين، ڪهڻين، ريتن رسمن، ثقافتي، سماجي ڪار وهنوار، معاشي حالتن، اميري غريبي، بينڪي، راڄ، صنعتي سرمائيداري کان وٺي گلوبلائيزيشن جهڙن نظرياتي موضوعن تي "شهيد جمهوريت" کي ايتري ئي گهري دسترس هئي، جيتري ڪنهن ذهين عالم کي پنهنجي هڪڙي مخصوص علم تي گهري دسترس هوندي آهي. دنيا جي وڏين وڏين

# اي سنڌ! جن توکي پنهنجو رت ڏنو!

سهيل ميمڻ

. . . ۽ پنڊيءَ مان سنڌ جي ٽئين وزيراعظم جو لاش بہ سنڌ پهچي ويو. هيٽ ٽرڪ پوري ٿي. احتجاج ٿيو باهيون لڳيون، ريلون ساڙيون ويون، گوليون هليون، ڪارڪن شهيد ٿيا. عوام زخمي ٿيو بينظير پٽو شهيد سنڌ ڌرتيءَ ۾ سموئجي وئي. ويران روڊ رستن تي اڄ ڪجهہ موٽر سائيڪل سوار زندگيءَ جي وهنوار سانگي نظر آيا آهن. بازارون نہ سهي پر گهٽين ۾ پاڙن جا ننڍڙا ننڍڙا دڪان کليا آهن، سياڻي بازارون بہ کلي وينديون، ريلون بہ هلنديون، زندگيءَ جو وهنوار بہ هلي پوندو بس نقصان ٿيو تہ ڪنهن جو؟ مان پڪ سان چوان ٿو تہ سنڌ جو! سنڌ سان جهٽ پل ۾ هيڏو وڏو ڪيس ٿي ويو آهي جو يقين ئي نہ ٿو اچي. سنڌي ماڻهو ڪاوڙ مستقبل جي خوف، پريشاني ۽ غير يقيني واري گڏيل سواليہ نشان واري سوچ ۾ ورتل آهن.

بي شڪ هوءَ بهادر هئي پر لڳي ٿو تہ هوءَ اڃا تائين هن ملڪ جي اصلي مالڪن کي مڪمل طور تي سمجهي نہ سگهي هئي، هوءَ سمجهي بہ ڪيئن پئي سگهي. بهادر جو هئي. بهادر ماڻهو سازشن کي گهرائي سان سمجهڻ بدران بهادريءَ سان کليل للڪار ڪندا آهن. تڏهن ئي تہ دنيا جي تاريخ اهڙن واقعن سان ڀري پئي آهي، جنهن ۾ دنيا جا ڪيترا سورما ۽

بهادر بزدل ۽ سازشي دشمنن هٿان سر وڃائي ويٺا. هو چون ٿا تہ بينظير ڀٽو کي مذهبي انتها پسندن شهيد ڪيو آهي. جيڪڏهن اها ڳالهہ نيڪ بہ آهي تہ سوال آهي تہ اهي بہ ڪير آهن؟ توهان جا ئي پاليل آهن. توهان ۽ هنن جو ڳٺ جوڙ ڊالر، پائونڊ ۽ يورو جي ڳڏيل زنجير سان مضبوطيءَ سان جڙيل آهي. جيڪڏهن ائين نہ هجي تہ انهيءَ ڀنديءَ ۾ توهان تي ڪيترائي حملا ٿين ٿا، پر بچي ٿا وڃو ۽ سنڌ جي نياڻيءَ تي پهريون حملو ئي ڪامياب ٿئي ٿو ۽ سنڌ هڪ وڏيڪ لاش وصول ڪري ٿي!

لڳي ائين ٿو تہ جيترو سنڌ بينظير جي شهادت تي رني آهي، اوترو ئي دشمن خوش ٿيا آهن، پر ڪين سمجهڻ گهرجي تہ سندن اهي خوشيون وقتي آهن. اولهہ جا ملڪ ۽ آمريڪا، جتي جي واڳ ڌڻين جي چِڪ بہ توهان جون ننڍيون حرام ڪندي آهي، اهي بينظير ڀٽو جي شهادت واري واقعي تي اهڙا تبصرا ڪندي نظر اچن ٿا، ڄڻ توهان جا ڏينهن بہ ڳڻجي چڪا هجن. مون کي ٽيڪساس مان دوست زبير ڀنڀرو فون ڪري ٻڌايو تہ آمريڪا جي ميڊيا (اليڪٽرانڪ توڙي پرنٽ) ۾ آمريڪا جي مقبول ترين صدر جان ايف ڪينيڊي جي قتل بعد جيڪڏهن ڪنهن کي ڪوريج ملي آهي تہ اها بينظير ڀٽو جي شهادت آهي. آمريڪي پريس اسان واري ملڪ لاءِ صاف لکيو آهي تہ Enough is Enough يعني گهڻو ٿي ويو. جن بوتل ڪان ٻاهر اچي چڪو آهي. آمريڪي تجزيہ نگار چون ٿا تہ افغانستان ۾ بہ خودڪش بمبارن جون فيڪٽريون وڏيڪ نہ ٿيون هلي سگهن، جو اتي آمريڪا ۽ اتحادي موجود آهن. پوءِ صرف هڪ ئي ملڪ باقي بچيو آهي ۽ ان باقي بچيل ملڪ ۾ پاڪستان جو نالو لکي آمريڪا جي ميڊيا لکي ٿي تہ تہ Enough is Enough.

مون "ڪاوش" ۾ ئي هڪ آرٽيڪل شڪاگو (آمريڪا) مان 4 آڪٽوبر 2000ع تي لکيو هو جنهن ۾ آمريڪا ۾ پاڪستان متعلق منظر تي آيل رپورٽ جو ذڪر ڪيو هئم، جيڪا آمريڪي ميڊيا ۾ ڪافي بحث هيٺ آئي هئي. اڄ ستن سالن بعد حالتن کي ڏسي ان رپورٽ کي ياد ٿو ڪجي تہ ائين ٿو لڳي تہ ڄڻ اها رپورٽ هڪ ليکو هجي، جنهن تي حالتون سفر ڪري رهيون هجن. 147 صفحن واري ان رپورٽ جو نالو "Asia 2010" هو. جنهن ۾ چيو ويو هو تہ 2010ع تائين ملڪ جي جيڪا صورتحال وڃي

بچنديءَ تنهن ۾ ملڪ جو بچڻ محال آهي. سنڌي، بلوچ ۽ پٺاڻ جيڪي عرصي کان هڪ وڏي صوبي پنجاب جو رويو ڏسي رهيا آهن. ان رويي مان هو خوش ناهن. ان رپورٽ تي ايتري ڌماچوڪڙي نہ مچي ها. جيڪڏهن اها رپورٽ آمريڪا جي انڊر سيڪريٽري فار ڊفينس پاليسيءَ جي لکيل نہ هجي ها. معنيٰ تہ هي آمريڪا جي آفيشل رپورٽ هئي. اها رپورٽ منظر تي اچڻ ۽ ٻڙڌڪ مچڻ ڪري ذميوارن کي چوٽو پيو هو تہ ان قسم جون رپورٽون وڏي مدت واري مطالعي جو حصو هونديون آهن. جن مان پاليسي سازن کي اهو ڏسڻ ۾ مدد ملندي آهي تہ "متبادل مستقبل" ڇا آهي؟ اڄ بينظير صاحبہ جي شهادت اهڙين آمريڪي رپورٽن جي اڳتي وڌڻ طور نظر پئي اچي. پاڪستان جي وزارتِ داخلا جي ترجمان برگيڊيئر چيما جي پريس ڪانفرنس ۾ صاف چيو ويو آهي، بلڪ ثابت ڪيو ويو آهي تہ بنياد پرست پشتو ڳالهائيندڙن ترقي پسند سنڌ جي نياڻي کي شهيد ڪيو آهي. پر اها ڳالهہ ايتري آسانيءَ سان مڃڻ جهڙي ناهي. هن ملڪ جو نظام هلائڻ وارن جهڙي نموني ماضيءَ ۾ ڪارناما سرانجام ڏنا آهن. اهي اسان جي ماڻهن کان وسريا ناهن. مون جيئن ئي بينظير ڀٽو صاحبہ جي ڦٽيان زخمي ٿيڻ ۽ پوءِ شهيد ٿيڻ جي خبر ٻڌي تہ اکين ۾ پاڻي اچي ويو ۽ شڪدم مون کي سائين جي ايم سيد ياد اچي ويو.

هو جو پوڙهو جهوں وڙهندي ٿيو ويڙهہ ۾
اڃا ڏمري ڏاڍ تي، آڻ نہ مڃي مون
سوچي ڏسي ڏون ايندڙ آرهڙ ڏينهڙا!

هو "سوچي ڏسي ڏور" وارو سائين ياد اچي ويو هو جيڪڏهن اڄ حيات هجي ها تہ مون کي پڪ آهي تہ ڳڙهي خدا بخش پهچي ها ۽ آلين اکين ۽ لطيف جي سر مارئي سان هو سنڌ جي ان بهادر نياڻيءَ کي ڌرتيءَ ماءُ حوالي ڪري، سنڌ کي چئي ها تہ:

جن توکي پنهنجو رت ڏنو
سي تو سان پاڻ ملهائي ويا!

وڃ وارا ماڻهو غلط بيان ڪندا آهن. اهي وڃ وارا ئي تہ آهن. جيڪي

# هن پنهنجي ڳالهہ تي قائم رهي ڏيکاريو!

سڪندر بلوچ

ڊائو آف ايسٽ، سنڌ جي نيائي، مارئي ملير جي ۽ شهيد جي ڌيءَ جهڙا خطاب ماڻيندڙ محترمہ بينظير ڀٽو شهيد ٿي وئي. الائي بہ ڇو خبرون پڙهڻ دوران شهيد محترمہ پڙهندي هٻڪ ٿيندي آهي. اجا لکين ماڻهن وانگي منهنجي دل ۽ دماغ بہ ان عظيم ليڊر جي شهادت کي قبول ناهي ڪيو. هونئن بہ شهيد ڪڏهن ناهن مرندا. اهي هميشہ زنده رهندا آهن ۽ هو تہ آهي ئي بينظير ۽ هميشہ بينظير ئي رهندي. منهنجي اليڪٽرانڪ ميڊيا جي ۵ سالن جي نيوز ڪاسٽنگ ۾ منهنجي لاءِ سڀ کان ڏکي خبر محترمہ جي شهادت جي خبر هئي، جنهن کي ٻڌائيندي الائي ڇو لفظ ساٿ ڇڏي ويا هئا. اشڪبار اکين ۽ ڏڪندڙ آواز سان، پنهنجون پروفيشنل ذميواري نڀائيندي، ۲۷ هين ڊسمبر جي شام جڏهن محترمہ بينظير ڀٽو جي جلسي ۾ ڌماڪي جي خبر آئي تہ اسان سنڌي نشريات ۾ ڪي ٽي اين نيوز جي اسٽوڊيو ۾ ويٺا هئاسين، مون سان گڏ صورتحال جي تجزيي لاءِ سائين علي قاضي ويٺو هو. اجا اسان پنهنجي رپورٽرس کان ان ڌماڪي جا تفصيل ورتا پئي تہ ڪيترين جانين ضايع ٿيون ۽ ڪيترا ماڻهو زخمي آهن. ان مهل اها بہ خبر آئي تہ محترمہ محفوظ آهي. پر ٿوري دير بعد اها خبر آئي تہ محترمہ زخمي ٿي پئي آهي. جيڪا مخدوم امين فهيم، ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌائي. علي قاضي تجزيو پئي ڪيو تہ محترمہ هميشہ

خدشو پئي ظاهر ڪيو آهي تہ سندس زندگي کي خطرو آهي ۽ هڪ ڀيرو وري حڪومت محترمہ جي جلسي تي فول پروف انتظام وٺڻ ۾ ناڪام وئي آهي. انهيءَ لمحي اشفاق آذر جو آواز ڪنن ۾ لڳل ٽاڪ بيڪ وسيلي ڪنهن پهاڙ وانگي ٽڪرايو تہ "محترمہ شهيد ٿي وئي." ٿوري وقت لاءِ اسان بلڪل سانت ٿي وياسين. علي صاحب سامهون شيشي جي پٺيان بيٺل اشفاق آذر ڏي نهاريو اشفاق آذر وري چيو تہ. "سائين سيني چئنلز تي هلي پيو تہ محترمہ شهيد ٿي وئي. اسپتال ذريعن سندس شهادت جي تصديق ڪئي آهي" پوءِ علي صاحب ٿي ٻڏل آواز ۾ چيو تہ ناظرين هن مهل سيني چئنلز تي اها افسوسناڪ خبر پئي اچي تہ شايد محترمہ هن دنيا ۾ نہ رهيون آهن. علي صاحب جو آواز پرجي آيو. آئون ان مهل ان ڪيفيت کي سمجهي ٿي سگهيس. ساڳي ڪيفيت اسان جي بہ هئي. پر بهرحال ٽي وي اسڪرين تي اسان ويٺا هئاسين تہ خبر ٻڌائڻ اسان جي پروفيشنل ذميواري هئي. اسان تہ ٻين خبرن جيان اها خبر بہ ٻڌائي پر.مان پنهنجي سيني حواسن. اعصابن کي انتهائي مضبوط ڪندي آلين اکين سان چيو تہ ناظرين محترمہ بينظير ڀٽو اسان سان ناهن رهيون!! اسپتال ذريعن کانپوءِ حڪومت بہ سندس شهادت جي تصديق ڪئي. مون کي ان ڏينهن پنهنجو پيشو ڪنور لڳو جڏهن انسان روئڻ چاهيندو هجي، پر نہ روئي سگهي.

ان 27 هين ڊسمبر جي شام وارا ٿي ڪلاڪ پاڻ تي جبر ڪندي گذريا. اندر ئي اندر رناسين ٿئي. محترمہ جي شهادت تي سنڌ تہ سڄي رني. پر پوري ملڪ ۽ پوري دنيا مان هر ذي شعور ماڻهو سياست سان جنهن جي ٿوري گهڻي بہ واقفيت هئي ان کي شديد رنج ٿيو. مون کي ٿائي لينڊ. سنگاپور. لنڊن ۽ دبئي مان اتان جي رهاڪن جن سان منهنجو تعلق رهيو هو فونون ڪري تعزيتون ڪيون ۽ ايس ايم ايس ذريعي پنهنجي ڏک جو اظهار ڪيو. بهرحال منهنجي زندگيءَ ۾ سڀ کان ڏکي نيوز محترمہ جي شهادت هئي. ڏيهي توڙي پرڏيهي ميڊيا ۾ 6 ڏينهن گذرڻ باوجود بہ اها خبر ڇانيل رهي. سڄي دنيا شديد لفظن ۾ مذمت پئي ڪئي. دنيا جي ناليوارن اڳواڻن هيلري ڪلنٽن کان سونيا گانڌي جارج بش کان گورڊن برائون. نيلسن منڊيلا کان من موهن سنگهہ ۽ گڏيل قومن جي سيڪريٽري بان

ڪي مون پاران ڪيس شاندار لفظن ۾ پيٽا ڏني وئي. اسان جي وڏي بدنصيبي چئجي، جو محترمه بينظير ڀٽو جهڙي عظيم ليڊر کان محروم ٿي وياسين. آئون ان ڪي پنهنجي لاءِ اعزاز سمجهندس ته مون ناچيز کي محترمه سان به پيرا ملاقات جو شرف حاصل ٿيو. محترمه سان پهرين ملاقات گڏيل عرب اماراتن جي گادي واري هنڌ ابوظهبي ۾ 2004ع جي جنوري مهيني ۾ ٿي. جڏهن اسان ڪي ٽي اين نيوز ٽيم سان گڏ دبئي اسٽوڊيو ميڊيا سٽي ۾ هئاسين. پ پ ابوظهبي پاران محترمه جي شان ۾ هڪ پروگرام ڪيو ويو جنهن ۾ اسان کي به شرڪت جي دعوت ڏني وئي هئي. مان پنهنجن ڪوليگ شمائلا مگسي ۽ مرتضيٰ سان گڏ هئس. پروگرام ختم ٿيڻ کان پوءِ محترمه سان تعارف ٿيو ته محترمه تمام گهڻي شفقت سان ڪيڪاريو ۽ چيائون ته ڪڏهن چانهه پارٽي تي منهنجي گهر اچو. ڪجهه عرصو گذريو اسان سمجهيوسين ته شايد محترمه کان اها ڳالهه وسري وئي هوندي، پر اهو هن عظيم ليڊر جو وڏو ماٺپو هو جو ٻن هفتن کانپوءِ بينظير ڀٽو هائوس دبئي کان Invitation ڪال آئي. اتي وياسين ته به پيا پاڪستاني صحافي به هئا. پر محترمه جو اسان سان پنهنجائپ وارو رويو اڻ وسرندڙ رهيو. چيائون ڪي ٽي اين سنڌين کي ۽ انهن جي آواز کي ايوانن تائين پهچايو ۽ نوجوانن کي اليڪٽرانڪ ميڊيا جي نئين دور سان آشنا ڪرايو. محترمه جو پاڪستان جي سياسي صورتحال، خاص ڪري سنڌ ۾ بيروزگاري ۽ نوجوان ٽيلنٽ جي زيان ۽ بين معاملن تي فوڪس رهيو. اها ملاقات 40 منٽن تائين رهي، جيڪا منهنجي لاءِ بهرحال وڏو اعزاز هو. اتي بلاول ۽ محترمه جي نياڻين سان به ملاقات ٿي. مون چيو ته محترمه بلاول، آصفه ۽ بختاور کي سنڌي سيکاريو ۽ اردو به. ڇو ته انهن کي اڳتي سياست ۾ اچڻو آهي. کلندي چيائون ته "بيٽا تون اگر شام جو ٽائيم ڪڍي اچين ته سنڌي جي ٽيوشن ڏين ۽ تنهنجي اچڻ سان سنڌي سان گڏ بلوچي به سکندا." ڇا ته هن عظيم نياڻيءَ جي شخصيت هئي، ڇا ته پنهنجائپ وارو رويو. منهنجي لاءِ اها ملاقات محترمه سان ڪنهن اعزاز کان گهٽ نه هئي. آخر ۾ موڪلائيندي مون محترمه ۽ سنڌس ٻارن کي ڪي ٽي اين دبئي آفيس وزٽ ڪرڻ ۽

www.bhutto.org

چانهہ جي دعوت ڏني. پر ڪجهہ عرصي ڪانپوءِ اسان جي ڪي ٽي اين آفيس دبئي کان ٿائيلينڊ جي گادي واري هنڌ بينڪاڪ شفٽ ٿي وئي ۽ محترمہ جي پاڻ وٽ مهمان ٿيڻ واري شرف کان محروم رهياسين.

منهنجي تعجب جي حد تڏهن وڌي وئي، جڏهن گذريل سال ورلڊ سنڌي ڪانگرنس جي ساليانی ڪنوينشن ۽ جنرلزم سيمينار اٽينڊ ڪرڻ لاءِ لنڊن وڃڻ ٿيو. اتي خبر پئي تہ محترمہ بہ لنڊن ۾ ترسيل آهي. دوست کان نمبر وٺي سوچيم تہ محترمہ کي سلام ڪريان ۽ جيئن تہ پنهنجي دلي خواهش هئي تہ محترمہ جو ڪي ٽي اين لاءِ انٽرويو ڪريان، جنهن جو اظهار محترمہ سان مون دبئي ۾ بہ ڪيو هو. سو فون تي آپريٽر کي تعارف ڪرايم، هولڊ ڪرائڻ لاءِ چيائين. ڪجهہ سيڪنڊن ۾ آپريٽر چيو تہ پنهنجو نمبر ڏيو. محترمہ اصل ۾ آمريڪا وڃي پئي، سو ڪجهہ فارينر مهمان آهن، توهان کي ڪال بيڪ ڪنداسين. مون پنهنجو نمبر لکرايو ڪلاڪ ڪانپوءِ فون آيو. پڇيائون تہ سڪندر بلوچ ڪي ٽي اين واري جو نمبر آهي، مون چيو تہ ڳالهايان پيو. آواز آيو تہ محترمہ بينظير پٽو ڳالهائيندي- ۽ عظيم سنڌ ڇائي جنهن جي پنهنجن تي شفقت جو ايڏو وڏو هٿ هو چيائون، "سڪندر بيٹا آپ يهان کيسي؟" ٻڌايم بي بي ڪانفرنس اٽينڊ ڪرڻ آيو آهيان ۽ جيڪڏهن اوهان وٽ ٽائيم هجي تہ ڳالهہ ٻولهہ بہ ڪرڻي هئي. کلندي چيائون، "تون کهڙو بلوچ آهين. پهرين تہ اهو ٻڌاءِ، تو دبئي چانهہ پارٽي جو واعدو ڪيو ۽ پوءِ وري ظاهر ئي ڪونہ ٿئين. بلوچ تہ ڏاڍا مهمان نواز هوندا آهن." ٻڌايم تہ محترمہ اسان جي آفيس ٿائيلينڊ شفٽ ٿي وئي، سو مون کي ڏاڍو افسوس آهي. چيائون تہ "هاڻي جيستائين تون پنهنجو واعدو پورو نہ ڪندين، تيستائين انٽرويو ناهي بابا." بهرحال اها ان عالمي اڳواڻ جي پنهنجائپ ۽ وڏ ماڻهپي جي جهلڪ هئي جيڪا شيئر ڪندي هڪ پيرو ٻيهر منهنجون اکيون اشڪبار آهن. بهرحال ٻڌايائون تہ هنن جي آمريڪا فلائيٽ آهي، ٿائيلينڊ اچي چانهہ ضرور پيئبي. ان ڪانپوءِ پاڪستان واپسي ڪانپوءِ محترمہ سان ڪي ٽي اين لاءِ ٽيليفونڪ ٽاڪس ٿيا. وري بہ محترمہ کي چانهہ واري ميار ياد هئي. مون ناچيز کي نالي سان سڃاڻڻ ۽ سنڌن پاران 4 سال اڳ دبئي واري ملاقات بہ ياد رکڻ مون لاءِ واقعي بہ اعزاز ئي هئي. هوءَ

www.bhutto.org

جهڙي نموني هتي آئي، ۽ جنهن انداز ۾ آئي، مون کي فيض جون هيٺيون سٽون جڙ ان لاءِ ئي لڳن ٿيون:

جب گهلي تيري راهون مين شامِ ستم
هم چلي آئي لائي جهان تک قدم
لب پي حرفِ غزل، دل ۾ قنديلِ غم
اپنا غم تها گواهي تيري حسن کي
ديکهہ قائم رهي اس گواهي پہ هم

هوءَ واقعي بہ پنهنجي ڳالهہ تي قائم رهي، هن عوام لاءِ ئي جيئڻ پئي چاهيو ۽ عوام لاءِ ئي زندگي ڏيڻ پئي چاهي، ان جي مخالفن کي هاڻي تہ سندس اهڙي ڪردار کي مڃڻ گهرجي.

(روزاني ڪاوش، حيدرآباد، 8 جنوري 2008ع)

www.bhutto.org

## ڀٽي جي ڀنڪيءَ جو وڇوڙو ۽ سنڌ!

ذوالفقار قادري

هوءَ سنڌ ڄائي ذوالفقار علي ڀٽي ۽ ايران جي اصفهان ۾ جنم وٺندڙ نصرت جي پريم جي ڀهرين نشاني هئي. نصرت ڀٽو ڪراچي جي پنٽو اسپتال ۾ جڏهن هن ننڍڙي ٻارڙيءَ کي جنم ڏنو تہ هوءَ گلاب جي گلن جي مکڙين جيان خوبصورت ۽ گلابي هئي. ذوالفقار علي ڀٽي کي جڏهن برطانيا جي هاسٽل ۾ اهو ٻڌايو ويو تہ کيس نياڻي پيدا ٿي آهي تہ هو خوشيءَ منجهان پيلو مودي ۽ پنهنجي دوستن کي ٻڌائڻ لڳو تہ هو اڄ پيءُ بڻجي ويو آهي. ڀٽو فوري طور پنهنجي ڀهرئين ڏيهہ کي ڏسڻ وطن وريو. هن جڏهن پهرين نظر پنهنجي نياڻيءَ تي وڌي تہ سندس گلابي چهرو ڏسي فوري طور هن چيو تہ "هيءَ ڀنڪي آهي." ذوالفقار علي ڀٽي پنهنجيءَ نياڻيءَ جو نالو تہ پنهنجي پياري ڀيڻ بينظير جي نالي پويان بينظير ئي رکيو پر هو کيس پيار منجهان "ڀنڪي" سڏيندو رهيو. ذوالفقار علي ڀٽي پنهنجي هن پياري نياڻيءَ جي تربيت پٽن جيان ڪئي. بينظير جو اهو ڏينهن جڏهن هوءَ انگلينڊ پڙهڻ لاءِ رواني پئي ٿي تہ 70 ڪلفٽن مان کيس ماءُ قرآن جي ڇانوَ ۾ الوداع ڪيو. ڀنڪي برطانيا مان سياست، قانون، معاشيات جي تعليم حاصل ڪئي. ذوالفقار علي ڀٽي کي پنهنجي ڌيءَ تي پروسو هو تڏهن ئي هڪ دفعي جڏهن بينظير کي سندس ماءُ نصرت ڪراچيءَ مان ٽرين ذريعي لاڙڪاڻي وٺيو پئي اچي تہ هن اتر سنڌ جي قدامت پسند ڀٽن جو خيال رکندي بينظير کي برقعو پارايو. المرتضيٰ ۾ جڏهن ذوالفقار علي

www.bhutto.org

پٽي پنهنجي ڏيءُ پنڪي کي برقعي ۾ ڏنو تہ نصرت کي چيائين تہ بينظير کي برقعي پائڻ جي ضرورت ڪونهي. عورت جو اصل حياءُ سندس اکين ۾ هئڻ گهرجي. ذوالفقار علي ڀٽي پنهنجي ڌيءُ جي سياسي تربيت بہ پاڻ ڪئي.

71ع جي پاڪ - ڀارت جنگ ۾ بنگلاديش واري سانحي وقت بينظير لنڊن ۾ پڙهي رهي هئي. کيس ڀٽي فوري طور نيويارڪ گهرائي ورتو. سلامتي ڪائونسل جي تاريخي اجلاسن ۾ بينظير پنهنجي پيءُ سان گڏ رهي. ان بعد جڏهن سندس پيءُ پاڪستان جو صدر بڻيو ۽ شملا مذاڪرات جو وقت آيو تہ ذوالفقار علي ڀٽي ۽ اندرا گانڌي درميان اهم ملاقاتن ۾ بہ بينظير ذوالفقار علي ڀٽي سان گڏ رهي. بينظير انهيءَ رات بہ پنهنجي پاپا سان گڏ هئي، جڏهن 5 جولاءِ 1977ع واري ڪاري رات تي جنرل ضياءَ سندس پيءُ وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽي جي سرڪار جو تختو اونڌو ڪري اقتدار تي قبضو ڪيو. بينظير وئڪيشن جا ڏينهن گهارڻ پاڪستان پهتي هئي، پر کيس ڪهڙي خبر تہ سندس زندگيءَ جو رخ ئي تبديل ٿي ويندو. بينظير ننڍڙيءَ عمر ۾ جڏهن سندس عمر اجا پڙهڻ جي هئي ڏکن ۽ مصيبتن جي ور چڙهي هئي. ڀٽي صاحب پنهنجي ٻنهي پٽن کي ملڪ ڇڏڻ جي هدايت ڪئي. جڏهن تہ بينظير انهن لمحن ۾ هڪ طرف قيدي پيءُ، بيمار ماءُ، چپ جيڏي پارٽيءَ کان علاوه جنرل ضياءَ جهڙي آمر کي منهن پئي ڏنو. بينظير پنهنجي پيءُ جي آزاديءَ لاءِ ڪراچي کان خيبر تائين هڪ ڪري ڇڏيو. بينظير جيل ۽ نظربنديءَ جا ڏينهن بہ گهاريا. بينظير لاءِ اهو لمحو ڀاري گذريو جڏهن سانس سهالا پوليس ڪيمپ ۾ نظربند بيمار ماءُ نصرت کي عوام جي محبوب اڳواڻ ذوالفقار علي ڀٽي سان راولپنڊي ڊسٽرڪٽ جيل جي ڦاهي گهاٽ ۾ آخري ملاقات لاءِ وٺي آيو. چار اپريل جي اها ڀيانڪ رات جڏهن بينظير پنهنجي پياري پاپا سان دل کولي ڳالهيون بہ نہ ڪري سگهي. روئيندڙ بينظير کي جيل جي اختياريـن زبردستي پيءُ کان ڌار ڪيو. بينظير کي پيءُ جي ڦاهي باغي بڻائي ڇڏيو. هن عوام جي قافلي جي سرواڻي ڪئي. ماڻهن کيس پاڪستان جي چٽني صوبن جي زنجير ڪوٺيو سنڌين کيس "مارئي ملير جي" جا لقب ڏنا. هن عوامي جدوجهد خاطر سخت

گرميءَ وارن ڏهاڙن ۾ بہ سينٽرل جيل سکر ۽ ڪراچي ۾ قيد گهاريا. هوءَ ڪاڇي کان ڪارونجهر تائين ڪراچي کان ڪشمور تائين جدوجهد جو اهڃاڻ ٿي ابري. ماڻهن بہ بينظير تي ويساهہ ڪيو. بينظير هن ڌرتيءَ جي جهانسي جي راڻي، رضيہ سلطانہ ۽ چاند بيبي ٿي ابري. هن ڪئين بت ڪيرايا. هن عوام کي وڙهڻ ۽ حقن کي ڇنني وٺڻ جو حوصلو ڏنو. مون بينظير ۾ شڪتي ڏٺي وڙهڻ جي. آواز بلند ڪرڻ جي.

ڀٽو خاندان سان اهو ڪو پهريون سانحو ڪونهي. ذوالفقار علي ڀٽو شهيد شاهنواز ڀٽو مرتضيٰ ڀٽو ۽ هاڻ بينظير ڀٽو شهادت وٺي ان شهيدن جي قافلي کي اڳتي ڪٽي آئي. موت برحق آهي. دنيا ۾ جيڪو بہ نفس آيو ان کي موت جو ذائقو هڪ ڏينهن چکڻو آهي، پر ڪي موت تاريخ ساز ٿين ٿا. سنڌ اڳ ئي گهڻا گهاءَ ڪاڏا هئا. ذوالفقار علي ڀٽي جي ڦاهي سنڌين کي پاڪستان کان اوپرو ڪي ڇڏيو هو پر اها بينظير ئي هئي جنهن وري سنڌين کي ان وفاق جي رشتي ۾ ڳنڍي رکيو هو. بلوچن جا گهاءَ نوروز خان کان ويندي اسد مينگل تائين، نواب اڪبر بگٽي کان ويندي مير بالاچ مري تائين اڃا ڇٽا ئي نہ هئا تہ وري سنڌين کي هڪ گهاءُ ڏنو ويو آهي. راولپنڊي جي ڇانوٽيءَ واري علائقي ۾ واقع ڪمپني باغ اهو خوني باغ آهي. جنهن ۾ سنڌ جي ٻئي وزيراعظم کي گولي هڻي، سندس لاش سنڌ موڪليو ويو آهي.

(روزاني ڪاوش، حيدرآباد، 28 ڊسمبر 2007ع)

www.bhutto.org

ايترو صبر به نه ٿي سگهيو ڏاڍ جي وحشي هٿن کان ۽ ڊسمبر جي 27 تاريخ ٿي شامِ غريبان جو تڏو وڇايو ويو. "هاءِ حسين، هاءِ وڇوڙا" جي سڏڪندڙ صدا سان ماتم منعقد ڪيو ويو آهي. هن مظلوم مٽيءَ جي مظلوم ماڻهن لاءِ، ڀٽ ڌڻيءَ جي رسالي جا ورق اڏامڻ لڳا آهن.

جان سين هئي جيئري، ورچي نه وئي
وڃي پونءِ پيئي، مارئيندي ڪي سڄڻين!

ورهين کان وٺي خاموش ٿيل لطيف جي تنبوري جي تار وري وڄڻ لڳي آهي

جا کهي ڪنيائين، تنهين وڪ ويجهي ڪئي
ڇڪي ڇنائين، پنڌ مڙيئي پڀ جو.

وحشتن جي ور چڙهيل سموريون فضائون، وياڪل موسمن جو نوحو بڻجي ويون آهن ۽ سنڌ جي پوڙهين اکين ۾ هڪ ڪربلا متل آهي. هاڻي سنڌ جي اجڙيل جهوليءَ ۾ رهيو به ڇا آهي؟ بي پهچ، لاوارث، بکيا ڏکيا ۽ ڇڙوڇڙ ٿيل، ويڳاڻا مارو، ڊنل، هيسيل مهانگائي ۽ موتن جا ماريل پورهيت هاريءَ شهيدن جون قبرون، قاتل تاريخ جا ورق، اجهاڳ اڃ، اڻ ڪٽ رڃ هڪ طرف ۽ ٻئي طرف ڪارين زبانن وارا ڪجهه ويساهه گهاتيون ڪندڙ ماڻهو. بتال ۽ درندہ. ڌارين جي آڳر ڪي جهلي، وات متو ڪرڻ جي لالچ ۾ پنهنجن کي ڏنگيندڙ نانگ... يا وري اجڙيل وستين ۾ قتل ڪانڊيرن جهڙيون يادون.

بس اهو ئي ڪجهه ماڻيندڙ سنڌ تنها، وياڪل...
جهڳي اسان جي ڪکن پنن جي
نظر انهيءَ تي به دشمنن جي
لڪي ڇپي ويا، وڪوڙي ويري
ڪکن تي ڪوسي رکي ويا ڪيري
دکي دکي سا ٻري پئي آ
زبان رت سان ڀري پئي آ.

ها، اهو سچ آهي ته وقت بي رحم ۽ تاريخ وحشتناڪ حقيقتن جي دنيا آهي. ها، اهو به سچ آهي ته دنيا جي دل تي، وڏا وڏا المناڪ واقعا به

www.bhutto.org

روشنيءَ کان محروم رکيو، نام نهاد سياست جي بهاني گولين جو بک بنايو ويو وڃي. اسان جي زمينن کي سوڪ ۽ زهريلي پاڻيءَ وسيلي ڪلرائو بنائي ناڪاره ڪيو پيو وڃي. ڌارين جا لشڪر اسان تي مڙهيا پيا وڃن ڪاپي ڪلچر، بيروزگاري اٿهوند. ڌاريل ڪلچر اسان جي مقدر ۾ لکيا ويا آهن. لوڀ، لالچ ۽ اقتدار جي آسري تي، اسان جا ئي ماڻهو خريد ڪيا پيا وڃن. اسان جي اديب، شاعر، فنڪار هنرمند کي مالي مشڪلاتن ۾ وڪوڙي، هڪ ٻئي جي خلاف پڙڪائي، رسوا ڪيو پيو وڃي. اسان جي ميڊيا کي تالا هڻي، اسان کي اسان جي خبر کان محروم رکيو پيو وڃي. اسان جي زميندار هاري ۽ صنعتڪار کي قرضن ۾ ڦاسائي، خريد ڪرڻ جي منڊي لڳائي وئي آهي ۽ وڌو ”لمر اهو تہ اسان جي ڳالهہ ڪندڙ اسان جي اڳواڻن کي، سر عام خون ڪري، سندن لاش تحفي طور موڪليا پيا رهن، ڇا اڃا بہ اسان سجاڳ نہ ٿينداسين؟ بينظير جو قتل ڪو عام ۽ اتفاقيہ طور ٻئي جي آگر جهلي، ننڍي وڏي ڪرسي حاصل ڪرڻ واري اڳواڻ جو خون تہ ناهي. هوءَ تہ سڄي دنيا جي عظيم اڳواڻ ۽ ٽين دنيا جو تعارف ڪرائيندڙ سرواڻ هئي. ان جو خون لڙهي ويو تہ تاريخ اسان کي ڪيئن معاف ڪندي؟

بينظير جو قتل نہ تہ ڪنهن هڪ فرد جو قتل آهي، نہ تہ ڪنهن هڪ ڪٽنب جي ڪنهن ڀاتي جو قتل آهي. ڳڙهي خدا بخش جي قبرستان ۾ جڙيل هن نئين قبر ۾، اڄ سنڌي ماڻهن جي سورهيہ پيڙه سان گڏ سموري مظلوم عوام جا جذبا ۽ تبديليءَ جا خواب بہ دفن ٿي چڪا آهن. هر گهر ۾ تڏو وڇايل آهي ۽ عذر خواهي ونڻ لاءِ سنڌ اڪيلي آهي، ٻين کي تہ رڳو هٿ ڪٽڻا آهن.

ڏکيون جان نہ مڙن، تان تان پنڻ نہ ٿئي
پنڻ واريون پڌريون، ڳاڙها ڳل سندن
ٻيون هُنئين هٿ هڻن، رُئنديون رُئڻ واريون!

(روزاني ڪاوش، حيدرآباد)

www.bhutto.org

## هڪڙي هئي بينظير . . .

اسحاق سميجو

هوءَ، جنهن کي پٿو پنڪي ۽ دنيا ”بي نظير“ سڏيندي هئي، سا نيٺ هن ملڪ جي سياهہ ۽ سفيد جي مالڪن هٿان تاريڪ راهن ۾ ماري وئي. . . ۽ سنڌ جي ڪمزور ڪلهن کي پنهنجي هڪ بهادر نياڻيءَ جي لاش جو ڀاري بار کڻڻو پيو جنهن بار سنڌس چيلهہ ڀڃي وڌي آهي. شهيد بختاور ڪان پوءِ، جنهن جو نالو بينظير پنهنجي نياڻيءَ تي رکيو هو بينظير سنڌ جي هڪ ٻي عظيم عورت آهي، جنهن جام شهادت نوش ڪري، سنڌ کي فخر ڪرڻ لاءِ هڪ ٻيو سبب تہ بلاشڪ پيدا ڪري ڏنو آهي، پر هن جي شهادت سنڌ جي حوصلي ۽ همت کي ٽوڙي رکيو آهي ۽ ماڻهو بيوسي ۽ مايوسيءَ جي طوفان ۾ ڪک پن وانگر دربدر ڦري رهيا آهن.

18 آڪٽوبر تي، ساڍن اٺن سالن کان پوءِ هن پنهنجي وکن سان پنهنجي وطن جي مٽيءَ کي ڀهريون ڀيرو چميو هو تہ هن جو چهرو عجيب خوشيءَ مان ٻهڪي اٿيو هو. ڪراچيءَ جو شهر بہ نئين سر اوپر جي ڪنوار ٿي پيو هو. هڪ مايوس، محروم، بدتر واري صورتحال جو شڪار ملڪ ۾ ڄڻ تہ عجيب تحرڪ ۽ زندگي اچي ويا هئا. سياسي اڳواڻن جي ڏنگيل ماڻهن ۾ ڄڻ نئون روح ڦوڪجي ويو هو ۽ سنڌن قدمن سان گڏ ڌڙڪنون بہ رقص ۾ مگن ٿي ويون هيون. جتي اڳواڻ 10 هزار ماڻهن جي جلسي ڪرڻ لاءِ پريشان هوندا آهن، اتي 30 لک ماڻهو الائي ڪٿان ۽ ڪيئن اچي پهتا هئا. ايئن ٿي لڳو تہ سنڌ ڄڻ ڇرڪ ڀري جاڳي پئي هئي. بينظير جي اهڙي آجيان، هن جي مخالفن جا ئي نہ، ڪيس وطن ورڻ جي

www.bhutto.org

اجازت ڏيندڙن جا منهن بہ هيڏا ڪري ڇڏيا هئا. جو تہ هو بينظير جي ڪردار ڪشيءَ تي ڪروڙين روپيہ لٽائي چڪا هئا. هنن سمجهيو هو هاڻ هنن شهيد پيءُ جي هن بهادر ۽ عظيم ڌيءَ بابت ماڻهن جي دلين ۾ نفرت پيري ڇڏي آهي. تنهن ڪري وطن آئي بہ تہ اها سندن اقتدار ۽ سياسي هڪ هٽيءَ کي لوڏي نہ سگهندي. پر هوءَ تہ پيءُ جي ڌيءَ هئي. اهو پيءُ جنهن جي زندگي بہ هن ملڪ جي عوام لاءِ وڙهندي گذري، تہ شهادت بہ ان عوام جي راهہ ۾ ٿي. اهو ئي پيءُ جنهن لاءِ بينظير پنهنجي لاڙڪاڻي ۾ ڪيل آخري جلسي ۾ پوري جوش ۽ روح سان چوندي ٻڌي وئي:"زنده هَي پيءُ زنده هي. . . زنده هَي پيءُ زنده هي..." تنهن پيءُ جي احسانن کي ماڻهو نيٺ بہ ايترو جلد ڪيئن ٿا وساري سگهن؟. ماڻهن کي خبر ناهي تہ پيءُ جا مخالف پيءُ تي ڪهڙو ڪيس ٺاهيو ويٺا آهن. ماڻهن کي تہ پيءُ جي سياسي نظريي ۽ فڪر جي بہ پوري پروڙ شايد ئي هجي، پر ان جي باوجود ماڻهن جي دلين تي پيءُ جي حڪومت اهڙي ئي سچائي آهي، جهڙي اها ڳالهہ تہ پيءُ توڙي ان جي اولاد پنهنجون زندگيون ماڻهن مٿان صدقي ڪيون آهن. بينظير ڪراچيءَ پهتي تہ ملڪ جو سياسي وايومنڊل ئي تبديل ٿي ويو. هن کي بہ ان ڳالهہ جو مڪمل ادراڪ ۽ احساس هيو تہ هن جي آمد سان نہ ملڪ جو سياسي وايو منڊل ساڳيو رهندو نہ سياسي نظام ۽ نہ ئي حڪمرانن جا نت نانگر. هن کي اها بہ خبر هئي تہ جن ڌرين جي هوءَ دڪانداري بند ڪرڻ لاءِ واپس آئي آهي، سي هن کي منظر تان هٽائڻ لاءِ هر ڪا ڪِريل حرڪت ڪري سگهن ٿيون. ان ڪري ئي هن پاڻ کي پوندڙ ڪنهن بہ نقصان جي صورت ۾، اڳواٽ ئي ٽن ذميوار شخصن جا نالا جوابدار طور حڪومت کي ڏئي ڇڏيا هئا. پر پوءِ بہ انهن ماڻهن تي ڪا نظر نہ رکي وئي. نہ رڳو اهو پر ڪراچيءَ ۾ آجيان واري ريلي دوران بينظير تي بہ آپگهاتي بم حملا ٿيا. جن ۾ سندس 50 جان نثارن سميت 140 ماڻهو مارجي ويا. پر پوءِ بہ حڪومت کي بہ اپاءَ نہ ورتا. پر رهندو حڪومت جا اهم ماڻهو اهو چئي، ڪيس جلسا جلوس ڪرڻ کان روڪيندا رهيا تہ "توهان تي ڪنهن بہ وقت حملو ٿي سگهي ٿو حملي لاءِ هيترا آپگهاتي بمبار نڪري چڪا آهن. هيترا اسلام آباد ۾ داخل ٿي چڪا آهن. هيترا هن پاسي روانا ٿي ويا آهن..." پر انهن بمبارن جي

مڪمل ڄاڻ رکندڙ ۽ اطلاع ڏيندڙ ذريعن انهن جي گرفتاريءَ لاءِ ڪجهه به نه ڪيو. ٿي سگهي ٿو ته انهن کي ڪجهه ڪرڻ کان روڪيو به ويو هجي يا انهن جا هٿ ٻڌل هجن. پر پوءِ جيڪو ڪجهه ٿيو اهو سڀ سموريءَ دنيا پنهنجي اکين سان ڏٺو ۽ حڪومت توڙي ان جا ادارا اهو ٿي تماشو ڏسندا رهيا.

پنڊيءَ جي لياقت باغ ۾ هوءَ جنهن خوشيءَ ۽ مسرت سان سرشار نظر ٿي آئي. تنهن کي 27 ڊسمبر واري جلسي جي جهلڪين منجهان محسوس ڪري سگهجي ٿو. ايئن پيو لڳي ته هن کي پڪ ٿي وئي هجي ته هاڻ هن ملڪ جي عوام جي تقدير تبديل ٿيڻ ۾ گهڻي دير نه لڳندي. هاڻ ماڻهن جا حق ڦٻائيندڙ ظالم حڪمران گهڻو وقت هلي نه سگهندا. هاڻ جمهوريت، آمريت کي شڪست ڏيڻ ۾ گهڻي دير نه وٺندي. پر پوءِ هوءَ اڃا جلسي مان نڪري، پنڊي جي روڊ تي مس چڙهي، ته ملڪي تاريخ جو اهو ڀيانڪ سانحو پيش آيو جنهن جو ڏک هن جي وطن واپسيءَ واري ڀيرئين ڏينهن کان ٿي شدت سان محسوس ڪيو پئي ويو ۽ جنهن جو خيال ايندي ٿي سنڌ جا ساڃاهه وند ڏڪي ٿي ويا. بينظير جي شهادت بعد هڪدم سڄو ملڪ ٽپي ٽامو ٿي ويو. هر گهٽي ماتمي جلوس ۾ بدلجڻ لڳي ۽ هر اک رت جي ڳوڙهن ۾ ٻڏندي وئي. ماڻهو اوڇنگارون ڏئي، هڪ ٻئي کي ٻڌائڻ لڳا: "اڄ ملڪ جو عوام ڇورو ڇنو ٿي ويو... اڄ جمهوريت جو سج غروب ٿي چڪو... اڄ سنڌ يتيم ٿي وئي..." هن جي شهادت سڄي ملڪ کي هڪ تڏي ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. ماڻهن جون اکيون ۽ دليون ڪاوڙ ۽ رت جي ندين ۾ بدلجي ويون آهن. عجيب ماتمي ماحول آهي ۽ ماڻهن کي ڪجهه سمجهه ۾ نٿو اچي ته اهي ڇا ڪن. هن وقت تائين سڄي ملڪ جي اڪثر شهرن ۾ هزارين سرڪاري توڙي خانگي گاڏيون ۽ عمارتون رک جو ڍير بڻجي چڪيون آهن ۽ ماڻهو ديوانگيءَ منجهان ديوارن سان مٿا ٽڪرائي رهيا آهن. گاڏين جا شيشا ٽوڙي رهيا آهن ۽ هر شيءِ کي خاڪ بڻائي، پنهنجي مٽان وسائڻ چاهين ٿا... پر سنڌ جي آخري اميد ته ٻڏي چڪي... جمهوريت ۽ عوامي راڄ جو خواب ته رتو رت ٿي چڪو... ۽ ماڻهو هڪ ڀيرو ٻيهر هڪ اونداهي ۽ بارودي سُرنگهه جهڙي دور ۾ ته داخل ٿي چڪا... هاڻ ڇا ٿيندو؟!

بينظير جي شهادت سان جيترو نقصان سنڌ ۽ ان جي عوام کي پهتو

www.bhutto.org

آهي. شايد ئي ملڪ جي ٻئي ڪنهن صوبي ۾ ان جي عوام کي پهتو هجي. اهو ئي سبب آهي جو اڄ سنڌ ۾ قيامت صغريٰ جهڙو ماحول آهي هر گهر مان سڏڪا ۽ اوسارا ٻڌجن ٿا. جڻ ته هر گهر کان پنهنجو محبوب ترين ياتي وڇڙي ويو هجي. ٻين صوبن جي ته ڳالهه الڳ آهي. پر سنڌ وٽ بينظير ئي آخري آپشن ۽ سهارو هئي. جو ته سنڌ جي سياست ۾ موجود باقي ڪردارن ۾ ڪو هڪ به شخص اهڙو ڪونهي. جيڪو پاور ڪاريڊورس ۾ سنڌ جي حق ۽ حصي جي ڳالهه ڪري سگهي. هن ملڪ جي ظالم سگهارين ڌرين سان اکيون اکين ۾ وجهي ڳالهائڻ جي سگهه فقط هن ۾ ئي هئي. سڄي ملڪ ۾ اهو اعزاز فقط بينظير کي ئي حاصل هو. جنهن جي صورت ڏسڻ لاءِ ماڻهو پوليس جون لٺيون کائيندا هئا. آپگهاتي بمبارن جي پرواهه ڪرڻ بنا جلسن ۽ ريلين ۾ ڪاهي پوندا هئا ۽ جسمن تي زخم سهي به اهو چوندي ٻڌبا هئا ته " هيءَ ته هڪڙو سِر آهي. بينظير لاءِ ته سوين سر به هجن ته قربان ڪري ڇڏجن. . ." بينظير زندگيءَ گذارڻ کان وٺي، شهادت ماڻڻ تائين وک وک تي پنهنجي والد جي ڪردار جو ڳاٽ اوچو رکيو. هن جي شخصيت واقعي به حيرت جو مجسمو هئي. ڪراچيءَ ۾ مٿس ٿيل آپگهاتي حملي واري واقعي کان پوءِ جڏهن ڊپ وچان ٻين پارٽين جا ليڊر به گهرن ۾ لڪي ويا هئا. تڏهن بينظير بنا سيڪيورٽي انتظامن جي شهيدن جي گهرن ۾ تعزيتن لاءِ ويندي رهي ۽ اسپتالن ۾ زخمين جي عيادت ڪنديءَ کين خراج تحسين پيش ڪندي رهي. اهڙي بهادري ملڪ جي ڪنهن مرد ليڊر ۾ به نه هئي، جنهن ڪري بينظير سان پيار ڪندڙ به عجيب ديوانگي ۽ سرفروشيءَ جو مجسمو بڻجي ويا هئا. ان جو سبب اهو به آهي ته هو چاهن پيا ته رڳو هو ئي بينظير لاءِ سر تريءَ تي رکي نتا گهمن. پر بينظير به مٿن سِر گهورڻ جو حوصلو رکي ٿي ۽ هوءَ جيڪو چوي ٿي، سو ڪري به سگهي ٿي. نيٺ بينظير پنهنجو سر قربان ڪري اهو وچن پاڙي ڏيکاريو جنهن کي پاڻي ڏيڻ لاءِ هوءَ زندگيءَ جو جوکم کڻي. پنهنجن ماڻهن ۾ موٽي آئي هئي. جيتوڻيڪ کيس پنهنجن ماڻهن سان ڪل به مهينا. نو ڏينهن ئي گڏ رهڻ نصيب ٿيا. پر انهن ٻن مهينن ۾ هن ماڻهن کي ايترو ڪجهه ڏنو آهي. جيترو هن ملڪ جا حڪمران. اسٽيبلشمينٽ. ڳجها ادارا توڙي ٻيا دعويدار گذريل ٦٠ سالن ۾ به نه ڏئي سگهيا آهن.

ڪالهه جڏهن شهيد بينظير ڀٽو جو لاش هن جي شهيد والد ذوالفقار علي ڀٽي جي پيرانديءَ کان مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو پئي ويو. تڏهن هڪ طرف سڄي دنيا جي ماڻهن جون دليون ۽ اکيون ڏک ۾ لڙڪن سان ڀريل هيون ته ٻئي پاسي سنڌ جي ماڻهن جو ڪنڌ فخر وچان اوچو به هو جو ڪالهه کين ان ڳالهه جو احساس وڌيڪ شدت سان ٿيو ته هو هڪ اهڙي سياسي ڪٽنب جا وارث آهن. جنهن ڪٽنب جي ماڻهن سياست ڪي ڌنڌو نه بڻايو ۽ ان کي فقط پنهنجي جاگير ۽ ڌن دولت جا انبار لڳائڻ لاءِ حربي طور ڪتب نه آندو بلڪ انهن مان هڪ هڪ شخص پنهنجي زندگي اربي چڏي. هن کي خبر هئي ته هن جي زندگي نشاني تي آهي، پوءِ به واپس موٽي آئي. هن پارٽ ئي چيو هو ته هوءَ شينهن جي هڪ ڏينهن جي زندگيءَ کي پسند ڪري ٿي. سو هن کي نصيب به شينهن جي هڪ ڏينهن واري زندگي ئي ٿي. سياسي گدڙن، ويڪائو وڏيرن، مفاد پرست سياسي سوداگرن سان ته سنڌ ڀري پئي آهي ۽ انهن جي زندگي به گهنجڻ بجاءِ وڃي ٿي وڌندي، پر طبعي موت مرڻ بعد انهن جي قبر تي ڪو ڏيئو ٻارڻ وارو به نه هوندو. پر بينظير جي قبر سدائين سنڌ لاءِ روشن آئندي جي اميد رهندي، جنهن تي رحمت جون بارشون ۽ ماڻهن جا ميلا متل رهندا. سنڌ جي ماڻهن کي پنهنجي هن بهادر ڌيءَ ۽ عظيم ڀيڻ تي هميشه فخر رهندو ۽ هو پنهنجي ايندڙ نسلن کي ڪنڌ مٿي ڪري ٻڌائيندا، ته "هڪڙي هئي بينظير... هوءَ سنڌ جي ماڻهن جي دلين تي راڄ ڪندڙ شهزادي هئي، جنهن جي شهادت تي سنڌ جي وڻن، ٽڻن ۽ پکين به ماتم ڪيو هو..".

(روزاني ڪاوش، حيدرآباد، 29 ڊسمبر 2007ع)

www.bhutto.org

# جمهوريت لاءِ وڙهندڙ
# هڪ ديومالائي ڪردار جي
# شهادت ۽ سنڌ جو ڏک

ڊاڪٽر ايوب شيخ

ڦاسي، زهر، گولين ۽ بمن کي برداشت ڪندڙ "ڀٽو فيملي" جي باقي شهيدن وانگر هن به سمورن نعرن، چوٽين، ڪهاڻين ۽ داستانن کي معنيٰ ڏئي ڇڏي. ان فيمليءَ جي سياسي کاتي ۾ پاڪستان جي ماڻهن جي ذهنن ۾ هڪ چوٿين شهيد جو اضافو ٿي ويو: "شهيد" جو لفظ ان ساڳي ٻه دفعا وزير اعظم رهندڙ محترمه بينظير ڀٽو جي نالي سان لڳي چڪو آهي. جنهن کي ٽيون ڀيرو وزير اعظم ٿيڻ کان پري ڪرڻ لاءِ هن کي زندگيءَ کان محروم ڪيو ويو. ڪالهه ٽن شهيدن جون مزارون هن جي انتظار ۾ هيون. جڏهن هوءَ ڪارساز سانحي (18 آڪٽوبر) ۾ بچي وئي هئي ته هڪ هفتي ڪانپوءِ پنهنجي جيئري ئي ان ساڳئي هنڌ تي پنهنجي والد ۽ ڀائرن جي مزارن تي گلاب جا گل چاڙهڻ آئي هئي. هن کي اها خبر نه هئي ته "هو هر حال ۾ کيس قتل ڪرڻ چاهين ٿا. هن جو جيئرو بچڻ قاتلن جي ڪٽڪ لاءِ سٺو نه هيو. نيٺ 69 ڏينهن ڪانپوءِ هن کي راولپنڊي ۾ قتل ڪيو ويو. هن جو بهادر ٿي جيئڻ ۽ مرڻ ۾ ايمان هيو. هن کي رڳو پنهنجي فيملي جي فردن جي همت سان شهيد ٿيڻ واري ڳالهه حوصلو نه ڏنو هو پر هن ڌرتي ۽ هن فيملي ۾ ضرور ڪا اهڙي ڳالهه آهي، جيڪا هنن کي بقول محترمه جي

”ڪوئن ۽ گدڙن وانگر“ زندگي گذارڻ کان روڪي ٿي. پٽو فيملي ”پُٽ“ ۾ رهڻ نہ سگهيو هو. ان ڪري هنن کي ”پُٽ“ ۾ ڪو بہ گهاءُ نہ هيو. شهيد پُٽي کان وينديي شاهنواز ۽ مير مرتضيٰ کان وينديي محترمہ تائين سڀني شهيدن کي سامهون ڏک لڳل هئا.

اپرنڊڙ سج جي روشن ڪرڻن جيئان ”اوپر چائي“ محترمہ بينظير ڀٽو جنهن جي لاءِ شهيد توڙي مرحومہ جا لفظ اوپرا اوپرا ۽ اڻ نهڪندڙ لڳن ٿا. تنهن پنهنجي عوام سان گڏجي آمريت خلاف جمهوريت جي جنگ ۾ پنهنجي جان جي بازي لڳائي. نيٺ پاڪستان کي اونداهہ ڏانهن ڌڪيندڙ قوتن هن کي قتل ڪري ڇڏيو. هوءَ نہ ڊني، نہ ڇرڪي، نہ آڻ مڃيائين ۽ سڀ پنهنجي سر تي سهي پنهنجي پيءُ جي قدمن جي نقش تي هلندي شهيد ٿي وئي. مان محترمہ جي وڇوڙي جي ڏک کي سندس ور آصف علي زرداري، سندس ٻارن بلاول، بختاور، آصفہ، محترمہ جي والدہ بيگم نصرت ڀٽو صاحبہ ۽ شهيد ڀٽي جي بچيل اڪيلي نياڻي صنم ڀٽو جو ڏک نہ پر دنيا، ملڪ ۽ سنڌ جي سمورن ماڻهن جو ڏک سمجهان ٿو. محترمہ ڪالهہ جسماني طور هئي پر اڄ ڪونهي. هوءَ پنهنجي مٽيءَ ماءُ جي حوالي ٿي وئي آهي. هن پنهنجي حياتي جي آخري گهڙيءَ تائين عوام جو ساٿ ڏنو عوام سان گڏ رهي. هن جان ڏني پنهنجو ايمان وڪرو نہ ڪيو.

هن جي قتل ٿيڻ جي گهڙي نوٽ ڪريو. هوءَ بمن ۽ گولين جي حملن کان بي خوف همت سان ماڻهن کي ڏسي جلسي گاهہ ڇڏڻ مهل پنهنجي آخري مرڪ ۽ پيار ماڻهن ۾ ورهائڻ لاءِ (گوليون بچائيندڙ گاڏيءَ مان) اٿي بيٺي. فاتح مرڪ سان پنهنجي عوام سان گڏ نعرن جا جواب ڏيڻ لاءِ هن سنڌن سڏ ورنايو. هن پنهنجا آخري هٿ لوڏيا. پنهنجي ماڻهن جي خوشيءَ سان گڏجي سنڌن نعرن جا جواب ڏنا پر آمريت خلاف اپا ٿيل هٿ گولين ۽ بمن جي حملي ۾ ساڻا ڪيا ويا. گهرو وزارت چيو هو تہ ”مٿس حملو 21 ڊسمبر تي ٿيندو.“ ان وارننگ مان لڳي ٿو تہ وزارتِ داخلا کي خبر آهي تہ ڪير ڪير آهي. 27 ڊسمبر تي خوني حملي ۾ هن کي شهيد ڪيو ويو پر انگريزي چينل ”سي اين اين“ تي محترمہ جي اها اي ميل انتهائي اهم آهي، جيڪا ان چينل جي صحافي ”وولف بلتزر“ کي آمريڪا ۾ رهندڙ

www.bhutto.org

"مارڪ سيگل" کان ملي آهي. محترمہ اها اي ميل مارڪ سيگل ڏانهن موڪلي هئي. ان اي ميل ۾ محترمہ لکيو هو تہ. "جيڪڏهن مون کي پاڪستان ۾ نقصان پهتو تہ ان جو ذميوار مشرف هوندو." هن وڌيڪ لکيو هو تہ. "مون کي هن جي ماڻهن ڊيچارڻ ۽ غير محفوظ هئڻ بابت خطرا ٻڌايا آهن. مون کي حفاظت لاءِ پوليس جون چار گاڏيون, گاڏين لاءِ ڪارا شيشا ۽ بمن ڦاڙڻ جي رموٽ سسٽم کي روڪڻ جا اوزار بہ نہ ٿا ڏنا وڃن."

ماڻهو هن جي ڳچيءَ تي نظر ايندڙ ٻِرَ کي ڏسي الله سائين کان هن جي وڏي عمر واسطي دعائون گهرندا هئا. هن جي ٻِرَ کي ڏسي ماڻهن کي جنرل ضياءُ الحق پاران بينظير جي والد جي گردن ۾ ڏنل ڦاسي ياد ايندي هئي. انهن دعائن جي موٽ ۾ هوءَ وري پاڻ در در وڃي ماڻهن لاءِ دعائون گهرندي هئي. هن ۽ عوام جي وچ ۾ هڪڙو سياسي ۽ روحاني رشتو هيو. ڏکڻ ايشيا جي ماڻهن سري نگر (ڪشمير) ۾ پيدا ٿيل نهرو خاندان ۽ اتان وهي ايندڙ سنڌو درياءَ جو پاڻي پيئندڙ ڀٽو فيمليءَ جي فردن کي پنهنجي جان جي پرواهہ نہ ڪندڙ هيرو طور ڏٺو آهي. سنڌ دل مان "ڀٽو فيملي هيرو هيرو باقي سڀ زيرو زيرو" سميت جيڪي بہ نعرا لڳايا وڃن ٿا, سي ڪي عام نعرا ناهن پر اهي ان ڀٽو فيملي جي روايتن جو تسلسل آهن.

جلاوطني جي خاتمي کان اڳ لنڊن ۾ آخري پريس ڪانفرنس ۾ هن جي دعا هيءَ هئي تہ " هر حالت ۾ اسان جي ماڻهن جو قتلام بند ٿيڻ گهرجي." هن دبئي کان ڪراچيءَ لاءِ وڃڻ کان هڪ ڏينهن اڳ 17 آڪٽوبر تي پريس ڪانفرنس ڪندي وري اها ڳالهہ ڪئي هئي تہ "پاڪستان هلائڻ لاءِ لاڙڪاڻي ۽ لاهور جو فرق ختم ڪرڻو پوندو." هنَ گذريل صديءَ جي آخري ورهين ۾ جلاوطن ٿي ملڪ ملڪ جهاڳيندي پاڪستان کي هڪ ناڪام رياست (Failure State) ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ دنيا کي ٻڌايو تہ. "ملڪ جمهوريت ۽ ماڻهپي سان جيئرا رهندا آهن.". نئين هزاري (2000ع) جي نئين صدي جي ستين ورهيہ (2007ع) ۾ پنهنجي اٺن ورهين جي جلاوطني ختم ڪري جڏهن سنڌ جي راڄڌاني ڪراچي ۾ لکين ماڻهن جي مرڪ پسڻ لاءِ گولين لڳڻ کان بچاءَ ڪندڙ گاڏي (Bullet Proof Vehicle) ۾ سوار ٿي تہ هن جي دل جي اڱڻ تي شاهہ جي شعر جون اهي سٽون روح ۾ رچي پيون:

ميخُون مُحبتَ سَندِيُون، هِينئڙي مَنجھ هَزارَ
پَکا ۽ پَنوَهارَ ڏِٺي مَون ڏِينهَن ٿِيا!

هن ماڻهن کان پري رهڻ ٿي نہ سکيو هو. سڀ پروٽوڪول ڇڏي هوءَ پُٽي شهيد جي ڏيءُ بينظير پٽو بنجي سامهون نروار ٿي. انهن انن ورهين ۾ ماڻهن عيدن تي خوشيون نہ ڏٺيون هيون، جيڪي سنڌ جي هن نياڻيءَ کي پسڻ سان کين مليون هيون.

وِيئي ويچارَنِ وِسرِيہ خوشِي ۽ خَرِيدَ،
سِڪرَ ڪِيا شهِيدَ، مارُو جي مَلِيرَ جا!

هن کي گلاب جا گل پسند هئا. انهن گلن جو ڳاڙهو رنگ هن سان ڇهٽي پيو هو. پر هن جي زندگي جو چوٿون حصو دبئي جي ريگستان ۾ گذريو. هن کي جمهوريت پسند هئي پر سندس زندگيءَ جي 54 ورهين مان هن کي رڳو 16 جمهوري ورهيہ نصيب ٿيا. هن کي شيڪسپيئر جا ڊراما پسند هئا. هن کي بهار گل، ٻار عوام ۽ مرڪ وڻندي هئي. هن کي بيوفائي نہ وڻندي هئي. اها ڪنهن پارٽي واري ڪئي هجي يا ڪنهن اتحادي جيتوڻيڪ هن کي گهٽي گرمي ۽ گهٽي سردي پسند نہ هئي پر هن پنهنجي زندگي ۾ سکر سينٽرل جيل کان وٺي سهالا ريسٽ هائوس ۾ قيد دوران رڳو گرمي ۽ سردي ئي برداشت ڪئي، پر هن کي ڪوهہ مري ۾ پڙهڻ ۽ لنڊن يونيورسٽي واري زمانن ۾ برف جون شديد سردي واريون موسمون بہ مليون.

هن کي جيل ۾ قيد پنهنجي ور آصف علي زرداري سان ٻار ملائڻ پسند هيو تہ جيئن ٻارن کي خبر پئي تہ سندن پيءُ سان سرڪار ڇا پئي ڪري؟ پر آصف، زرداري ان عمر ۾ ٻارن جي ذهن تي قيد ۽ جيل جي ملاقاتن جا اهي نقش ڇڏڻ جي خلاف هوندو هيو. محترمہ جو خيال هو تہ ٻارن کي پيءُ ۽ ماءُ ٻنهي جي صحبت ملڻ گهرجي. هوءَ شاهنواز جي نياڻي کي نہ ملندڙان قرب تي پڻ ڏکويل هوندي هئي. اها اتفاق جي ڳالهہ هئي تہ جڏهن محترمہ جلاوطن هئي تہ آصف علي زرداري بي دريافتو قيد ۾ هيو. ماڻهن کي ان ڳالهہ جي پوءِ خبر پئي تہ آصف زرداري رڳو پيپلزپارٽيءَ جي سمورن "وزندار" ماڻهن جو وزن کڻي جيل ۾ نہ ويٺو هو پر بينظير ڀٽو جي مڙس طور سرڪار هن کي قيد ۾ رکيو هو جنهن ڪري محترمہ ۽ آصف

علي زرداري ماءُ ۽ پيءُ جي گڏيل حيثيت ۾ پنهنجي اولاد سان گڏ نہ رهي سگهيا. جڏهن محترمہ کي جلاوطني جا اهي اٺ سال ٻارن سان دبئي ۾ گڏ رهڻ جو موقعو مليو سگهيو هو تڏهن آصف زرداري وري ڪانئن پري جيل ۾ هيو. جڏهن زرداري صاحب ٻاهر آيو تہ ڪجهہ وقت هو ٻئي گڏ رهي سگهيا پر بينظير پنو پاڪستان بچائڻ لاءِ بقول محترمہ جي تہ "رياستي ڏاڍ" سان مقابلي لاءِ دنيا ۾ ٻاهر رهڻ چاهيو ۽ جهر جهنگ جهاڳيندي رهي. آصف زرداري انن ورهين ڪانپوءِ آزاد ٿي آيو تہ وري آمريڪا ۾ علاج ڪيس رهائي وڌو ۽ هو نہ محترمہ کي تائيم ڏئي سگهيو نہ وري ٻارن کي.

محترمہ کي جنهن بہ قتل ڪيو ۽ جن بہ قتل ڪرايو تن کي محترمہ جي اهميت جي باري ۾ مڪمل ڄاڻ هئي. اهو رڳو پيپلزپارٽي جي باني اڳواڻ جي نياڻي جو قتل ڪونهي پر اهو پاڪستان کي هڪ "ناڪام رياست" ٿيڻ کان بچائڻ واري ليڊر جو قتل آهي، اهو رڳو پ پ مخالف سياسي قوتن جي تمام وڏي رڪاوٽ جو قتل ناهي پر اهو ملڪ ۾ جمهوري سلسلي ۽ جمهوري روايتن جو بہ قتل آهي جن جو فائدو رڳو ۽ رڳو جمهوريت جي دشمنن کي پهچندو. قاتلن ۾ موجود ڪن ماڻهن جو اهو خيال بہ هوندو تہ محترمہ جي قتل ٿي وڃڻ سان نہ رڳو پيپلزپارٽي ڪمزور ٿي ويندي پر خود ان پارٽي خلاف هڪ سازش شروع ٿي ويندي، اهي ماڻهو چاهيندا هوندا تہ ورڪنگ ڪلاس جي حامي اها تمام وڏي پارٽي پنهنجي محبوب اڳواڻ جي شهادت سان ختم ٿي وڃي. محترمہ بينظير پنو جيڪا اميد هئي، آس هئي، حوصلو هئي، ڍال ۽ ٽيڪ هئي، ماءُ ۽ ڌيءُ هئي، ڀيڻ ۽ ڀاءُ هئي، هوءَ سمورن رشتن جو ميلاپ هئي. تنهن جو قتل ڪو عام معمولي واقعو ناهي پر سازش جي هڪڙي نئين غير عوامي سلسلي جي نئين شروعات آهي.

سنڌ توڙي پاڪستان کي هن نازڪ موقعي تي، سياسي يتيمي جي صورتحال ۾ نہ رڳو سنجيدگيءَ سان ڪي اهم فيصلا ڪرڻا آهن، پر محترمہ جي سياست جي سلسلي واسطي انتهائي اهم ڳالهيون طئي ڪرڻيون آهن. هن ڏک جي گهڙي تي سمورا فيصلا اسان جي ڪيئي ڏهاڪن جي نصيب بابت پنهنجي تاريخ جوڙيندا. ان ڪري اڄ جا فيصلا رڳو ڪجهہ ڏينهن جا نہ سمجهڻ گهرجن.

www.bhutto.org

نوابزادي نصر الله خان پنهنجي مرڻ کان اڳ آخري انٽرويو ۾ محترمہ جي باري ۾ هڪ ڏينهن لنڊن ۾ ٽي وي انٽرويو ۾ چيو هو تہ "بينظير ڀٽو رڳو عالمي ليڊر ناهي پر ملڪ جو اثاثو آهي. جيڪڏهن هن کي نظرانداز ڪيو ويو تہ اها پاڪستان سان وڏي زيادتي هوندي"

ڦاسي، زهر، گولين کي برداشت ڪندڙن "ڀٽو فيملي" جي باقي شهيدن وانگر محترمہ بينظير ڀٽو بہ سمورن، نعرن، چوٽين، ڪهاڻين ۽ داستانن کي سڀ معنائون تہ ڏنيون پر پنهنجي والد جي نقش قدم تي هلندي هن انهن اڳين روايتن کي پنهنجو خون ڏئي پنهنجي سچائيءَ جي ليڪ پٽرائي چڙهي هوءَ شهيد تي وئي، هن شهادت جي سمورين روايتن کي معنيٰ تہ ڏني پر سندس شهادت سان سموريون شيون ٻي معنيٰ تي چڪيون آهن. دنيا لاءِ پاڪستان هڪ "اجنبي ملڪ" بڻجڻ واري رستي تي گامزن آهي.

(روزاني ڪاوش، حيدرآباد)

# پنڊيءَ ڪاڻ لاڙڪاڻي موڪليل هڪ پيو لاش!

**منظور ميراڻي**

**چوندا** آهن تہ تاريخ پاڻ کي ورجائيندي آهي. . ۽ مان سوچيان ٿو تہ هن ملڪ ۾ تاريخ پنهنجو پاڻ سدائين ڀٽو فيملي تي ڇو ٿي ورجائي؟ تاريخ پنهنجو پاڻ ورجايو ۽ هڪ ڀيرو ٻيهر هڪ وزيراعظم کي قتل ڪيو ويو. ڪالهہ 1979ع هو ۽ اڄ 2007ع جا آخري ٿي ڏينهن. . هن سال جو ڪيلينڊر اچا تبديل ئي نہ ٿيو جو هن ملڪ ۾ گهڻو ڪجهہ تبديل ٿي ويو بينظير ڀٽو جي آمد جا جشن ماتم ۾ تبديل ٿي ويا. . ساڳي 79ع واري سينڌ ڪوبي، ساڳيو لياريءَ جي عورتن جو ماتم، ساڳيو روڊن تي احتجاج، ۽ ساڳي هر اک آلي. . گهٽ ۾ گهٽ سنڌ جي تہ هر اک آلي ئي هئي. ممڪن آهي تہ ڪالهہ شام ڪيترن ئي گهرن ۾ چلهہ بہ نہ ٻري هجي، ممڪن آهي تہ ڀٽي جي شهادت جيان، ڪيترن ئي گهرن ۾ تڏا وڇايا ويا هجن. ڀٽو جي شهادت تي ماڻهن ڪيئن محسوس ڪيو هو اهي درد جي کهڙيءَ ڪيفيت مان گذريا هوندا، ان جو اندازو اڄ جي جنريشن کي نہ هو پر ڪالهہ جڏهن بينظير ڀٽو جي قتل جي خبر پهتي هوندي تہ اڄ جي جنريشن کي اندازو ٿي ويو هوندو تہ ماڻهو ڀٽي جي شهادت تي کهڙي اذيت مان گذريا هوندا! هڪ اهڙي ڪيفيت جيڪا لفظن ۾ بيان نٿي ڪري سگهجي. اها تہ بس ڳوڙهن ۾ ئي بيان ٿي سگهي ٿي. بس سينہ

www.bhutto.org

ڪوبي ۽ مٽي ۾ خاڪ وجهڻ سان ئي ان جو اظهار ٿي سگهي ٿو ۽ ڪالهه اسان اوهان هر ٽي وي چئنل تي اهڙي اظهار جا ڪيترائي منظر ڏٺا.

رڳو منظر ئي نه پر الائي ڪيترين اهڙيون فون ڪالز به آيون، جن تان رڳو سڏڪا ئي ٻڌڻ لاءِ مليا. . . ماڻهو ڪنهن سياسي ليڊر سان ايئن به محبت ڪن ٿا، اهو ٻڌو ته هئوسين، پر ان جو تجربو ڪالهه ٿيو. ماڻهو ائين روئي رهيا هئا، ڄڻ انهن جو ڪو ويجهو عزيز انهن کان جدا ٿي ويو هجي.

بينظير ڀٽو سنڌ جي ڌيءُ هئي، ۽ فطري طور تي پنهنجي نياڻيءَ جي قتل تي ان جي امڙ ئي وڏيڪ ماتم ڪري رهي آهي، پر بينظير ڀٽو ان نصرت ڀٽو جي به ڌيءُ هئي، جيڪا مون کي ڪنهن الमياتي ڊرامي جو ڪردار لڳندي آهي. نصرت ڀٽو جنهن جي زندگي هڪ وزيراعظم سان شادي ڪرڻ باوجود المين سان ئي ڀريل رهي. هن پنهنجي زندگيءَ جا چار وڏا الميا برداشت ڪيا. نصرت ڀٽو پهرين پنهنجي ور جو لاش ڏٺو ان کان پوءِ پنهنجي جوان پٽ شاهنواز جي پراسرار موت جي خبر به هن جي ئي نصيب ۾ آئي، وري ڪيس مرتضيٰ جو لاش تحفي ۾ مليو. الميا هر چند سالن کان پوءِ هن جي آجيان ڪندا رهيا، ۽ هاڻي ڪجهه ئي سالن کان پوءِ بينظير جو قتل. . . ڇا اڳيان ڏک نصرت ڀٽو لاءِ ڪافي نه هئا، جو هڪ ٻيو الميو به هن جي ئي نصيب ۾ لکجي آيو!؟

دنيا ٿي سگهي ٿي ته تبديل ٿي وئي هجي، پر ڀٽو فيمليءَ لاءِ ڄڻ ته ڪجهه به تبديل نه ٿيو. . . ملڪ جي هر موڙ تي موت انهن کي نشانو بڻائڻ لاءِ گهات هنيو ويٺو رهيو ۽ جڏهن به ان کي موقعو مليو ڀٽو خاندان جو ڪو نه ڪو فرد ان جو شڪار ٿي ئي ويو. . . جيڪڏهن گهات هڻي ويٺل موت 18 آڪٽوبر تي ناڪام ٿيو ته ان وري 27 ڊسمبر تي پنهنجو زور آزمايو ۽ ان زور ۾ رڳو بلاول، بختاور ۽ آصفه ئي يتيم نه ٿيا، پر اها جمهوريت به يتيم ٿي وئي، جنهن جو خواب هن ملڪ ۾ تعبير ماڻڻ لاءِ بيتاب آهي. . . رڳو اهي لکين ماڻهو ئي لاوارث نه ٿيا، جيڪي بينظير ڀٽو جي واپسيءَ تي هڪ نئين صبح جي اميد ڪري رهيا هئا، پر ڄڻ ته اهي سڀ ڌريون به لاوارث ٿي ويون، جيڪي انتهاپسنديءَ خلاف ويڙهه ڪندي ڪندي ٿڪجي پيون هيون، ۽ سمجهيو پئي ته انتها پسنديءَ سان مقابلو پاڪستان کي جمهوري بڻائڻ سان ئي ڪري سگهجي ٿو ۽ جمهوريت جي

www.bhutto.org

ڳالهه ڪجي، ۽ ان مان ڀٽو فيمليءَ کي الڳ ڪري ڇڏجي، سو ممڪن ئي نه هو. اهو ئي سبب هو جو هن کي واپس اچڻ ڏنو ويو پر انتها پسندن ان جي آجيان هڪ آپگهاتي حملي سان ڪئي، جنهن حملي ۾ بينظير ڀٽو ته بچي وئي، پر ڏيڍ سئو ماڻهو زندگيون وڃائي ويٺا. جڏهن 18 آڪٽوبر جو واقعو ٿيو هو تڏهن گهڻن ماڻهن اهو ئي سوچيو هو ته بينظير ڀٽو جيڪڏهن بچي وئي آهي ته هيءَ حملو ڪيس واپس موڪلڻ جو ڪم ضرور ڪندو ۽ هوءَ واپس دبئي هلي ويندي . . پر هن نه رڳو هتي ئي رهڻ جو فيصلو ڪيو پر حملي جي ٻئي ڏينهن تي زخمين سان عيادت ڪرڻ لاءِ اسپتال ۾ پهتي ۽ اجل جو شڪار ٿيندڙن جي پونئيرن سان تعزيت لاءِ سندن گهر وڃي نڪتي. هن جي اعصابن جو ڪو جواب نه هو نه ته پنهنجي سامهون ايترا سارا لاش ڪرندي ڏسڻ ۽ اها خبر به هجي ته اهو حملو ڪيس ئي نشانو بڻائڻ لاءِ ٿيو ان کان پوءِ ائين تحرڪ جاري رکڻ انهن انتها پسندن کي چئلينج ڪرڻ برابر ئي هو. جيڪي مسلسل بينظير ڀٽو جي لاءِ ڪڏهن لاڙڪاڻي ۾، ڪڏهن لاهور ۾ ته ڪڏهن حيدرآباد ۾ گهات هڻندا رهيا.

پنڊيءَ سدائين سنڌ کي اهڙا تحفا ڏنا آهن، جن تحفن تي سنڌ وٽ ماتم ڪرڻ کان سواءِ ڪجهه به ناهي هوندو. هن وقت به پنڊيءَ پاران سنڌ کي جيڪو تحفو مليو آهي، ان تي ايئن ئي ٿي سگهي ٿو جيڪو ڪالهه سڄي ملڪ ۾ خاص ڪري سنڌ جي روڊن تي ٿيندو رهيو. ماڻهن کي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته هو ڇا ڪن، بينظير ڀٽو جي قتل تي ڪهڙو ردعمل ڏيکارين، ماتم ڪن، احتجاج ڪن، ٽائرن کي باهيون ڏين، هوائي فائرنگ ڪن، ٽريفڪ بلاڪ ڪن، يا ڪو ٻيو اهڙو ئي انتهائي قدم کڻن. ايئن ئي جيئن ڀٽو جي شهادت وقت ٿيو هو.

جڏهن ذوالفقار علي ڀٽو کي ڦاهي ڏني وئي هئي، تڏهن ٻڌو هئوسين ته ان ڏينهن ڀٽي جو ڪيترن ئي چاهيندڙن پنهنجو پاڻ کي باهه ڏئي ساڙڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. . . اهڙن واقعن تي اسان واري جنريشن سوچيندي هئي ته ايئن ڪيئن ٿيو هوندو؟ ڇا ائين به ٿي سگهي ٿو جو ڪو ماڻهو ڪنهن سياسي ليڊر جي ڪري پنهنجو انت آڻڻ جي ڪوشش ڪري؟! ڇا ايئن به ٿي سگهي ٿو جو ڪو سياسي ليڊر قتل ٿئي، ۽ عوام

www.bhutto.org

ايئن ديوانن وانگي گهرن کان ٻاهر نڪري اچي پنهنجي ڏک جو اظهار ڪري؟ اهو ذوالفقار علي ڀٽو جو دور هو ۽ اهي ڀٽي جا چاهيندڙ هئا. جيڪي ان جي ڪمهلي موت تي ديوانن وانگي گهرن کان ٻاهر نڪري آيا هئا. ۽ هيءَ بينظير ڀٽو جو دور آهي. جنهن ۾ بينظير ڀٽو سان چاهه رکندڙ پنهنجي ڏک جو اظهار ڪري رهيا آهن.

جڏهن هن ملڪ لاءِ جمهوريت جي ڳالهه ٿئي ٿي، تڏهن اها ڳالهه واضح ٿي وڃي ٿي ته ان جمهوريت لاءِ ڏيهي توڙي پرڏيهي قوتن وٽ فقط هڪ ئي آپشن هجي ٿو ۽ اهو آپشن ڀٽو فيملي آهي. . . پر سوچجي ته هاڻي جڏهن ڀٽو فيمليءَ جو آخري فرد به غير فطري موت جو شڪار ڪيو ويو تڏهن جمهوريت لاءِ ڏيهي توڙي پرڏيهي قوتن وٽ ڪهڙو آپشن بچي ٿو؟ ڇا ايئن سمجهجي ته جمهوريت جي هن ملڪ ۾ ڪابه گنجائش ڪونهي. جو جيڪو به جمهوريت ۽ عوامي حقن جي ڳالهه ڪري ٿو ان جو انجام اهو ئي ٿئي ٿو جيئن 79ع ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو سان ٿيو ۽ 2007ع جي آخري ڏينهن ۾ بينظير ڀٽو سان ٿيو آهي.

جڏهن 86ع ۾ بينظير ڀٽو وطن وري هئي، تڏهن حبيب جالب مرحوم چيو هو ته "جنرل کرنل کانپ رهي هين ايک نهتي لڙکي سي" پر هن پيري ڳالهه گهڻو اڳتي نڪري چڪي آهي. . . هاڻي رڳو جنرل ۽ ڪرنل ئي نه پر اهي سمورا سياستدان به هڪ اڪيلي عورت کان ڇرڪ ته خوفزده آهن. جيڪي هو شايد سياستدان نه هجن. جيڪڏهن انهن جي پويان جرنل ڪرنل نه هجن. . . هڪ هٿين خالي عورت کان اهي سڀ ماٺهو ڊنل هئا. جيڪي ڪنهن به صورت ۾ نه پيا چاهن ته هن ملڪ ۾ جمهوريت بحال ٿئي. جيڪي ڪنهن به صورت ۾ نه پيا چاهن ته انتها پسنديءَ کي شڪست اچي. جيڪي قطعي به نه پيا چاهن ته اهي "قوتون" ڪمزور ٿين. جيڪي گذريل 60 سالن کان هن ملڪ کي ڪائي رهيون آهن. 86ع واري ان هٿين خالي ڇوڪري ۽ 2007ع واري هٿين خالي عورت کان حبيب جالب واري دور ۾ به اهي ان ڪري ڊنل هئا. جو ان جي پٺيان عوام هو ۽ هاڻوڪن ڏينهن ۾ به ان ڪري خوفزده هئا. جو ماڻهن جي جذبن ۾ اڃا ڪا گهٽتائي نه آئي هئي.

بينظير ڀٽو جي نالي موڪليل پراسرار خطن کان وٺي سرڪاري

www.bhutto.org

ادارن پاران خبردار ڪرڻ تائين وارا لقاءَ ٻڌائين ٿا تہ بينظير جي موجودگي ڪيترين ئي ڌرين لاءِ پريشانيءَ جو سبب هئي، جو جڏهن 18 آڪٽوبر تي آپگهاتي حملو ٿيو تہ ساڳين ڌرين ان قسم جا بيان ڏنا تہ "پيپلز پارٽيءَ پاڻ حملا ڪرايا" پر ان موت ۾ بينظير ڀٽو اهو سوال اٿاري پڇندي رهي تہ اعجاز الحق، پرويز الاهي ۽ چوڌري شجاعت جي جلسن تي حملا ڇو نٿا ٿين؟ ان سوال سان هوءَ انتها پسندن سان انهن جي تعلق جي سڌي ڳالهہ نہ ڪندي بہ انتها پسندن سان انهن جو تعلق جوڙڻي وٺي ٿي. هوءَ حملي ٿيڻ ڪانپوءِ مسلسل چئي رهي هئي تہ حڪومت ۾ ويٺل ڪجهہ ماڻهو انهن حملن ۾ ملوث آهن، جنهن جو مقصد اهو هيو تہ جنرل مشرف جي سياسي ٽيم ڪنهن نہ ڪنهن حوالي سان انتها پسندن کي سپورٽ ڪندي رهي آهي.

بينظير ڀٽو جڏهن جلاوطن هئي، تڏهن ڪٿي پاڪستاني سياست جو ميدان هن لاءِ نہ هو ۽ هن کي ٻاهر ويهاري جنرل مشرف بہ چئي پئي سگهيو تہ "هاڻي بينظير جو ڪو سياسي رول ڪونهي." پر پاڪستان جي سياسي ميدان ۾ ٻيهر اچڻ کان پوءِ بينظير ڀٽو جهڙي نموني سياست ڪري رهي هئي، ان مان آسانيءَ سان مستقبل واري سياست ۾ ان جو وڏو ڪردار هو. بينظير ڀٽو جهڙي نموني سان سياسي ذهانت جو مظاهرو ڪري رهي هئي، اها ذهانت جمهوريت پسندن کي تہ اپيل ڪري رهي هئي، پر اها ذهانت شايد پنڊيءَ جي انهن قوتن کي اپيل نہ پئي ڪري، جن جا لنڪس اڃا تائين انتها پسندن سان آهن. ان ڪري اهي قوتون ڪوشش ڪنديون رهيون تہ مستقبل جي سياست ۾ بينظير ڀٽو جو ڪردار ئي نہ هجي.

پيپلز پارٽيءَ جا ڪارڪن تہ چاهين پيا تہ بينظير ڀٽو اقتدار ۾ اچي، سنڌ بہ چاهي پئي تہ اختيار بينظير ڀٽو کي ملن. . . پر اهي "خفيہ قوتون" ڇا ايئن چاهن پيون، جيڪي بظاهر دهشتگرديءَ خلاف جنگ ۾ شامل هجڻ باوجود انتها پسنديءَ کي جيئرو بہ رکڻ چاهين پيون؟ ان سوال جو جواب ڳولڻ ان ڪري بہ ضروري آهي، جو هن ملڪ ۾ اقتدار جي منتقليءَ ۾ فيصلا ڪن ڪردار عوام ۽ ڪنهن مقبول پارٽيءَ جي ڪارڪنن جي خواهشن کان وڌيڪ انهن قوتن جو ئي رهيو آهي، پر جيڪڏهن ڪا شيءِ تبديل ناهي ٿي تہ اها انهن "خفيہ قوتن" جي ذهنيت

www.bhutto.org

آهي، جيڪا چاهي ٿي تہ ڪنهن سياسي ليڊر جي پويان پلي ڪٽي ڪروڙين ماڻهو هجن. پر هو هر صورت ۾ اهو ئي سياسي نظام جيئرو رکڻ چاهين ٿا، جيڪو نظام گذريل 60 سالن کان ساهہ کڻندو آيو آهي.

جڏهن 18 آڪٽوبر وارو واقعو ٿيو تڏهن جنرل مشرف جي ٽيم اهو بہ چئي رهي هئي تہ بينظير ڀٽو تي ان ڪري حملو ٿيو آهي، جو هن انتها پسندن خلاف بيان ڏنا هئا. بينظير ڀٽو جي سياست ۾ ان جي اقتدار ۾ اچڻ سان انتها پسند يقينن ناخوش ٿيندا. پر خوش تہ پاڪستان جون اهي ڌريون بہ نہ هيون، جن کي پنهنجو سج لهندي نظر اچي رهيو هو.

ان حوالي سان ريلوي واري اڳوڻي وزير شيخ رشيد جو ڏنل اهو بيان بہ انتهائي اهم آهي، جنهن ۾ هن چيو هو تہ "بينظير ايجنسين جي خلاف ڳالهائي خاڪ سياست ڪندي" ڳجهن ادارن جي ايتري طاقتور هجڻ جي خبر بينظير ڀٽو کان وڌيڪ ڪنهن کي هوندي، پر جڏهن اقتدار ۾ اچڻ کان اڳ ئي هوءَ انهن کي چئلينج ڪري پئي، تڏهن ڪيترا ماڻهو اهو سمجهن پيا تہ ڳجهن ادارن سان ٽڪراءَ ۾ اچڻ جي همٿ تہ تڏهن ئي ٿي سگهي ٿي، جڏهن انهن ادارن کان بہ ڪا وڌي قوت چاهيندي هجي تہ ملڪ ۾ جمهوريت قائم ٿئي. ڪونڊا ليزا رائيس جا بينظير ڀٽو سان فون تي رابطا، يونٽي جا بينظير ڀٽو جي حق ۾ بيان، ۽ يورپي يونين ۾ بينظير ڀٽو تي 18 آڪٽوبر واري حملي جي مذمت واري قرارداد مان پاڪستان جي "جمهوريت مخالف قوتن" کي بہ اندازو ٿي ويو تہ بينظير ڀٽو مان جند ڇڏائڻ ايئن آسان ناهي، جيئن انهن نواز شريف مان جان آجي ڪرائي.

هن ڳالهہ جو مقصد اهو ڪونهي تہ ڪو بينظير ڀٽو جي اهميت ان ڪري هئي، ڇاڪاڻ جو عالمي برادري ان جي حق ۾ آهي، پر اها ڳالهہ سمجهجي تہ عالمي برادريءَ جو بينظير ڀٽہ مٿان ان ڪري اعتماد وڌيو جو هن 18 آڪٽوبر تي نہ رڳو اهو ثابت ڪيو تہ هوءَ ئي ملڪ جي اڪيلي مقبول ليڊر آهي، پر مٿس حملي مان عالمي طور تي اهو سنيهو ويو تہ هتي پاڪستان ۾ جيڪڏهن ڪا پارٽي يا ڪو ليڊر اعتدال پسند آهي تہ اها پيپلز پارٽي ۽ بينظير ڀٽو ئي آهي، جنهن مان انتها پسندن کي خطرو ٿي سگهي ٿو.

www.bhutto.org

ان سموريءَ صورتحال ۾ جمهوريت مخالف قوتن، انتها پسندن ۽ ان جي سهڪارين لاءِ اهو چئلينج هو ته بينظير کي مڪمل اختيارن کان پري ڪيئن رکجي؟ ان لاءِ هڪ پاسي خوف واري فضا قائم ڪئي وئي ته جيئن بينظير پنهنجو واپس وڃڻ جو فيصلو ڪري ۽ جيڪڏهن اها واپس نٿي وڃي ته گهٽ ۾ گهٽ چونڊ مهم ۾ سرگرم نه ٿي سگهي. بينظير پنهنجو جيڪڏهن چونڊ مهم ۾ سرگرم نه ٿئي ها ته ان جو جمهوريت مخالف قوتن کي اهو فائدو ٿئي ها، جو اليڪشن ۾ ٽرن آئوٽ گهٽ اچي ها. جنهن کي مينيوپليٽ ڪرڻ وڌيڪ آسان ٿئي ها. جيڪا به هڪ قسم جي ڌانڌلي ئي آهي.

اصل ۾ "خفيه قوتون" بينظير کي ان ڪري به مڪمل اختيارن واري حڪومت نه پيون ڏيڻ چاهين، جو ان نٿي چاهيو ته بينظير واقعي به انتها پسندن خلاف ڪارروائي ڪري ۽ انهن جيئن چاهيو پئي، انتها پسندن جي سهڪار سان ڪري ڏيکاريو!

(روزاني ڪاوش، حيدرآباد، 28 ڊسمبر 2007ع)

www.bhutto.org

# بينظير جي شهادت:
# وارتا ۽ ڪجھ تاثر

رئوف نظاماڻي

27 ڊسمبر جي شام آفيس مان نڪرڻ مهل منهنجو خيال هو تہ اڄ گهر ڪلاڪ کن اڳ ۾ پهچي سگهبو. اٽڪل ساڍي ڇهين وڳي جو وقت هو. گاڏي قائد آباد کان ٿورو اڳتي هلي تہ ماڻهن جي پاڻ ۾ ڪيل سڙ ٻاٽ مان بينظير جو نالو منهنجي ڪنن تي پيو. مون ان کي ان ڪري ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو تہ چونڊن جو وقت آهي ۽ سياسي اڳواڻن جو اِهو ذڪر هڪ عام ڳالهہ آهي.
ٿوري دير ۾ ماڻهن جو موبائل واري سرگرميءَ ۾ غير معمولي واڌارو اچي ويو. اها سڄي گاڏي ۾ هلي تہ بينظير ڀٽو کي مٿي ۾ گوليون لڳيون آهن ۽ هوءَ شهيد ٿي وئي آهي. ان ڳالهہ تي يقين ڪرڻ تي دل نہ پئي مڃي ۽ اِها اڻ تڻ وڌي ٿي وڃي تہ ٿُرت گهر پهچي ان سلسلي ۾ وڌيڪ معلومات حاصل ڪجي. پر اها ڳالهہ ممڪن نہ هئي. اِها ڳالهہ باهہ جيان سڄي شهر ۾ پکڙجي چُڪي هُئي ۽ ماڻهو وڏي تعداد ۾ روڊ رستن تي نڪري آيا هئا. رزاق آباد کان اڳتي باهہ ۽ فائرنگ واضع طور اچي رهي هئي. گاڏي لاءِ اڳتي وڃڻ ممڪن نہ هو. ڊرائيور ۽ مسافر سڀ منجهيل هئا تہ هاڻي ڇا ڪجي. واپس قائد آباد انهن موٽڻ جو ڇيو پر ان خيال کي بہ فورن رد ڪيو ويو. ڇاڪاڻ تہ پوئتي بہ صورتحال ساڳي هئي. اڳيان باهہ ۽ پويان پاڻي

www.bhutto.org

واري حالت هئي. هر ڪو پنهنجي ليکي ڊرائيور کي مختلف صلاحون ڏئي رهيو هو.نيٺ گاڏي کي قاسم پورٽ ڏانهن موڙيو ويو پر ٿورو اڳتي هلي هو بيهي رهيو. ماڻهن جو متس زور هو تہ پورٽ کي اسٽيل مل سان ڳنڍيندڙ رستي تان هلي.پر سندس چوڻ هو تہ جيڪڏهن گاڏي کي ڪو نقصان ٿيو تہ ڇا مسافر ان جو پورائو ڪندا. اِنهي اڻ ترڻ ۾ ڏي وٺ ۾ هن گاڏي کي پوئتي موٽايو پر پوئتي موٽڻ بہ ممڪن نہ هو. نيٺ هُن قاسم پورٽ ۽ اسٽيل مل جي وچ واري رستي تان هلڻ جو فيصلو ڪيو ۽ مسافرن کي اسٽيل ملن جي مرڪزي دروازي تان وٺي آيو.

گاڏي ۾ هر مسافر ان ڪوشش ۾ هو تہ ڪٿين پنهنجي گهر وارن سان رابطو قائم ڪري سندن خيريت معلوم ڪري ۽ کين پنهنجي خيريت کان آگاه ڪري. مون سان گڏ ويٺل هڪ همراهہ جا ٻار اسٽيل ٽائون جي قائداعظم پارڪ ۾ پڪنڪ ملهائڻ لاءِ آيل هئا ۽ هو انهن کي اتان گهر وٺي وڃڻ لاءِ اوڏانهن وڃي رهيو هو.واٽ تي ان صورتحال کي ڏسندي هن انهن کي تاڪيد ڪئي تہ اهي پنهنجي ليکي احتياط سان گهرن ڏانهن روانا ٿين. ۽ هو اتان ئي واپس موٽي رهيو هو. پر جيئن تہ موٽڻ بہ ممڪن نہ هو ان ڪري هو لاڳيتو ان پريشانيءَ ۾ ورتل رهيو تہ پنهنجي خاندان جي حفاظت کي ڪيئن يقيني بڻائي.

اسٽيل مل جي مرڪزي دروازي ۽ گهر وچ ۾ اٽڪل اٺ نو ڪلو ميٽرن جو مفاصلو هو. سامهون نيشنل هاءِ وي تي فائرنگ ۽ نعري بازي ٿي رهي هئي. پهرين تہ اڳتي وڌڻ ۾ ڪجهہ هٻڪ ٿي پر پوءِ اهو ڏسڻ ۾ آيو تہ مظاهرو ڪندڙ پنڌ هلندڙ ماڻهن سان ڪا هٿ چراند نہ ڪري رهيا هئا. ان کي ڏسي نيشنل هاءِ وي تائين پهتا سين جت وِڪ وِڪ تي باهہ جا ڀنڀٽ ٿي نظر آيا. ماڻهن مختلف هنڌن تي ٽينڪرن، ٽرڪن، مختلف گاڏين ۽ ٽائرن وغيره کي باهيون ڏنيون هيون. گهر پهچڻ لاءِ رڳو هڪ ئي واٽ هئي تہ قائداعظم پارڪ مان اسٽيل ٽائون ۾ داخل ٿجي ۽ اتان گلشن حديد ڏانهن روانو ٿجي پارڪ جيڪو رات جو دير تائين روشن ۽ آباد رهندو آهي بلڪل ويران ۽ اونداهہ هو ۽ دروازن تي تالا لڳل هئا. ڪوشش ڪري هڪ دروازي کي کوليو ويو. اندر گهڙڻ سان مون کي فورن اُن همراهہ جي ٻارن جو خيال آيو جيڪو گاڏي ۾ مون سان گڏ هو ۽ جنهن پنهنجي خاندان

کي آخري هدايتون اِهي ڏنيون تہ اُهي پارڪ ۾ ئي رهن ۽ ٻاهر نہ نڪرن. ٻر پارڪ بلڪل ويران هو ۽ اتي ڪير ئي ڪونہ هو. ڪنهن جي شاديءَ جي ماني لاءِ شاميانا لڳل هئا پر اتي بہ ويراني ۽ اوندهہ هئي. ٻئي پاسي دروازي مان اسان اسٽيل ٽائون ۾ داخل ٿي وياسين جيتوڻيڪ اتي ڪجهہ گڙٻڙ ڏسڻ ۾ نہ پئي آئي پر ڊپ ۽ حراس واٽ ويندڙ سڀني ماڻهن جي مُک تي نظر اچي رهيو هو. نيشنل هاءِ وي واري پاسي کان لاڳيتو فائرنگ ۽ نعرن جا آواز ٻڌڻ ۾ اچي رهيا هئا.

اهڙي صورتحال گهٽ اڻ واقف ماڻهن کي بہ هڪبڪ ٿي ويجهو آڻي ڇڏيندي آهي. پارڪ مان نڪرندي بہ اهڙا نوجوان گڏيا، جيڪي رزاق آباد مان پنڌ اچي رهيا هئا. هڪ ڄڻو تہ اتان جو رهاڪو هو جڏهن تہ ٻيو پنجاب مان آيل هو ۽ ڪيس گلشن حديد ۾ پنهنجي ڪجهہ مائٽن وٽ وڃڻو هو. هڪ ٻئي جي آسري ۽ دلاسي تي اسان ان نوجوان کي بہ سندس گهر پيڙو ڪيو ۽ پاڻ بہ گهر پهتاسين. گلشن حديد اندر بہ صورتحال ڪا گهٽي چڱي نہ هئي. بينڪن، ٽيلفون ايڪسچينج، ڪي اِي ايس سي جي دفتر ۽ نادرا جي يوٽيلٽي بلز وارن مشينن کي باهہ ڏئي تباهہ ڪيو ويو هو ۽ علائقي ۾ مختلف جاين تي ڏنل باهين جا نشان نظر اچي رهيا هئا.

خاص طور تي ڪراچي جي حوالي سان چئي سگهجي ٿو جتي هڪ ڊگهي عرصي کان سياسي تبديلين کي ڏسڻ جو موقعو مليو آهي تہ ايڏو شديد رد عمل جيڪو بينظير ڀٽو جي وفات وقت ڏسڻ ۾ آيو آهي، پهرين ڪڏهن بہ نہ ٿيو آهي. ايستائين تہ 4 اپريل 1979ع تي جڏهن ذوالفقار علي ڀٽو کي ڦاهي ڏني وئي تڏهن نہ ماڻهن جو اهڙو رد عمل نظر نہ آيو هو. اهو رد عمل ڪنهن رٿا بندي ۽ سياسي حڪمت عملي جي نتيجي ۾ نہ پر پاڻ مرادو ظاهر ٿيو هو. ان جو بنيادي ڪارڻ اهو آهي تہ ڀٽو خاندان ۽ پيپلزپارٽي سان ماڻهن جو واسطو جذباتي آهي ۽ اهي جڙ پاڻ کي ان جو هڪ حصو ڪري ليکين ٿا. ان ڪري ئي پارٽي جي قائم ٿيڻ کان وٺي ايستائين لاڳيتي مخالف پروپيگنڊا جي باوجود بہ ماڻهن جي وڌندڙ حمايت گهڻن مبصرن ۽ تجزيہ نگارن کي حيران ڪري ڇڏيو آهي.

پاڪستان جي تاريخ ۾ ايستائين جيڪي سياسي قتل ٿيا آهن، اهي

www.bhutto.org

اجا تائين اسرار جي پردي ۾ لڪل آهن. ان سلسلي ۾ بينظير جو قتل نهايت اهم آهي ممڪن آهي ته اهو پتو نه پئي سگهي ته ان جي پويان ڪير ڪير آهي؟ پر ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته ان جا اثر پري پري تائين پهچندا.

حڪومت پاران ان لاءِ القائده ۽ خاص طور تي بيت الله محسود جو نالو ورتو ويو. جڏهن ته بيت الله محسود جي ترجمان ان ڪان لاتعلقي جو اظهار ڪيو آهي. هٿي پاسي اسامه بن لادن جي نائب الزواهري جي هڪ بيان جو ذڪر پڻ ڪيو پيو وڃي جنهن ۾ هن چيو آهي ته القائده آمريڪا جي بينظير کي قتل ڪري هڪ اهم اثاثي کان محروم ڪري ڇڏيو آهي. پيپلزپارٽي جي اڳ ۾ ان جو چوڻ آهي ته حڪومت انهي ماڻهن تان ڌيان هٽائڻ لاءِ القائده جو نالو استعمال ڪري رهي آهي.

گهڻن ماڻهن لاءِ هڻ هاڻي سياسي لحاظ کان ڀٽو خاندان جو باب ختم ٿي ويو آهي. جيتوڻيڪ حتمي طور في الحال ڪجهه نه ٿو چئي سگهجي پر اهو سوال پنهجي جاءِ موجود آهي ته ڇا بينظير جي خال کي ٿوري عرصي تائين پرڻ ممڪن ٿي سگهندو؟

ساڳئي ريت سنڌ جي ماڻهن ان کي پنهنجو هڪ ذاتي نقصان ڪري ورتو آهي. ان کي سهسائڻ ۾ گهڻو وقت ٿو لڳي ان متعلق ڪجهه چئي نه ٿو سگهجي

آئون پاڪستان جي ڏورانهن علائقن جهڙوڪ چترال ۽ گلگت وغيره جي گهڻن اهڙن ماڻهن کي سڃاڻان جن لاءِ ذوالفقار علي ڀٽو اڪيلو اڳواڻ هو جنهن روڊ رستا. اسڪول ۽ اسپتال وغيره ڏئي کين جديد دنيا سان ڪلهو ڪلهي ۾ ڏئي هلڻ جهڙو ڪيو هو. بينظير جي شهادت تي جڏهن سڄي پاڪستان کان سرينگر تائين مظاهرا ٿين ٿا ته اها ڳالهه سمجهه ۾ اچي ٿي ته پارٽي ۽ ان جي اڳواڻ جون پاڙون واقعي پري پري تائين ڦهليل هيون. بينظير کانپوءِ پارٽي لاءِ اهو هڪ وڏو چئلنج هوندو ته اها پنهنجي انهي ملڪي سطح واري حثيت کي ڪيئن ٿي برقرار رکي.

بينظير جي موت گهڻن سوالن کي جنم ڏنو آهي انهن جا هڪ کان وڌيڪ جواب ٿي سگهن ٿا. مختلف قوتن پاران ان لاءِ ڪوشش ڪئي ويندي ڏسڻو اهو آهي ته ڪنهن جو جواب ماڻهن جي توقعات جو پورائو ڪري سگهي ٿو.

(روزاني عوامي آواز ڪراچي. 10 جنوري 2008ع)

www.bhutto.org

## هوءَ سنڌ جي آخري اميد هئي!

**لطيف جمال**

هن سال جو سج ڪنهن شاعر جي الوداعي نظم وانگر آخري سٽ پڙهي اُلهي ويندو ۽ دنيا ڪي اونده ۾ اڇلي ڇڏيندو ۽ رات جا پاڇا گهرا ٿيندا. تڏ انڌارين گهٽين مٿان غمگين موسيقيءَ وانگر وسندي رهندي. تڏهن سڄي سنڌ سُڏڪن جي سوڳ ۾ ويڙهيل هوندي ۽ ڪيترين ئي دلفريبين جا داستان ۽ دلين جي ڪُليل درين جون ڪهاڻيون ياد نه هونديون. بس هُن جي پيرن جا رهجي ويل نشان هوندا. جنهن لاءِ ٽئگور چيو ته:

"۽ جڏهن تون هلي وئين ته مون ڏٺو ته ديوتا جي پيرن جا نشان فرش تي نهيل هئا."

۽ هن سال جي هن آخري رات ۾ اُها بينظير بيحد ياد ايندي جيڪا جڏهن ڳالهائيندي هئي ته سِتارا اُن جا لفظ ٿي پوندا هئا۔ چانڊوڪي اُن جو آواز بڻجي پوندي هئي ۽ صبح جي روشني اُن جو لهجو ٿي ويندي هئي۔ سمنڊ جهڙي فڪري گهرائي سندس پيشانيءَ مان جهاتيون پائڻ لڳندي هئي۔ هوءَ جيڪا اولهه ۽ اوڀر جي مقبول سياسي اڳواڻ هئي. تنهن لاءِ لياقت باغ جو جلسو آخري جلسو ثابت ٿيو ۽ هوءَ سياسي سفر جي پهڻ واري پنڌ جي پڄاڻي ڪري هلي وئي.

ڪچ خوف تا چهري پر نہ تشويش ذرا تي
هر ايڪ ادا مظهر تسليم و رضا تي
هر ايڪ نگهه شايد اقرار وفا تي

پهلي تو پيار سي هر فرد ڪو ديڪا
ڦر نام خدا ڪا ليا اور يون هوتي گويا
(فيض)

ڪڏهن ڪڏهن ساهميءَ ۾ هڪ ماڻهوءَ جو وزن ملڪن کان بہ مٿي ٿي ويندو آهي. بينظير ڀٽو پنهنجي سياسي قد ڪاٺ ۾ هن ذهانت جي زماني جي اُها وڏي اڳواڻ هئي. جنهن جي UNEXPECTED DEATH هن پاڪستان جي بنيادن کي لوڏي ڇڏيو آهي - هن سال جي اجوڪي رات سنڌ جا ماڻهو پنهنجي محبوب اڳواڻ جي وڇوڙي تي گُنريل وقت جي بهار جا پيلا پن تلاش ڪندا ۽ سندن دليون تنهائيءَ جي تتل رڻ ۾ پٽڪي رهيون هونديون ۽ نيڻن جون نديون نوحا پڙهنديون هونديون. اُها بينظير جنهن هيءَ عيد پنهنجي ٻارڙن کي ائين چئي گذاري ڇڏي تہ "هر عيد اوهان سان گڏ ڪئي اٿم پر هيءَ عيد پاڪستان جي عوام ۽ انهن جي ٻارڙن سان گڏ ڪنديس." اها بينظير جنهن جمهوريت جي بحاليءَ جي جنگ مقبول نعرن "جيئي ڀٽو" جي هٿيارن سان کٽي هئي. جيڪي نعرا جهنگن، ٻرن، رستن ۽ گهٽين ۾ گهمڻ لڳا. بينظير اُها عورت اڳواڻ هئي، جنهن موت جو مقابلو زندگيءَ سان پٽي ڪيو جنهن وٽ سياسي CRAZE جو مفهوم سرد جنگ جي خاتمي کانپوءِ بہ ساڳيو هو. پنهنجي پياري پيءُ ۽ ٻن نوجوان ڀائرن جي زندگين جا سرَ سنگينن تي چڙهندي بہ هُن اُها واٽ ورتي- جنهن واٽ جا سمورا رمتا سياسي سوڳ جي گهٽين ۾ گُم ٿي پئي ويا- سنڌ لاءِ هن سال جي اُداس شام بيروت جي ڪاري رات جو اُهو پهر هوندي جنهن لاءِ نذار قبانيءَ چيو تہ:

"منهنجي محبوب ڌرتيءَ جي سمورن سڙيل گهرن جون ڪهاڻيون، ساڳيون ۽ هر پُهرَ مٿان رَت جا ڇنڊا آهن" ۽ ائين ئي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کانپوءِ بينظير ڀٽو جو وڇوڙو هن صديءَ جو وڏو سانحو آهي. ائين ٿو لڳي ڄڻ چنڊ وسامي ويو هجي- تارا اُجهامي ويا هجن- پکين جي اکين جهڙي معصوم دل رکندڙ بينظير جي قتل پويان اُهي ڪهڙا سياسي مفاد هئا!؟ اُهو تہ سيني ۾ سنگين ۽ وحشي دل رکندڙ قاتلن کان پڇڻ گهرجي- جن لاءِ هر رشتو بي معنيٰ آهي ۽ جيڪي هن ديس جي بهارن جي بدن ۾

www.bhutto.org

خنجر کوڙيندا رهن ٿا. هوءَ جيڪا ايتري رحمدل هئي، جو جنهن زندگيءَ ۾ جهرڪين جي بہ دل آزاري نہ ڪئي پر هن جي سياسي سفر جي سانجهي گوليءَ جو بک بڻائي وئي- اڄ جي شام سنڌ جي هر اک آلي هوندي ۽ آهستي آهستي هي سال 2007ع بہ ماضيءَ جي مزار بڻجي ويندو پر هُن جي آواز کي خودڪش حملن جي نظر ڪرڻ ڪنهن جي وَس ۾ نہ هوندو ڇو تہ هُن جيڪو وچن هن ديس جي گسن تي سياسي سُرهاڻ وچائڻ جو ڪيو هو- سو پنهنجي رت جو نذرانو ڏئي نڀائي ڏيکاريو

هين لبريز آهون سي ٺنڌي هوائين
اُداسي ۾ ڊوبي هوئي هين گهٽائين
محبت کي دنيا پر شام آ چڪي هي
سيہ پوش هين زندگي کي فضائين
مچلتي هين سيني ۾ لاک آرزوئين
تڙپتي هين آنکون ۾ لاک التجائين
تغافل کي آغوش ۾ سو رهي هين
تمهاري ستم اور ميري وفائين
مگر ڦر ٻي اي ميري معصوم قاتل
تمهين پيار ڪرتي هين ميري دعائين

(فيض)

اڄ اسان وٽ سواءِ خشڪ ٿي ويل ڳوڙهن ۽ سڏڪن جي ان سنڌ ڄائيءَ کي ڏيڻ لاءِ ڪجهہ بہ ناهي، جيڪا ان شهر ۾ گولين جو بک بڻجي وئي، جنهن شهر جي جيل ۾ سندس پيءُ کي سلاخن جي طويل سفر کانپوءِ ڦاسيءَ جي جُهولي ۾ سُمهاريو ويو هو "TEARS TO SHARE ONLY" ڪنهن دوست اُن ڏينهن ميسيج موڪليو هو جنهن ڏينهن لياقت باغ ۾ بم ڦاٽو هو ۽ جنرل اسپتال ۾ سنڌ ساهہ جي آخري هڏڪي پري هئي.

اسان فقط انهن منظرن کي ڏسون ٿا ۽ عوام جي اُٿليل سمنڊ ۽ جذباتي منظرن کي ڏسي روئي پئون ٿا. ائين لڳي ٿو ڄڻ هڪ وڏي ٻاهہ جي طوفان مان گذري رهيا آهيون، جنهن ۾ سڀ ڪجهہ سڙي رَک ٿي ويو هجي- بينظير ڀٽو جي شهادت ڪو ننڍڙو حادثو يا واقعو ناهي- پر اُن

www.bhutto.org

معصوم ورڪر ڪان ڪو پُڇي ڏسي. جنهن زندگيءَ ۾ بينظير کي فقط تصويرن ۾ ئي ڏٺو آهي، پر هُن کي بہ اڄ ائين ٿو لڳي ڄڻ سنڌ جي تاريخ جي پويتر پوتي ڇيهاڙيون ٿي وئي آهي ۽ سنڌ جي اکين ۾ ٻرندڙ سلاخون وڌيون ويون هجن. تنهنڪري هن سال جي پڇاڙي سنڌ لاءِ نئين سال جو نوحو ٻڌجي ايندي، ڇو تہ هـن سال جي پڇاڙيءَ بلوچستان ڪان "بالاچ خان" ۽ سنڌ ڪان بينظير ڦٽو ڦري ورتا!

سنڌ ۽ بلوچستان سوڳ جا سوين سنيها پڙهڻ جا هيراڪ ٿي ويا آهن پر اهڙيون شاڪنگ خبرون جيڪي دنيا کي لوڏي ڇڏين. جيڪي دل کي تڙپائي وِجهن ۽ ڪيترائي سچ سـُڏڪن ۽ ڳوڙهن ۾ ٻڏڻ لڳن. اُن لاءِ ذهني طور تيار ناهيون هوندا پر دنيا جي عظيم شخصيتن ۾ ڳڻي ويندڙ محترم تاريخ جي اهڙي ڇيخ ٻڌجي وئي آهي جنهن جي آڏو دنيا بيحد ننڍي ٿي پئي آهي ۽ سُر ساموندي جي ڳوڙهن سان هن جي شخصيت جا عنوان جوڙيا وڃن ٿا-

جيئن "سندر بن" جي گهاٽن جهنگلن ۽ سِٽيءَ جي فصل جهڙي سهڻي شاعر نذرالا سلام چيو هو-

مون پنهنجو ڪنڌ اُوچو رکيو آهي!

هماليہ ڏسي ٿو ۽ ان جون چوٽيون، پنهنجو ڪنڌ جُهڪائي ڇڏين ٿيون

مان ڪائنات جي وڏي آسمان وچان گذري رهيو آهيان.

مان زمين ۽ ستن آسمانن جون سرحدون لتاڙي ويون آهيان ۽ هميشہ اُيري رهيو آهيان

منهنجو ڪنڌ هميشہ اوچو رهي ٿو-
مونکي ڪو بہ طابع ڪري نٿو سگهي-
مان طوفان آهيان، تباهي آهيان
مون کي ڪو بہ روڪي نٿو سگهي
مان هر قرباني جي نفي آهيان
مان زندگيءَ جي پراسرار خوشي آهيان.
مان قرباني جي باهہ آهيان
مان رات جي پڇاڙي ۽ روشنيءَ جي شروعات آهيان

www.bhutto.org

۽ ببوهه جي اکين جو ڳوڙهو آهيان،
منهنجو ڪنڌ هميشه اوچو رهي ٿو!

پر اڄ دنيا مان باغي نظرين ۽ گيتن جو سج لهندي نظر اچي رهيو آهي ۽ بُک کي ختم ڪرڻ واري سياست پنهنجو لباس مٽائي LEAGAL MAFIA بڻجي پئي آهي- قانون جا ڪتاب ازل کان اُديڙيا حاڪمن جي پيرن ۾ اُڇلايا ويا آهن- زندگيءَ جي مندر ۾ اونداهي اوتي وئي آهي-
تڏهن هن ڊسمبر جي هيءَ آخري سرد رات من جي مُرجهايل مورن جا ڳوڙها ثابت ٿيندي، نذرل جي انقلابي گيتن سان پيار ڪندڙ باغي اڄوڪي رات ان سنڌياڻيءَ کي ضرور ياد ڪن، جيڪا سنڌ جي آخري اميد هئي، جيڪا لبرل ۽ سيڪيولر خيالن سبب، جمهوريت جي بحالي جي جنگ وڙهندي شهيد ٿي وئي، مون کي خبر ناهي ته سنڌ ۾ پيپلز پارٽي، بحيثيت سياسي پارٽي هاڻ ڪهڙو سياسي رستو اختيار ڪندي؟ پر سنڌ جي ماڻهن لاءِ نئين سال جي شروعات هڪ نئين سال جو "نوحو" هوندي، جيڪو نوحو به اُهي ماڻهو ئي پڙهي سگهن ٿا. جيڪي بينظير سان بغير لالچ جي پيار ڪن ٿا غير مشروط ۽ معصوم محبت ڪن ٿا.

(روزاني عبرت، حيدرآباد، 31 ڊسمبر 2007ع)

# تاريخ رت جو ڪفن اوڙهي سمهي پئي آهي

مظهر ابڙو

ستاويهه ڊسمبر جي شام سنڌ لاءِ ڪنهن قيامت کان گهٽ نہ هئي. چو تہ ان شام جو سج بڊڻ وقت سنڌي ماڻهن جا ڪٽوريءَ جهڙا خواب ۽ ارمان هڪدم ٻڏي ويا هئا. جيئن سمنڊ جون لهرون ڪناري تي بيٺل ماڻهوءَ جي پيرن هيٺان واري گسڪائي وينديون آهن. تيئن اهو وقت اسان جون سموريون خوشيون ۽ امنگون گسڪائي ويو هو. ان شام سنڌي قوم جون اکيون پٿرائجي ويون هيون ۽ ڪنهن بہ سنڌيءَ وٽ ڪوبہ خواب باقي نہ بچيو هو. بچي هئي تہ فقط حقيقت، پوائتي ۽ اذيت ناڪ ۽ ظالم حقيقت!

ستاويهه ڊسمبر جي شام تاريخ جي اها تاريڪ شام هئي، جنهن سنڌ کي اچانڪ "سنڌ" مان "ڪربلا" بڻائي ڇڏيو هو ان اياڻي شام جو سالن کان سٽيل سازش تحت سنڌ جي ويرين پاران سنڌ جي سينڌ اجاڙي وئي هئي. ان شام جو راولپنڊيءَ مان اوچتو اها خبر آئي هئي تہ "پنجاب، سنڌ جي سار سنڀالي نہ سگهيو آهي ۽ سنڌ جي نماڻي نياڻي بينظير ڀٽو کي لياقت باغ ۾ بينگاهہ شهيد ڪيو ويو آهي." ها، اها شام دنيا ڀر ۾ سنڌين جو تشخص مڃائيندڙ پورب ڇائي، سنڌ جي راڻي "بينظير ڀٽو" جي شهادت واري شام هئي. جنهن شام سنڌين جي دلين ۾ تڏا وڇرائي اسان لاءِ سورهن ذوالحج کان ئي ماتم جا ڏينهن شروع ڪري ڇڏيا آهن. اهو ماتم جيڪو شايد "حسين" جي ماتم جيان ڪڏهن بہ ختم ناهي ٿيڻو اهو تڏو جيڪو سنڌين جي دلين مان ڪڏهن ناهي ڪڄڻو.

www.bhutto.org

ڪربلا جي نضيي جهڙي ان شام جو سنڌين جي محبوب سياسي اڳواڻ ۽ "قائد عوام" شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي پياري نياڻي ۽ سڀني غيرت مند سنڌين جي پيڙ محترمہ بينظير ڀٽو جي شهادت جي خبر جڏهن منهنجي ڪنن تائين پهتي هئي تہ منهنجي پيرن هيٺان زمين ۽ مٿي مٿان آسمان نہ رهيو هو ان افسوسناڪ لمحي جو ڪو ڪرب مون لاءِ صدين جو ذڪ بڻجي پيو هو. وقت ڄڻ هڪ هنڌ رڪجي ويو هو ۽ منهنجي زندگيءَ ۾ ڪوبہ تحرڪ نہ رهيو هو ان گهڙيءَ ذهن تي بي تحاشہ فيض احمد "فيض" جو هي شعر تري آيو هئم:

نثار تيري گليون پہ اي وطن! ڪہ جهان!
چلي هي رسم ڪہ ڪوئي نہ سر اٹها ڪي چلي.

ساڳي وقت مون پنهنجي روح کي اهڙيءَ ريت ٽڪل محسوس ڪيو هو ڄڻ اهو ڪنهن خطرناڪ مرض ۾ مبتلا ٿي چڪو هجي. منهنجي انهيءَ حال جو سبب بيبيءَ جي شهادت جي خبر جو گهرو رنج ۽ يقينن انهيءَ الميي جي نتيجي ۾ من اندر پيدا ٿيل ويڳاڻپ وارو شديد احساس بہ هو جيڪو ڪنهن طوفان جيان منهنجي وجود جي وڻ کي ڏوڏي رهيو هو پنهنجا احساس شيئر ڪرڻ لاءِ ان پل مون پنهنجي ذاتي دوستن ۽ قلمڪار ساٿين سميت پنهنجي موبائل جي فون بڪ ۾ موجود ٿورو بہ سياسي شعور رکندڙ هر سنڌيءَ جي cell نمبر تي "ايس ايم ايس" اماڻي ساڻن بينظير ڀٽو جي شهادت تي ذڪ وندبيندي کين اها آگاهي ڏني هئي تہ "ساٿيو! سنڌ يتيم ٿي چڪي آهي" مون کي منهنجي "ايس ايم ايس" جو جيڪو پهريون جواب پهتو هو. اهو ڄامشوري مان دوست "طارق عالم" جو هو جنهن موت ۾ فقط "ياحسين!" لکي منهنجي احساسن ۾ ويتر قيامت برپا ڪري ڇڏي هئي. مٿان حبيب ساجد "ها مظهر. صحيح ٿو چوين يار!" جهڙو مختصر. پر بيوسي ۽ لاچاريءَ سان ڀرپور جملو لکي ڪجهہ بہ نہ چوڻ باوجود گهڻو ڪجهہ چئي ڇڏيو هو. اسان جي يار مهر خادم بہ "مظهر. بلڪل سنڌ يتيم ٿي وئي!" جهڙو جملو "ايس ايم ايس" ذريعي اماڻي منهنجي خيال. منهنجي احساس جي تائيد ڪئي هئي. سکر مان "اياز گل" صاحب جو ميسيج بہ اچي پهتو هئم. هن منهنجي "ايس ايم ايس" جي

www.bhutto.org

موٽ اماڻيندي لکيو هو تہ:

”سنڌ جي آخري اميد بہ ختم ٿي وئي، وٽس ڪجهہ نہ بچيو آهي. سواءِ ڳوڙهن جي. . . تون، مان ۽ رڳو ڳوڙها. ناول جي پڇاڻي آ. . .“ اياز گل بعد ۾ موقعي جي مناسبت سان هڪڙو ٽيڙو بہ تخليق ڪري مون ڏانهن اماڻيو هو جيڪو هن ريت هو تہ:

هيءَ ڪهڙي گهڙي آهي؟
جو لفظ نٿو اڪلي. . .!
ڇو ڇپ ڪڙي آهي؟

ڪراچي مان اسحاق انصاريءَ سندس احساسن جي عڪاسي ”شيخ اياز“ جي لفظن جو سهارو وٺندي هن طرح ڪئي هئي:

سئو درد ها، سئو دک هئا،
پر زندگي پياري هئي،
اڄ رات جو ٻيرن مٿان چا چاندني پياري هئي
اڄ چنڊ ڏي آڪاش ۾ تو وک وڌايان، الوداع!
اي سنڌ توکي الوداع!
تو ۾ هيو سارو جڳت، اي جند توکي الوداع!

دادو مان منظور ابڙي هيٺيون نظم اماڻي ڄڻ تہ هر سنڌيءَ جي جذبن جي ترجماني ڪئي هئي:

هي ويران وستيون، اجاڙ آستانا
اڄا چا پڇو ٿا سنڌوءَ جا فسانا.
لهو لال ٿي رقص آ وحشتن جو
اسان موت کي مات ڏينداسين، ڏسجان!
اداڻون اسان جون نراليون زمانا
لڪي وار پٺ ۾ ڪرڻ بزدلي آ،
مُنهان منهن ڪندا مرد آهن نشانا.

ڏسندي ئي ڏسندي ٿوري ئي دير ۾ سموري سنڌ مان مون ڏانهن ”ايس ايم ايس“ اچڻ شروع ٿي ويا هئا. جن دوستن ان قومي سانحي وقت پنهنجا

www.bhutto.org

جانثارن جي احساساتي دنيا اندر جيڪو مانڊاڻ متل هو تنهن جي ترجماني فقط "اقبال" جو هي شعر ئي ڪري سگهي ٿو:

جس کيت سي ميسر نہ هو دهڪان ڪو روٽي
اس کيت ڪي هر گوشہ گندم ڪو جلادو.

اها بينظير ئي هئي، جنهن جي بدولت سنڌين جي سياسي جماعت "پيپلز پارٽي" ملڪ جي سڀ کان وڏي پارٽي ليکي ويندي هئي. اها بينظير ئي هئي جيڪا چئني صوبن جي زنجير بڻجي سنڌ کي وفاق سان جوڙيون ويني هئي ۽ اڄ جڏهن بينظير نہ رهي هئي تہ جڻ وفاق جو تصور ئي ڇسو لڳڻ لڳو هو.

ان ڏينهن وڳوڙن جي نتيجي ۾ ملڪ ۾ متل تباهيءَ سبب گاڏين جو "فيول" نہ ملڻ ڪري لکن جو انگ رکندڙ عوام هزارين جتن ڪرڻ باوجود شهيد راڻي بينظير ڀٽو جي جنازي ۾ شرڪت لاءِ ڳڙهي خدا بخش ڀٽو پهچي نہ سگهيو هو پر پوءِ بہ سنڌ جي هر حلالي پٽ ۽ نياڻي ان ڏينهن پنهنجي پر ۾ ڪنهن نہ ڪنهن طرح محترمہ سان محبت ۽ عقيدت جو عملي مظاهرو ضرور ڪيو هو. اٺاويهہ ڊسمبر واري ڏهاڙي کان تقريبن هر غيرتمند سنڌيءَ جي گهر ۾ ٽن ڏينهن تائين تڏو وڇايل رهيو هو. ڪيترائي ماڻهو ٽيليويزن اڳيان ويهي محترمہ متعلق نشريات ڏسندي مسلسل روئيندا ۽ بيهوش ٿيندا رهيا هئا. ڪيترن شهيد راڻيءَ جي سوڳ ۾ خودڪشيون ڪري پنهنجو انت آڻي ڇڏيو هو. ڪيترن سندن زندگين جا ڏيئا اجهائڻ جون ڪوششون ڪيون هيون ۽ ڪيترن جي دل گهريو هو تہ جيڪر هر پل ۾ سڀ ڪجهہ جلائي ڀسم ڪري ڇڏين.

ستاويهہ ڊسمبر جي ڏهاڙي کان جتي سنڌ سراپا احتجاج آهي اتي سنڌ جا ڪجهہ ساڃاهہ وند پنهنجي پنهنجي انفرادي مفادن ۽ مصلحتن تحت چپ جي چادر اوڙهي سمهي بہ پيا آهن. ڪن کي پنهنجي ڪل بچائڻي آهي تہ ڪن کي سرڪاري ملازمتون. اهڙن سڀن ۽ ڪوئن لاءِ ڀٽائي سرڪار جي بيت "حيف تنين کي هوءِ، وطن جن وساريو" کان سواءِ ڪجهہ بہ چئي نٿو سگهجي. اڄ جڏهن سنڌي قوم مٿان انتهائي اداسي ۽ مايوسيءَ واري ڪيفيت ڇانيل آهي. اتي سندن دلين ۾ هڪ اميد جي لاٽ

www.bhutto.org

پڻ جرڪي رهي هئي. جنهن جو مثال منهنجي پياري دوست امر اقبال جي هينئين مختصر مگر پرمقصد نثري نظم مان چٽيءَ ريت ملي ٿو.

وقت جي ڳلي ۾ گولي لڳي،
تاريخ رت جو ڪفن اوڙهي سمهي پئي
ڊسمبر جا نيڻ پٿرائجي ويا،
ڌرتيءَ جي سرد جسم ۾ حرارت پيدا ٿي چڪي آهي.

اچو تہ ان حرارت کي هميشہ لاءِ زنده رکون، اچو تہ سمورا سنڌي پاڻ وچن ڪريون تہ اڳتي اسان سڀ منظم ٿي ڌرتي ماتا کي رت جو ريج ڏيندڙ شهيدن جي پارٽي "پاڪستان پيپلز پارٽي" جا هٿ مضبوط ڪنداسين. اسان کي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو مقصد ڪنهن بہ طرح اڌ ۾ ڇڏڻو ناهي. اسان کي شهيد راڻي بينظير ڀٽو جو خواب هر حال ۾ پورو ڪرڻو آهي. اچو تہ گهر گهر تي شهيدن جي پارٽيءَ جو جهنڊو جهولايون، اچو تہ هر گهٽي، هر چوڪ تي احتجاجي پوسٽر ۽ بينر لڳايون، جن تي "يا الله يا رسول بينظير بي قصور" ۽ "گهر گهر مان ڀٽو نڪرندو تون ڪيترا ڀٽو ماريندين؟" جا نعرا لکرايون.

(روزاني خبرون، حيدرآباد، 3 جنوري 2008ع)

www.bhutto.org

ان درد کي وسارڻ ۾ عمر لڳنديءَ پر پوءِ بہ لڳي ٿو وسري نہ سگهندو سڏڪا ۽ سارون اندر ۾ گهر ڪري رهنديون زندگيءَ جي پوين پساهن تائين ۽ پوئين پهر تائين! دل ٻڏل آهي، روح ريهون پيو ڪري ۽ ڪنائجي ٿو تہ واويلا ڙي واويلا. . . دل ڏاريندڙ دانهون آهن. جيڪي جيءَ جيءَ مان، جيءَ جيءَ ۾ منتقل ٿي رهيون آهن ۽ مقتل گاهہ ۾ بيهاري رهيون آهن. لڙڪ هاري رهيون آهن. جهان سڄو لڙڪ لڙڪ آهي، اکيون آهن، جيڪي لڙڪن جو فصل لٽي رهيون آهن. دلين جا اگڻ اجڙيل آهن. من چادر اڌڙيل آهي ۽ اک اک ۾ صفِ ماتم وڇايل آهي. هڪڙو ڦٽڪو آهي ۽ بي سڪوني آهي. ڏينهن ٿيا جو اک لڳي ناهي، جي گهڙي پلڪ لڳي آهي تہ بي بي (بينظير ڀٽو) نظر آئي آهي. جا ڇانوَ هئي، سا هلي وئي، سنڌ جي سورن کي ڪو سنڌوئي ناهي.

ڪنهن گهڙيءَ سور بہ سڏڪو ڪائي ٿو ۽ رت جي رت کي راڳ ۾ ڳائي ٿو. سورن جو سنڌ سان ازلئون رشتو آهي، جو ٽٽڻو ناهي، باقي بت بڻيءَ هيئان هوندا. روح جا رشتا، سنڌڙيءَ سان ۽ جندڙيءَ سان ٽٽندا رهندا. جسم ٽڏا ٿي هلڪا ٿيندا ويندا. روشن ڏينهن جي تمنائي ڌرتيءَ تي ڏينهن وري اونداها ٿي ويا آهن ۽ ڏکيون ڪاريون راتيون ويتر وڌيڪ خوفائتيون ٿي پيون آهن. سج چنڊ بنا اپ تي سج ۽ رج پکڙيل آهي. آهون ۽ دانهون سمورا دڳ جهلي بيٺيون آهن. راهون ۽ واهون بيهر وڇائجي ويون آهن. دل گهڙي گهڙي نپوڙجي پئي ۽ هانوَ کي ڇڪ لڳل آهي. ڪالهہ قائد عوام ڪال ڪوٺڙين جون عصوبتون سٺيون ۽ نيٺ ڦاهيءَ جي ڦندي تي لڙڪي ويو پر آڻ نہ مڃيائين. پوءِ مير مرتضيٰ ڀٽو کي ماريو ويو راهہ وينديءَ سرعام شڪار ڪيو ويو ۽ هاڻ مظلوم عوام جي آواز کي دٻايو ويو آهي. اڄ راڻيءَ جو رت وهايو ويو آهي. ملڪ جي مارئي کي ماريو ويو آهي، ديس ڏياڻيءَ کي ڌرتيءَ کان ڌار ڪيو ويو آهي، سنڌ کي ڪچليو ويو آهي. ڪونج ولر کان وڇڙي وئي ۽ ولر ڪونج کان ٽٽو. ويرين جو وار وهي چڪو اميدن جو سج لهي چڪو منزل جو نشان ڊهي چڪو.

هيءُ حادثو اکين کي جا آلاڻ اريي ويو آهي، سا سڪڻ واري ناهي، نڪو ئي دل چاهي تہ ڳلن تا تان ڳوڙهن جون بوندون بس ڪن. بلڪ دل تہ ائين چاهي ٿي تہ ڳوڙهن ۾ ڳاڙهاڻ اچي، ڳل ڳاڙها ٿين. جو هيءُ هڪ

www.bhutto.org

# بينظير ڀٽو جو وڇوڙو:
# اميد جو قتل. . .!؟

حميد سومرو

جنهن ڀيانڪ، خوفناڪ، هيانءُ ڇني وجهندڙ رات شبير نظامائي "پنهون پُڄاڻان ڏجي باهہ ڀنڀور کي" پٽي لکيو "ڪوشش" آفيس جي ٻاهر حيدرآباد شهر ۾ ڪراچيءَ کان ڪيٽلاري ۽ ڪشمير تائين سنڌ پنهنجي ڀنڀور کي باهہ ڏيئي رهي هئي. 4 اپريل 1979ع تي جڏهن ذوالفقار علي ڀٽو جي موت جي خبر جهنگ جي باهہ جيان ڀڪڙجي ويئي، تڏهن هڪ عرصي تائين ملڪ ۾ عمومن، سنڌ ۾ خصوصن ۽ ڳڙهي خدا بخش ڀٽو جي وسنديءَ ۾ آباد ماڻهن کي ذوالفقار علي ڀٽو جو موت ويساهہ جوڳو ئي نہ پئي لڳو. ڀٽي کي "ڀهتل شخص" ۽ "پير" سمجهي ان سان سوين ويساهہ ۾ نہ ايندڙ ڪهاڻيون جوڙيون ويون پر سنڌ جي دلين تي راڄ ڪندڙ شهزادي بينظير ڀٽو جي موت جي خبر جڏهن اليڪٽرانڪ ميڊيا ذريعي منٽن ۾ ملڪ جي ڪُنڊ ڪڙڇ ۾ بجليءَ جيان ڊوڙي ويئي، تڏهن اردو انگريزي ۽ سنڌيءَ جي اليڪٽرانڪ ميڊيا ۾ ماهرائي راءِ ڏيندڙ نالي ڪئين دانشورن ۽ صحافين جي اوجاڳيل ڳاڙهين آلين اکين بينظير ڀٽو جي موت جي خبر کي ناقابل يقين قرار ڏنو. "ڊان" جي سينيئر صحافي ايم ضياءُ الدين چوائي هن جڏهن "سي اين اين" تان بينظير ڀٽو جي موت جي بريڪنگ نيوز ٻڌي تہ هن جي ذهن ۾ فوري سوال اڀريو تہ بينظير کان سواءِ پاڪستان ڪيئن هوندو؟ پر هن ملڪ جي سنڌ جو عجيب ماڻهو آهي، جنهن 27 ڊسمبر جي

آهي.“ ان جملي 27 ڊسمبر جي لڙندڙ سج ڪيئن نہ ڇيھہ ڇني وڌا هوندا. ان جو اندازو سنڌ جي ڪروڙ مان لڳائي سگهجي ٿو. سنڌ جي عزت آبرو ناز. نخري هٿ ۾ معتبريءَ جي شروعات 1970ع ڌاري ذوالفقار علي ڀُٽي جي حڪومت سان شروع ٿي، جنهن ڪان اڳ سنڌي ماڻهو نہ صرف پنهنجا ڪپڙا. ٽوپي ۽ اجرڪ پائيندي شهرن ۾ داخل ٿيڻ کان ڪيٻائيندا هئا. بلڪ پنهنجي سنڌي موسيقي ۽ راڳ ٻڌڻ کي عجيب. اوپرو ۽ گهٽ سمجهندا هئا. انهن جا ڳاٽ فخر سان اوچا هجڻ شروع ٿيا.

اباڻي ۽ اياڳي سنڌ جي گهرن ۾ نوڪريون ۽ جديد دور جون سهوليتون آيون. بينظير ڀُٽو جي پهرئين ۽ ٻئي دور ۾ نراسايون بہ هيون پر اهي ٻئي دور ۾ بہ 90ع واري ڏهائيءَ ۾ روزگار جي علامت طور ياد ڪيا ويندا آهن ۽ سنڌ ۾ ڪنهن نہ ڪنهن حوالي سان سنڌ جي حاڪميت جي حوالي سان ياد ڪيا وڃن ٿا. اسپيني چوڻي آهي تہ ”ٻڪ ماني ڪائڻ جي تجربي سان ئي لڳندي آهي.“ سنڌ گذريل هڪ ڏهائيءَ کان اها ماني ڪائڻ کان محروم هئي پر آڪٽوبر 1999ع کان تہ سنڌ ان نالي ماتر اقتدار اعليٰ کان بہ محروم هئي. جنهن کي عوامي راءِ جي حڪومت سمجهيو وڃي ٿو. 2002ع ڌاري سنڌ اچا بہ بدترين دور ڏٺو نہ صرف سنڌ ۾ سڀ کان گهڻا ووٽ ۽ سيٽون کٽي ايندڙ پارٽيءَ حوالي حڪمرانيءَ کان انڪاري ڪيو ويو بلڪ سنڌ نڳن ۽ پتا خورن حوالي ڪئي ويئي ۽ اها سنڌ پوءِ 18 آڪٽوبر تي پنهنجي ايري سيري حال جي بحاليءَ لاءِ ڪراچيءَ ۾ گڏ ٿي ويئي. چون ٿا تہ 18 آڪٽوبر تي ڪراچيءَ ۾ ماڻهن جو تعداد 30 لک هو اهو بہ ٻڌڻ ۾ آيو آهي تہ صرف 17 ۽ 18 آڪٽوبر واري رات ڪراچيءَ کان باقي ملڪ ڏانهن ويندڙ سپر هاءِ وي جي ٽول پلازا تي 52 هزار گاڏين ٽڪيٽ ورتي هئي. ٽڪيٽ نہ وٺندڙ نيشنل هاءِ وي. آر سي ڊي هاءِ وي ڪانسواءِ ٻين رستن تان ايندڙ گاڏين ۽ ماڻهن جو تعداد ان کان الڳ آهي. 18 آڪٽوبر جي انهيءَ تاريخي ميلي ۾ اهي ماڻهو هئا. جن کي روشن خيال پاڪستان انتهاپسنديءَ طرف گهلجندي ۽ لال مسجد هٿان يرغمال ٿيڻ جي ڊپ اچي ورايو هو. پاڪستان جي معاشري جي ان حصي ۾ عورتون. اقليتون ۽ ننڍين قومن جا ماڻهو بہ شامل هئا. جن لاءِ پاڪستان هڪ قيدخانو بڻجڻ شروع ٿيو هو. چون ٿا تہ ان ۾ 18 آڪٽوبر واري ان ميڙ ۾ اردو ڳالهائيندڙ ان آباديءَ جو نئون نسل شامل

www.bhutto.org

هو. جيڪو اجا تائين دليو اڻ دليو ايم ڪيو ايم سان گڏ هو. بينظير ۽ پ پ جا نعاد چون ٿا ته اهو ميڙ وڏيرا گاڏيون گڏ ڪري ماڻهو واڙي وٺي آيا هئا. سوال اهو آهي ته جيڪڏهن ڳالهه پئسي جي آهي ته ڇا چوڌري شجاعت ۽ نواز شريف کان وڌيڪ پئسو پيپلز پارٽيءَ جي قيادت وٽ هو؟ ۽ ڇا پيپلز پارٽي وسيلن ۾ جنرل مشرف جي وسيلن سان مقابلو ڪري سگهي ٿي؟ جيڪي گذريل 10 ورهين ۾ ڪٿي به هڪ لک ماڻهو گڏ نه ڪري سگهيا هئا پر سچ اهو آهي ته پاڪستان جي سياسي منظرنامي جي هيءَ واحد پارٽي آهي، جتي ئي ماڻهو گڏ ٿين ٿا. جڏهن منجهن تبديليءَ جي تڙپ پيدا ٿئي ٿي. 18 آڪٽوبر تي ڪراچيءَ ۾ ماڻهن جو ميڙ ان جو عڪس هو. پيپلز پارٽيءَ جي قيادت جي گذريل چار ڏهائين جي قلابازين، موقعي پرستين ۽ عوامي امنگن جي برعڪس سياست ڪرڻ باوجود 18 آڪٽوبر تي ڪراچيءَ ۾ پيپلز پارٽيءَ جي پليٽ فارم تي ڪٺا ٿيا. انهيءَ ميڙ ڪي جيڪڏهن خير خوبيءَ سان پنهنجو سفر پورو ڪرڻ ڏنو وڃي ها ته شايد اڌ ڪروڙ ماڻهن جي ريفرنڊم جو تاثر هن سرڪار/ اسٽيبلشمينٽ کي لوڏي ڇڏي ها ۽ خود پيپلز پارٽيءَ جي قيادت گهڻو ڪجهه سوچڻ تي مجبور ٿئي ها پر ڪارساز جي ڪارستاني ان سڀ ڪجهه کي نه ٿيڻ ڏيڻ جي ڪوشش هئي. ماڻهن جي اميدن جي ڪڏهن به پورو نه ٿيڻ تي اهو وار هو.

بينظير پڻ دهشتگردي، انتها پسندي ۽ جهادي سياست جي مخالف هئي، پاڪستان جي ائٽمي پروگرام جي ڦهلاءَ جي مخالف هئي، ان تي هن هڪ ڏينهن لاءِ وار ڪرڻ بند نه ڪيو. اڄ جي جهادي سياست جا طالبان ۽ القاعده سان رشتا ڪٿي ملن ٿا، ان جو ڪجهه چٽو زاهد حسين جي ڪتاب فرنٽ لائين پاڪستان ۾ چٽايل آهي. بينظير پڻ بلوچ سوال تي 18 آڪٽوبر کان 27 ڊسمبر تائين مسلسل ڳالهائيندي رهي ۽ خير بخش مريءَ سان ملاقات ڪنهن کي پسند نٿي ٿي سگهي؟ ان سوال جو جواب به ايترو ڏکيو ناهي ۽ بينظير پڻ 17 ڊسمبر تي حيدرآباد مان پنهنجي چونڊ مهم جو آغاز ڪري 24 ڊسمبر تي رحيم يار خان ڪانپور بهاولپور، جهلم، مظفر ڳڙهه ۽ پشاور کان ٿيندي راولپنڊي پهتي ته آئينده عام چونڊن ۾ عوام جي فيصلي تان ڏُنڌ هٽندي پئي آئي. آمريڪا ۾ مشرف مخالف هيلري ڪلنٽن وائيٽ هائوس جي در تي دستڪ ڏيئي رهي هئي، بينظير پڻ ڪانسواءِ پيپلز پارٽي واڳ ڏيڻ لاءِ قابل قبول هئي ۽ پوءِ 27 ڊسمبر تي بينظير

ڀٽو کي راهہ تان هٽايو ويو. ان اميد کي ٿي ختم ڪيو ويو جيڪا گذريل ٽچاليهہ ورهين کان دکي، هري ۽ اجهامي وڃي ٿي ۽ 18 آڪٽوبر تي پيڙ ٻڌجي ڪراچيءَ ۾ ظاهر ٿئي ٿي. بينظير ڀٽو جو موت ان جو تسلسل آهي، جيڪا هن ملڪ جي اسٽيبلشمينٽ 1977ع کان جاري رکيو پئي اچي. ڀٽو جي موت ڪانپوءِ بينظير ڀٽو جو قتل انهيءَ خواهش کي ٿي ختم ڪرڻ جو نالو آهي، جنهن کي اجا تائين صرف شخصيتن سان ٿي تعبير ڪن ٿا. جڏهن تہ پيپلز پارٽيءَ جو ڪينواس شخصيتن کان وڌيڪ اوچو ۽ گهرو آهي.

ذوالفقار علي ڀٽي جي قتل کي متنازعہ بڻائي عوامي ردعمل کي محدود ڪرڻ ۾ اسٽيبلشمينٽ ڪامياب ٿي هئي پر پنهنجي شهيد بابا جي ڪچ ۾ رت ۾ ٻڏل شهيد نياڻيءَ جي خون جي گرميءَ جو سيڪ ڊسمبر جي شديد سرديءَ ۾ ڪراچيءَ کان ڪيٽلاري ۽ ڪشمور جون حدون ٽپي پنڊيءَ جي سرد راتين لنڊي ڪوتل، باجوڙ ۽ پاراچنار تائين جي منظر کي سيڪاتي ڇڏيو آهي. بينظير ڀٽو جو ماتم اتي بہ ٿيو آهي، جتي اڄ تائين هن ملڪ جون ايجنسيون بہ داخل ٿي نہ سگهيون آهن. ڪن پل ۾ بينظير جي خون ڪيس پاڪستان جي سڀ کان گهڻي تڪراري سياستدان منجهان انتهائي محبوب ليڊر بڻائي ڇڏيو آهي، جنهن جي سڏڙيا صرف سڏ ئي ڪري سگهن ٿا. پاڪستان جي مسڪين ماڻهن بنا ڪنهن رنگ، نسل، ذات پات، ٻولي ۽ جنس جي جيڪا ڪيس پيٽا ڏني آهي، ان جو مثال گهٽ ۾ گهٽ پاڪستان جي تاريخ ۾ نٿو ملي. پاڪستان جي اسٽيبلشمينٽ جي حرڪت ڪيس ڪيترو فائدو ڏنو آهي، ان جو ليکو چوکو تہ 2007ع جي اجهامندڙ سال جي ڊسمبر جي سرد راتين ۾ پنهنجي نرڙ تان پگهر اگهي ٿنڪ ٿينڪ جا چڱا مڙس لڳائي رهيا هوندا پر شهيد بينظير ڀٽو جي پارٽي قيادت پنهنجو نڙيل پکڙيل سامان سنڀالڻ ۾ ڪيترو حوصلو سگهہ ۽ وسعت رکي ٿي، ان جو فيصلو اڄ جي پيپلز پارٽيءَ جي قيادت کي ئي ڪرڻو آهي تہ هن سياسي انقلابي وارثيءَ جي مالڪي عوام وٽ رهڻي آهي يا اقتدار پرست استحصالي طبقي وٽ؟ سنڌ سميت ملڪ جي عوام ۾ موجود اٿاهہ اُڻ تُڻ ۽ اُلڪو ان جو ئي مظهر آهي.

(روزاني ڪوشش، حيدرآباد، 3 جنوري 2008ع)

www.bhutto.org

# "درد اور جنگ مين
# ڪڇ ميل نهين هي، اي دل"

امداد سومرو

رات، فيض پئي پڙهيوسين. ڀيو ڇا پئي ٿي سگهيو. دل کي گولي لڳي رئي آهي. دل ٻاهر نڪرندي ٿي محسوس ٿئي. فيض جي هن نظم تي دل جي ڌڙڪڻ بند ٿيندي محسوس ٿئي ٿي.

"دل سي ڦر هوگي ميري جان ڪ اي دل اي دل
يہ تو مهمان هين گهڙي ڀر ڪا، چلا جائي گا.
اس سي ڪب تيري مصيبت ڪا مداوا هوگا
مشتعل هو ڪي اڀي ائين گي وحشي سائي
يہ چلا جائي گا، ره جائين گي باقي سائي
رات ڀر جن سي ترا خون خرابا هوگا.
جنگ ٺهري هي، ڪوئي کيل نهين هي اي دل،
دشمنِ جان هي سڀي ساري ڪي ساري قاتل
يہ ڪڙي رات ڀي، سي سائي ڀي، تنهائي ڀي،
درد اور ڄنگ مين ڪڇ ميل نهين هي اي دل!"

منٽگمري جيل ۾ هن اهو نظم ڀهرين ڊسمبر تي لکيو هو ۽ اسين 27 ڊسمبر جي شام کان تاريخ جي ڏکهي رسيس تي هليا ويا آهيون. ڏکهي ۽ سياهہ رسيس تي. . . ڪاري رات ۾ هيڪلي سڙڪ ڪيستائين وڃي ٿي؟

www.bhutto.org

هاڻ شايد منهنجي نسل کي منزل واري سلور لائين (Silver Line) ڪٿي به نه ملي؟

اور ڪچ دير مين، جب ڦر ميري تنها دل ڪو
فڪر آلي گي ڪ تنهائي ڪا ڪيا چارا ڪرين،
درد آئي گا دبي پائون، لئي سرخ چراغ
وه جو اڪ درد دهڙڪتا هي ڪهين دل سي پري
شعلہ درد جو پهلو مين لپڪ اٿي گا
دل ڪي ديوار په اڪ نقش دمڪ اٿي گا
حلقہ زلف ڪهين، گوشہ رخسار ڪهين،
هجر ڪا دشت ڪهين، گلشن ديدار ڪهين.

هيءَ پوهہ جي ڪاري رات آهي، هيءَ ويراني ۽ هيءَ سنسان سڙڪ ۽ سڙيل ٽائرن جي بوءِ. . . ۽ انڌيرن ۾ لڪل قوتون اسان جو پيڇو ڪري رهيون آهن. پر قاتل قوتن پنهنجو ڪم ڪري ڏيکاريو. . اڄ هر طرف اهڙن چهرن تي لڳل رت کي سڃاڻو. اهي لڪل نه آهن. هو پڌرا آهن. هو لڪي نٿا سگهن، پر هو ايترا ته طاقتور آهن جو هڪ هنڌ گڏ آهن. ڪير به هنن جي پوري چال کي بي نقاب ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. سڀ جا سڀ قاتل. . اهي ڪيتري وقت کان تاڙ ۾ هيا؟ خودڪش بمبار. . القاعده. . طالبان. .

"القاعده هن کي قتل نه ڪيو آهي. پاڪستان جو ڪو به سياسي اڳواڻ اسان جي هٽ لسٽ تي ناهي، بيت الله محسود ان ۾ ملوث ناهي."
ملان عمر.

"هوءَ القاعده جي هٽ لسٽ تي هئي." گهرو وزارت جو ترجمان.

"هي جنگ بنياد پرستن ۽ اعتدال پسندن وچ ۾ آهي" ڪونڊا ليزا رائيس.

اعتدال پسند ۽ روشن خيال پرويز الاهي، چوڌري شجاعت حسين، شيخ رشيد، مشاهد حسين، شوڪت عزيز الطاف حسين. . اهي القاعده جي هٽ لسٽ تي ناهن، جن دهشتگرديءَ خلاف عالمي جنگ ۾ اقتدار ماڻيو ۽ بلين ڊالرز ايڊ جي مد ۾ ورتا.

جلاوطن رهندڙ اسان جي راڻيءَ جي طاق ۾ هو پهرئين ڏينهن کان هيا؟ ڪير. . ؟ اهو سمجهڻ ڏکيو نه آهي. دشمنِ جان هيا تنهن جا سڀ، سڀ جا سڀ قاتل. .

www.bhutto.org

اسان جو پوبون ارمان ڳڙهي خدا بخش پٽو ۾ دفن ٿيو. اسان جي پورن سياسي ارمانن جو قتل ٿيو. اسان ڪنهن جو ڪهڙو تصور ڪيو هو: آمريڪا جو؟ عالمي دنيا جو؟ القاعده جو؟ طالبانن جو؟ جنگ هڪڙن جي، مفاد ٻين جا ۽ بليدان اسان ڏنو؟ ڇا تصور جي وسعت ۾ اهو سڀ ڪجهه اچي ٿو؟

فيض، آگسٽ، ماسڪو- 63ع
تم نہ آئي تو هر چيز وهي تي جو هي،
آسمان حد نظر راهہ گذر شيشہ شيشہ مئہ.
اور اب شيشہ مئہ، راهگذر رنگ فلڪ
رنگ هي دل ڪا ميري، "خونِ جگر هوني تڪ".
چمپئي رنگ ڪا راحت ديدار ڪا رنگ،
زرد پتون ڪا، خس و خار ڪا رنگ،
سرخ ڦولون ڪا دهڪتي هوئي گلزار ڪا رنگ،
زهر ڪا رنگ، لهو رنگ، شبِ تار ڪا رنگ،
آسمان، راهگذر، شيشہ مئہ،
ڪوئي ڀيگا هوا دامن، ڪوئي دڪتي هوئي رگ،
ڪوئي هر لحظہ بدلتا هوا آئينہ هي،
اب جو آئي هو تو ٺهرو ڪہ ڪوئي رنگ، ڪوئي رُت، ڪوئي شي
ايڪ جگہ پہ ٺهري،
ڦر سي اڪ بار هر اڪ چيز وهي ڪہ جو هي،
آسمان حدِ نظر، راهگذر راهگذر شيشہ مئہ شيشہ مئہ."

جڏهن درد وڏي ويندو آهي تہ اظهار بي معنيٰ ٿي ويندو آهي. دوستو اڄ پنهنجي بہ حالت اهڙي آهي. ڏک کي طاقت ۾ تبديل ڪرڻ ۽ ان کي ڪنهن پيتڙن ڏيڻ کان مان پاڻ کي في الحال ڪمزور ٿو سمجهان. سنڌ جي هيءَ شام غريبان آهي.

"تنهائي کولي ٻڪ کڙي آ،
دل کي ڏوڏيندڙ هيءَ گهڙي آهي،
شام لڙي آهي".

سنڌ جي تاريخ ۾ هيءَ شام غريبان اڳ بہ آئي آهي پر منهنجي نسل لاءِ اهو پهريون ڀيرو آئي آهي. دل کي ڏوڏيندڙ گهڙي. جيئن اياز لکيو.

18 آڪٽوبر کان وٺي مون انهيءَ خوف هيٺ گذاريو هو. نيٺ زندگيءَ جون قاتل قوتون پنهنجو ڪم ڪري ويون. زندگيءَ جي اميد کي هيئن گولي هڻي شهيد ڪيو ويندو؟ هيءَ سنڌ کي گولي آهي. هيءَ اسان جي پوري نسل ۽ ايندڙ نسلن کي لڳل گولي آهي.

مان سمجهان ٿو تہ منهنجو نسل هاڻ انهيءَ غم هيٺ رهڻو آهي ۽ ان جو زوال (Fall) 27 ڊسمبر جي شام واري پهر کان شروع ٿي چڪو آهي. هاڻ سڀ ڪجهہ سڙي رکي ٿي ويجي. ان سان ڪهڙو فرق پوڻو آهي. جيئن پڻائي چيو هو "پنهل کان پوءِ ڏينديس باهہ ڀنڀور کي."

توکي اسان کي ڇاجي سزا ڏني وئي؟ اسان جي آخري اميد کي ڇو قتل ڪيو ويو؟ ذوالفقار علي ڀٽو واري سانحي مان ئي نہ نڪتل سنڌ کي هڪ ٻئي غم جي چادر ۾ ڍڪيو ويو.

هو سڀ هڪ ٻئي سان مليل آهن. هنن جا چهرا برف جي پوٽين وانگر سفيد آهن جن تي ناحق خون جا داغ چٽا نظر اچي رهيا آهن. انهن مڪروهہ چهرن کي سڃاڻو. طاق ۾ لڳل اکين کي سڃاڻو. . . منهنجي آئيندي کي گوليءَ سان اڏائيندڙن کي ڳوليو سڃاڻو. . .

دوستو هيءَ گهڙي محشر جي گهڙي آهي. هيءَ اسان جي اهڙي شام غريبان آهي جيڪا شام جيتري ڊگهي نہ پر تا عمر اسان سان گڏ رهڻي آهي. هيءَ شام غريبان اسان جي عمر وٺي ويندي ۽ مون کي معلوم ناهي تہ اها اسان کي ڪيستائين Haunt ڪندي رهندي. مان پنهنجي ديس جي پوئين ڪاري رات جو شاهد آهيان ۽ مان هڪ اهڙي اونداهي راهہ وٺيو وڃي رهيو آهيان، جنهن جي ڇيڙي تي ڪا بہ روشني نہ آهي، هيءَ غم منهنجي نسل کي ڪاٺي ويو يارو. . .

(روزاني عبرت، حيدرآباد 30 ڊسمبر 2007ع)

www.bhutto.org

# خوابن ۽ اميدن جي شهادت

نياز نديم

منهنجي هڪ دوست، جيڪو پيپلز پارٽيءَ جو ڪارڪن نہ آهي، البتہ هن جون ۽ سندس خاندان جون همدرديون سالن کان پ پ سان رهيون آهن، تنهن بينظير جي شهادت واري واقعي تي چيو:"مون کي هاڻ خبر پئي آهي تہ ڪو قومي ڏک ذاتي ڏک ڪيئن محسوس ٿيندو آهي ۽ ڪيئن اها ڳالهہ صرف هڪ جملو تہ هوندي آهي، پر هڪ چٽي حقيقت هوندي آهي تہ جڻ اسان جي پنهنجي گهر ۾ تڏو وڇايل آهي." سچ پچ بہ اها محسوسات هر ان شخص جي آهي، جنهن هن واقعي کي جذبي جي شدت سان محسوس ڪيو آهي. اسان جو نسل جنهن ذوالفقار علي ڀٽي کي نہ ڏٺو هو ۽ ان جي ماڻهن سان محبت نہ ڏٺي هئي، تنهن کي اڄ ڏينهن تائين اها ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ اچي سگهي هئي تہ نيٺ بہ ذوالفقار علي ڀٽي ۾ اهڙي ڪهڙي ڳالهہ هئي، جو هو اسان جي وڏڙن کان اڄ تائين نٿو وسري. هن جي ذات ۾ اهڙو ڪهڙو جادو هو جو اڄ تائين ڪئين حڪمرانن ۽ سياسي اڳواڻن کي تجربي هيٺ آڻيندڙ ماڻهو اڃا تائين پنهنجي دلين تان ڀٽي جي راڄ کي ختم ٿيندي نٿا ڏسن. پهرين بينظير جي زندگيءَ ۽ هاڻ ان جي شهادت اها ڳجهارت بہ سلجهائي ڏني آهي، تہ ملڪ جي غير سياسي ۽ بيحد عام ماڻهن جي دلين تي بہ ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪمرانيءَ پنيان ڪهڙي مامَر آهي.

هن پيري جشنن ۽ خوشين بجاءِ ڏک ۽ ماتم ڪٽي ايندڙ نئين سال جي

www.bhutto.org

نئين ڏينهن تائين سموري ملڪ ۾ عجيب سوڳواريءَ جي فضا آهي. جيتوڻيڪ سنڌ جي شهيد راڻيءَ جي رت ۾ ريٽو ٿيڻ کي اڄ ست ڏينهن گذري چڪا آهن ۽ سندس قبر جي مٽي به شايد هوريان هوريان سڪڻ شروع ٿي وئي هجي، پر سڄي ملڪ ۾ اهي هزارين اکيون اڃا تائين آليون آهن، جن اکين هن پيري موتي آيل بينظير جي اکين ۾ هڪ نئين اميد ۽ نئون آسرو ڏٺو هو.

چا سنڌ، چا پاڪستان، سڄيءَ دنيا جون اخبارون، ميڊيا ۽ ٽي وي چئنل لڳاتار ان سانحي تي ماتم ڪري رهيا آهن ۽ بينظير ڀٽو جي قتل کي پاڪستان ۾ جمهوريت جي اميد جو قتل سڏي رهيا آهن. ٽي مهينا اڳ 18 آڪٽوبر واري سانحي کان به پهرين اسلام آباد ۾ رهندڙ هڪ مغربي خاتون، جيڪا پاڪستاني سياست جي پيچيدگين کان اڃا مڪمل طور آگاهه نه آهي، تنهن ڪاوڙ ۽ اچرج مان پڇيو هو ته "آخر سڄو ملڪ، سڀ پارٽيون، سول سوسائٽي جا گروپ ۽ دانشور هر معاملي ۾ هڪ شخصيت يعني بينظير ڀٽو ڏانهن ئي ڇو ٿا واجهائن ۽ پاڻ ڪجهه ڇو نٿا ڪن؟". هاڻ جڏهن بينظير ڀٽو شهيد ٿي چڪي آهي ۽ گذريل ڇهن ڏينهن کان ملڪ تي سڪتو طاري آهي، تڏهن ان خاتون کي پنهنجي سوال جو جواب ملي ويو آهي. هوءَ پنهنجي ئي پڇيل سوال جو جواب پنهنجن ئي لفظن ۾ هن ريت ٿي ڏئي ته She Knew very well about people and that politics اهو سچ آهي ته هن ماڻهن ۾ رهڻ چاهيو ماڻهن ۾ مرڻ چاهيو ۽ هن ائين ڪري به ڏيکاريو.

گذريل ڇهن ڏينهن ۾ جيترا به ماڻهو بينظير جو سوڳ ملهائيندي مليا آهن، انهن جي ان چوڻ تي ڪنهن به قسم جو شڪ نٿو ڪري سگهجي ته ان ڏک کي هو پنهنجو ذاتي ۽ پنهنجي گهر جو ڏک ۽ صدمو سمجهن ٿا. انهن ۾ ڪئين ماڻهو اهڙا به آهن، جن ڀٽو خاندان جي ٽنهي نسلن کي تمام ويجهي کان ڏٺو آهي ۽ کين خبر آهي ته ذلفي ڀٽو ڪير هو ۽ سندس ٻچڪي ڪير هئي. اسان جي نسل ۾ ڪجهه ماڻهو اهڙا آهن، جن صرف بينظير ڀٽو کي ڏٺو پر پوءِ به کين ڀٽو خاندان سان ماڻهن جي محبت ۽ هن خاندان جي سرفروشيءَ واري سياست جي فلاسافي سمجهه ۾ اچي وئي.

www.bhutto.org

آهي. اسلام آباد ۾ پيپلز پارٽي جي مرڪزي سيڪريٽريٽ تي تعزيتون وصول ڪندڙ اچي مٿي واري جيالي وٽ بہ ڪجهہ اهڙيون ئي يادون آهن. "چاليهہ سال هن پارٽيءَ کي ڏيڻ ۽ بي بي جي لاءِ ڪم ڪرڻ کان پوءِ، هاڻ تہ ڪجهہ نظر ئي نٿو اچي. اڪين اڳيان اجا اوندهہ آهي ۽ روشنيءَ جي اميد ڪٿي بہ نہ آهي." هن کان 27 ڊسمبر جي جلسي کان اڳ وارو اهو منظر بہ نٿو وسري، جڏهن سندس قافلو جلسي گاهہ ڏانهن وينديءَ بي بي جي گاڏيءَ ويجهو پهتو هو ۽ بي بي ماڻهن جي هجوم مان بہ ڪيس سڃاڻي ورتو هو ۽ هٿ لوڏي، ساڻس خير عافيت ڪئي هئي. "مون کي پنجن راتين کان ننڊ نٿي اچي ۽ هر گهڙي بي بي جو اهو نڏندڙ هٿ ياد ٿو اچي... ان هٿ جي تصور تي اک ننڊ مان ڇرڪ ڀري جاڳي ٿو پوان." اها ڳالهہ ڪنديءَ هن جي اکين ۾ ڳوڙها لهي اچن ٿا.

پيپلز پارٽيءَ ۾ اهڙا هزارين ڪارڪن آهن، جن کي هن جيالي وانگر اوندهہ کان سواءِ ڪجهہ نظر نٿو اچي. جيتوڻيڪ هيءُ ڏک صرف پيپلز پارٽيءَ جي ڪارڪنن جو نہ پر ملڪ جي هر ماڻهوءَ جو ڏک بڻجي ويو آهي. چو تہ هن سانحي، منهنجي دوست وانگر هر ماڻهوءَ کي اهو سمجهائي ڇڏيو آهي تہ ڪو قومي سانحو دل تي صدمو بڻجي ڪيئن گذرندو آهي. هيءُ هڪ اهڙو ڏک آهي، جنهن جي اظهار لاءِ لفظ بہ ساٿ ناهن ڏيندا. عام ماڻهوءَ کان وٺي، باشعور ۽ پڙهيل لکيل ماڻهو بہ اڄ ڏينهن تائين هڪ ٻئي کي ايس ايم ايس وسيلي نعرا ۽ شعر موڪلي، درد هلڪو ڪرڻ ۾ رڌل آهن. هر ماڻهو سنڌ جي هن عظيم نياڻي ۽ شهادت جو اعليٰ رتبو حاصل ڪندڙ ڌيءَ کي پيتا ڏيڻ لاءِ لفظن جا سهارا تلاش ڪري رهيو آهي. موبائل فون جي ميمري نئين سال جي مبارڪباد وارن نياپن بجاءِ تعزيتي پيغامن، شعرن ۽ بينظير کي ڏنل پيتائن وارن ميسيجن سان ڀرجي وئي آهي.

سرءُ جهڙن ڏينهن ۽ سياري جي سرد راتين ۾ جڏهن سڄي ملڪ ۾ ويرانيءَ جو واسو هوندو آهي، ان وقت پيپلز سيڪريٽريٽ اسلام آباد ۾ شهيد بينظير جي پورٽريٽ اڳيان سوين ماڻهو روزانو گلدستا ۽ تعزيتي ڪارڊ رکڻ لاءِ ايندا رهن ٿا. راولپنڊي جي جنرل اسپتال وٽ سندس هڪ وڏي پورٽريٽ تي پيل گلن جا هار روزانو تازا ٿيندا رهن ٿا. ڳڙهي خدابخش ۾ اڃا بہ هر وقت سوين ماڻهو سندس قبر ۽ اباڻي گهر آڏو ماتمي

www.bhutto.org

ڪپڙن ۾ سوڳوار ڇهرن سان ويٺل ڏسجن ٿا. سڄي ملڪ ۾ محرم کان اڳ ئي ماتم واري ڪيفيت آهي. اهڙي وقت ۾ اها ڳالهه وڏيڪ درست لڳي ٿي تہ پٽن کي حياتيءَ کان بہ وڌيڪ مرتئي کان پوءِ محبتا ملنديون آهي ۽ سندن وجود جو احساس وڌيڪ شدت سان سندن غير موجودگيءَ ۾ ئي محسوس ڪيو ويندو آهي. هن پيري "هر گهر سي ڀٽو نڪلي گا" وارو نعرو جيالا ئي نعرو عام ماڻهو بہ هڻندي ٻڌجن ٿا.

ايندڙ وقت ۾ ڪٽي ڇا بہ ٿئي، پر حقيقت ۾ جيترو نقصان ٿي چڪو آهي، تنهن جو ازالو قطعي بہ ممڪن نہ آهي. لڳي ٿو تہ پاڪستان ۾ جمهوريت جي اميد، تبديليءَ جا آسرا ۽ خواب مٽيءَ ۾ ملي ويا آهن.

مٽيءَ منجهہ ملي ڪي ماڻهو ڇڏي وڃن ٿا واس
تن جي سار ۾ سالن تائين، سارو لوڪ اداس!

(روزاني ڪاوش، حيدرآباد)

www.bhutto.org

## هوءَ، ديس جي وجود ۾

## ٻَڪِي هڏ جئن ڏڪندي رهندي!

امير منڏرو

هوءَ پرهہ جي رنگن جي پوشاڪ پائي، دکي ديس جي دامن تي پکي ٿي لٿي هئي. آمريت جي انهن اذيتناڪ ڏينهن ۾ هوءَ هڪ ڏڍ ۽ حوصلو هئي. جيتوڻيڪ ميرن، پيرن، چوڌرين ۽ جاگيردارن جي محلن ۾ قيد سياست جي رقاصہ کي غريبن ۽ مزدورن جي جهوپڙين اڳيان گوڏا کوڙائيندڙ لاڙڪاڻي جي راڻي جو وڇوڙو بہ ڪو هلڪو گهاءُ نہ هو پر وطن واسي اهو سور بہ سهي ويا. ڇو تہ سندن ڦٽن تي پَها رکڻ لاءِ ڌلفي جي پنڪي جو موجود هئي. اها گلابي گلن جهڙي پنڪي، جنهن کي وقت لطيف جي سورمي سسئي ثابت ڪيو. جنهن وٽ هماليہ کان وڏيڪ حوصلا هئا ۽ جنهن جي هڪڙي نہڪار ۾ وج وراڪي جهڙو تجلو ۽ طاقت هئي. ڀٽائي صديون پهرين "آڏو ٽَڪر ٽر، متان روهہ رتيون ٿئين" جهڙي سٽ جڻ تہ انهيءَ سج وڙاءَ سورميءَ لاءِ ئي سرجي هئي. جنهن جي هڪڙي هڪل سبب آمريتي حامين جو خون پاڻي ٿيندو هو. جنهن جي همت ۽ بهادري وڏا ڪوٽ ۽ برج ڀور ڀور ڪري ڇڏيا هئا. جاگيرون هن جي جرئت اڳيان جهڪي پيون ۽ گادين هن جي بلند ڪردار کي ڪنڌ مٿي ڪٽي ڏنو.

هوءَ دنيا جي سياسي آڪاش تي همت ۽ ڏاهپ جو سج بڻجي ايري هئي. سنڌ جي هن سدا سلڇڻي نياڻي تحريڪن جي سرواڻي بہ ڪئي تہ جيلن جي باريڪن ۾ تنهائين ۽ تڪليفن جا عذابناڪ ڏينهن بہ ڏٺا. هن

www.bhutto.org

پنهنجي پياري پاپا جي آگر پڪڙي، بين الاقوامي سياست جا ورن وڪڙن تي مشتمل پيچرا بہ لنگهيا تہ پنهنجي مٿان آيل قيامت جون ڪئين گهڙيون بہ برداشت ڪيائين، جن کي رقم ڪرڻ لاءِ هن ويڳاڻي وطن وٽ ڪو بہ ايان سرويچ ۽ منشي نہ بچيو آهي. منهنجي دور جا ڪوي خبر نہ آهي تہ ڪهڙي پاڻمرادي زندان ۾ قيد ڀڻجي ويا آهن!.

اها رات، جيڪا هن جي آخري رات هئي، پنهنجي پياري پاپا سان! جنهن ۾ هن ڪيس ويندي ويندي، غريب ماڻهن جي پارت بہ ڪئي هئي تہ اهو بہ سبق ڏنو هئائين تہ ڊڪٽيٽر هڪ خوفناڪ جانور ٿيندو آهي، جنهن کي پڃري ۾ بند ڪرڻ ضروري هوندو آهي. ڪنهن کي ڪهڙي ڳل تہ هوءَ راجستاني مورن جهڙو لباس پهريل پدمڻي ساڳئي پنڊيءَ ۾ ٿي موت جو ڪاڄ ڀڻجندي، جنهن پنڊيءَ ڪان هوءَ پنهنجي "پاپا" جو لاش بہ وصول ڪري چڪي هئي. هن لٽيل ڪاروان کي سنڀاليو هو ۽ جدوجهد جي علم کي ڪنهن ماهر رفوگر جيان چٽيون بہ هڻيون هيون. هڪ طرف وقت جي ڊڪٽيٽر قوم جي محبوب قائد ۽ سندس پيءُ کي قتل ڪري ڇڏيو تہ ٻئي طرف سڀ ڀوتار، سردار، ملڪ، رئيس ۽ مير پير هڪ هڪ تي هن کان منهن مٽي ويا هئا. هر ڪنهن وٽ ڀڄڻ جا پنهنجا بهانا هئا. ڪنهن کي لنڊن ۾ چيڪ اپ ڪرائڻو هو ڪنهن کي ضياءَ جي مجلس شوري ۾ ميمبر ٿيڻو هو تہ ڪنهن کي ڪيٽيون آباد ڪرڻيون هيون. هوءَ پوءِ بہ اٽل بيٺي رهي. سندس ڪارڪن سرن تي ڪفن ٻڌي، هن سان شريڪ سفر رهيا. تاريخ ڪيترا ئي اذيت ڀريا منظر ڏٺا هوندا، پر ڇا اها اذيت ڀري گهڙي نہ هئي، جڏهن هوءَ اڪيلي ڇوڪري پنهنجي"پاپا" جي تڏي تي ويهي، تعزيتون وصول ڪري رهي هئي ۽ سنڌ خون جا ڳوڙها ڳاڙي رهي هئي؟. جلاوطن ڀائرن مير ۽ شاهنواز جي غير موجودگيءَ ۾ هوءَ پيءُ جي غم کي طاقت ۾ تبديل ڪرڻ وارو ڪم نهايت همت ۽ بهادريءَ سان سرانجام ڏيئي رهي هئي تہ وري پنهنجن غريب ڪارڪنن کي آٿتون ڏيڻ لاءِ پنڌ بہ ڪري رهي هئي. بدين جي غريب ڪارڪن عثمان قريشي جو اڱڻ اڄ بہ هن جي انهن ڏينهن جي سارونٽين سان مهڪي ٿو جڏهن هوءَ سندس جيل ۾ هئڻ دوران فوت ٿيل پٽ جي تعزيت لاءِ "ڪچي پاڙي" ۾ اچي پهتي هئي.

www.bhutto.org

اڄ بہ پيپلز پارٽيءَ جي قيادت لاءِ ڀٽو لفظ ڪرنگهي جي هڏيءَ جهڙي حيثيت رکي ٿو تہ ان جي پوياں شهيد ذوالفقارعلي ڀٽي جي خاندان جي انهن قربانين جو ڪرشمو آهي، جنهن ۾ هنن پتنگن جيان وڃي ”شهادتن“ کي ڳلي لاتو آهي. انهيءَ سرفروشيءَ واري باغي ڪيفيت کي پاڻ ”ڀُٽڪي“ بہ چئي سگهون ٿا، جيڪا ”ڀُٽڪي“ هر ڪنهن جي دل گُرُدي جي ڳالهہ بہ نہ آهي.

هوءَ ائين ڪارڪنن جي هجومن ۾ ”جيئي ڀٽو“ جا نعرا هڻنديءَ جڏهن ضياءَ جهڙي ڊڪٽيٽر لاءِ وقت سوڙهو ڪندي رهي، تڏهن هوءَ پڃري ۾ بند ٿيڻ واري خوف ۾ مبتلا ٿيڻ لڳو هو. اهي ڏينهن بينظير ۽ پيپلز پارٽي لاءِ نهايت ئي امتحان وارا ڏينهن هئا. سنڌ تڏهن بہ جلي اٿي هئي. بي بي سي ۽ مارڪ ٽيلي انهن ڏينهن جا ڏِڌ هئا، جڏهن موريءَ ميهڙ ۽ دادوءَ ۾ ڊائيڙا ڊول پٽ قتل ٿي رهيا هئا. هوءَ پوءِ جلاوطن ٿي تہ تحريڪ اڃا بہ وڌيڪ زور ورتو. هڪ اميد اندر ۾ اسرڻ لڳي ۽ هر گهر جي اڱڻ ۾ بينظير ڪنهن وڻ جيان وڌڻ لڳي. قوم انهيءَ وڻ جي آبياري پنهنجي خون سان ڪئي ۽ اياز تڏهن ئي لکيو هو تہ:

تون هڪ ڏينهن آخر موٽي ايندينءَ
ڪا سج سنهري شال ڍڪي
تلوار هٿن ۾ لوڏيندي
۽ لوئيءَ هيٺان ڍال ڍڪي!

۽ اهو ڏينهن بہ آيو جڏهن لاهور جي آسمان تي سج هن کي سلامي ڏني. جنرل ضياءَ هن جي خوف ۾ جيڪا لولي لنگڙي جمهوريت بحال ڪئي هئي، ان ڏينهن سا سندس هڪ حڪم اڳيان واريءَ سندو ڪوٽ هئي. انهيءَ ڏينهن آمريت ۽ ڊڪٽيٽر شپ جو آدم خور پڃري ۾ بند ٿيڻ جي خوف کان لرزي رهيو هو پر هن سهپ ۽ صبر جو انتهائي ذاهپ وارو ڍڪ پيتو. پوءِ وقت تڪڙو تڪڙو تاريخ جا ورق ورائيندو رهيو. اها گهڙي بہ آئي، جڏهن آڪاش کي لکڻو پيو تہ:

زندگيءَ جي ذليل گهڙين ۾
ضياءَ جي موت جي خبر آهين!

www.bhutto.org

اهو ضياءَ، جيڪو الذوالفقار جي خوف کان راتيون جاڳي گذاريندو هو سو پاڻ نہ اجل جو شڪار ٿي ويو پر پنهنجي پويان "پٺو جين" سان جنگ جوڙڻ لاءِ پنهنجيءَ باقيات جو اڻ کٽ ٻج ڇٽي ويو. هوءَ ملڪ جي وزير اعظم ٿي ۽ ضياءَ جي باقيات پنهنجو مشن پورو ڪرڻ ۾ لڳي وئي ڊڪٽيٽر شپ جو ديو هن جي ٻنهي دور حڪومتن ۾ پيجري ۾ بند نہ ٿي سگهيو. جيتوڻيڪ هن لک ڪوششون ڪيون. پر نتيجي ۾ ڪيس وري بہ اقتدار تان هٿ ڌوئڻا پيا.

هن جي ٻئي دور حڪومت ۾ ڪيس پنهنجي "شينهن ڀاءُ مير بابا" جو صدمو بہ سهڻو پيو. ضياءَ جي باقيات جو هن جي روح مٿان اهو خطرناڪ حملو هو جنهن ڪيس صفا جهوري وڌو. نہ تہ هوءَ تہ ايتري بهادر هئي، جو پنهنجي شهيد پيءُ ۽ شهيد ڀاءُ شاهنواز جا "جنازا" هٿن سان دفن ڪرڻ جي باوجود هن جي حوصلي ڪي ذري برابر بہ لوڏو نہ آيو پر ڪراچيءَ جي اها شام هن مٿان قيامت بنجي ڪڙڪي هئي. هن لاءِ اهو لاڙڪاڻي جو سفر سمورن پنڌن کان ڳرو هو ۽ انهيءَ پنجاٽان وقت هن سان انيڪ ويساهہ گهاتيون ڪيون. لطيف جي هيءَ سورمي ۽ موهن جي دڙي جي پنج هزار سالہ تهذيب جي وارث ڪيترين ئي سازشن جو شڪار ٿي. هوءَ پيا تہ سمورا گهاءَ سهي وئي، پر بيوفائين ۽ ويساهہ گهاتين جا خنجر هن جي ارڏي وجود کي رتورت ڪري ويا.

ڊسمبر 2007ع جي شام محترمہ تي حملو ڪيو ويو ان ڏينهن جڏهن مٿس ڪراچيءَ ۾ حملو ڪيو ويو هو تڏهن ئي هوءَ گهڻو ڪجهہ سمجهي وئي هئي. پر ڌرتيءَ جي اڏول ڌيءَ لاءِ موٽڻ مهڻو هو. هوءَ "لپٽ ڪر جهپٽنا ۽ جهپٽ ڪر لپٽنا" وارين حڪمت عملين ۽ اَدائن کان واقف هوندي بہ خوفزده نہ ٿي. هن جا آخري جلسا سندس سمورين غلطين جو ازالو هئا ۽ گلي ۾ گل رتا پائي، هوءَ شهيدن جي قافلي جي سرتاج سنڌ راڻي، پنهنجا سڀ حساب چڪائي وئي.

اڄ سنڌ هن جي وڇوڙي تي ماتم ڪدو بڻيل آهي ۽ هر گهر ۾ تڏو وڇايل آهي. ڇو تہ هن جي شهادت انهن ٽيهن سالن جي آسن، اميدن ۽ خوابن جي شهادت آهي، جيڪي ساڻس سلهاڙيل هئا. پٽي صاحب جي شهادت کان وڌيڪ هن جي شهادت تي جيڪو رد عمل سامهون آيو

آهي. انهيءَ جو هڪ وڏو سبب اهو بہ آهي تہ بينظير کي هڪ نسل وڻ جيان پاليو هو. هن جي ارڏائين کي اولاد جيان درگذر ڪيو هو ۽ هن سان پنهنجن واري پيار جهڙا رنج رساما رکيا هئا. سنڌيءَ ۾ چوندا آهن تہ "ڄائي کان نيپاج عزيز هوندو آهي" ۽ هيءَ وچوڙو شفيق محبتن ۽ پيار پري آبياريءَ جو وچوڙو آهي، جنهن کي شايد صديون وساري نہ سگهجي. مورن جي قافلي جي سرواڻ هوءَ سنڌ راڻي، ورهين تائين هن ديس جي وجود ۾ پکي هڏ جيان ڏڪندي رهندي جڏهن بہ اتر واءَ ورندا. تہ هن جي ياد جا سر بہ سرير ۾ نسري پوندا.

(روزاني ڪاوش، حيدرآباد. 22 جنوري 2008ع)

www.bhutto.org

## مادر! مون موت، پسٽا پرائيو. . .

آڪاش سنتورائي

اوير جي ڏيءَ ڪڏهن سوچيو به نه هو ته جنهن شهر ۾ سندس والد ۽ ملڪ جي پهرئين چونڊيل وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو کي شهيد ڪيو ويندو ان ساڳي ئي شهر ۾ ڪيس به زندگيءَ جا پساهه پورا ڪرڻا پوندا. اڄ ڌرتيءَ کان وٺي آسمان تائين هڪ سوڳ آهي، هڪ سڪتو آهي. ماڻهن جو خبر ٻڌندي ئي ساهه رڪجي ويجي ٿو هر ماڻهو سڪتي ۾ اچي ويجي ٿو هڪ ٽيون سچ لهي ويو ملڪي تاريخ جو هڪ ٻيو وڏو الميو ٻي وڏي المناڪ خبر، وڏو ظلم، وڏو ڏهر. . . "بينظير ڀٽو راولپنڊي ۾ خودڪش بم ڌماڪي ۽ فائرنگ ۾ شهيد ٿي وئي". . .!!!! هڪ خبر وڏو جبر ڪري وئي، ڪنهن کي به پنهنجي ڪنن ۽ اکين تي يقين نه پئي آيو ته "بينظير ڀٽو شهيد ٿي وئي آهي" اهو جملو ڪير به قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه هو پر ڀٽو خاندان سان ظلم جي انتها جو سلسلو جاري رکيو ويو. ڀٽو خاندان جي شهيدن واري لسٽ ۾ "هڪ" جو واڌارو ڪيو ويو. هن هيڏي وڏي المناڪ سانحي تي لکڻ لاءِ ڪنهن وٽ لفظ ملندا. ڪهڙا لفظ آهن. جن سان هن المناڪ سانحي جو نوحو لکجي، اڄ ته فضائن ۾ ئي ماتم آهي، رستن تي ماتم آهي. ملڪ جي پهرئين وزيراعظم لياقت علي خان کي راولپنڊي ۾ شهيد ڪيو ويو ملڪ جي پهرئين چونڊيل وزيراعظم کي راولپنڊي جي ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ ڦاهي تي لٽڪائي شهيد ڪيو ويو اسلامي دنيا ۽ پاڪستان جي پهرين عورت وزيراعظم هئڻ جو اعزاز رکندڙ بينظير ڀٽو کي پڻ راولپنڊي ۾ ئي شهيد ڪيو ويو جوڻ جي گرم ڏينهن ۾ جنم وٺندڙ بينظير

www.bhutto.org

ڀٽو کي سياري جي سرد ڏينهن ۾ شهيد ڪيو ويو. اڄ پوريءَ دنيا ۾ سڪتو چانيل آهي. پوريءَ دنيا ۾ بينظير جي پرستارن ۾ سوڳ آهي، بينظير ڀٽو جهڙي بهادر عورت شايد ئي ڪا هن دنيا ۾ آهي، جيڪا زندگيءَ جي ڪنهن به لمحي ۾ ڪنهن به آمر، جابر، دهشتگرد ۽ ظالم کان نه ڊني. 18 آڪٽوبر 2007ع تي 8 سالن جي جلاوطنيءَ کان پوءِ ڪراچيءَ پهچڻ تي جيڪو بينظير ڀٽو جو شاندار استقبال ڪيو ويو اهو شايد سندس دشمنن کان هضم نه ٿي سگهيو. 18 آڪٽوبر تي خودڪش بم حملن ۾ سوين ڪارڪنن جي شهيد ٿيڻ کان پوءِ به بينظير ڀٽو جي چونڊ جلسن ۾ هزارين ماڻهن جي شرڪت ان ڳالهه جي نشاندهي ڪري رهي آهي ته بينظير ڀٽو ئي هن ملڪ جي مقبول ليڊر آهي. 18 آڪٽوبر جي سانحي ۾ شهيد ٿيل ٿي جي هڪ ڪارڪن جي امڙ جي حالت اڄ الائي ڪهڙي هونديءَ جنهن پنهنجي پٽ جي شهادت تي چيو هو ته "مون کي پٽ جي شهادت جو ڏک ضرور آهي پر بينظير ڀٽو لاءِ پٽ جي شهادت تي خوشي به آهي." اڄ اهڙين لکين عورتن، لکين مردن ۽ لکين نوجوانن جي پيرڻ ڀاڻ شهيد ٿي وئي آهي، اها بينظير جنهن جي جيئڻ ۽ حياتيءَ جا نعرا ٻاتا ٻول ٻولينڊڙ معصوم ٻار کان وٺي عمر جي آخري حصي ۾ پهتل پيرسن به هڻندا هئا.

بينظير ڀٽو 21 جون 1953ع تي جنم ورتو هن آمريڪا ۽ برطانيا جي مشهور يونيورسٽين مان تعليم حاصل ڪئي، هوءَ پهرين ايشيائي عورت هئي، جنهن کي آڪسفورڊ يونيورسٽي جي يونين جي سربراهي ماڻڻ جو اعزاز مليو. آڪسفورڊ ۾ ئي تعليم دوران مارگريٽ ٿيچر اپوزيشن اڳواڻ جي حيثيت ۾ بينظير ڀٽو کي "هائوس آف ڪامنز" ۾ چانهه تي گهرايو بينظير ڀٽو لاءِ هڪ شاگرديائيءَ جي حيثيت ۾ اهو يادگار واقعو هو. آڪسفورڊ ۾ ئي پڙهڻ دوران بينظير ڀٽو تقرير جو فن سکي ۽ سندس شخصيت ۾ اعتماد پيدا ٿيو شروع ۾ بينظير ڀٽو کي سياست ۾ اچڻ جو شوق نه هو ۽ ذوالفقار علي ڀٽو کيس عالمي سطح جي سفارتڪار بڻائڻ پئي گهريو جنهن ڪري ئي ڀٽو صاحب اهم عالمي سفارتڪاريءَ ۾ بينظير ڀٽو کي پاڻ سان گڏ رکندو هو. لاهور ۾ اسلامي سربراهي ڪانفرنس دوران بينظير ڀٽو پڻ لاهور ۾ موجود هئي، شملا وڃڻ وقت به ذوالفقار علي ڀٽو بينظير کي پاڻ سان گڏ وٺي ويو هو. ڀٽو حڪومت ۾

www.bhutto.org

بينظير ڀٽو ڪجهه عرصي تائين پرڏيهي آفيس ۽ وزيراعظم سيڪريٽريٽ ۾ ڪم ڪيو ۽ سفارتڪاريءَ جي عملي تربيت به حاصل ڪئي. بينظير ڀٽو پنهنجي والد جي شهادت کانپوءِ سياست ڏانهن آئي. 1986ع ۾ بينظير لاهور ۾ قدم رکي پنهنجي سياسي ڪيريئر جي شروعات ڪئي. جنرل ضياءُ الحق ۽ سندس ساٿين کي يقين هو ته ذوالفقار علي ڀٽو جي شهادت کان پوءِ ڀٽو خاندان مايوس ٿي سياست ڪرڻ ڇڏي ڏيندو ۽ پاڪستان ۾ پيپلز پارٽي تاريخ جو حصو بڻجي ويندي پر بينظير ڀٽو پنهنجي ماءُ بيگم نصرت ڀٽو سان گڏ جڏهن سياست جي ميدان ۾ آئي ته پوريءَ دنيا کي ڏندين آڱريون اچي ويون. ڀٽي کي ڦاهي ملڻ کانپوءِ بيگم نصرت ڀٽو ۽ بينظير ڀٽو جي پرعزم ۽ جرئت مندانا فيصلي کانپوءِ پاڪستان جي عوام جي دلين ۾ ڀٽو روان دوان آهن. بينظير ڀٽو جي زندگيءَ جو مشڪل ترين دور سکر سينٽرل جيل ۾ نظربنديءَ دوران گذريو. اهڙيءَ ريت بينظير ڀٽو جدوجهد ڪندي مسلم دنيا جي پهرين عورت وزيراعظم هجڻ جو اعزاز ماڻيو. ملڪ جي 2 ڀيرا وزيراعظم رهندڙ بينظير ڀٽو ٽيهر وزيراعظم لاءِ پارليامينٽ جي چونڊ ۾ اليڪشن مهم هلائيندي شهادت ماڻي. اڄ بينظير ڀٽو جو گجگوڙ ڪندڙ اڄ هوائن جي سرگم ۾ ماتم آهي، ڳڙهي خدا بخش ڀٽو جي قبرستان ۾ هڪ وڌيڪ "ڀٽو" کي آخري آرام گاهه ڏني وينديءَ اڄ بينظير ڀٽو جي شهادت تي اهڙي ڪابه اک نه هوندي جيڪا آلي نه ٿي هجي، ڇاڪاڻ ته بينظير ڀٽو جي شهادت هڪ اهڙو ڏک آهي، جنهن جي ڪابه پڇاڻي ناهي، ڪوبه انت ناهي، اڄ اوير کان اڀرندڙ سج به سوڳوار هو. "اوير جي نياڻي" جي شهادت تي اوير کان نروار ٿيندڙ صبح جا ڪرڻا اداس هئا. انهن ڪرڻن جي اداسي هڪ تاريخ لکي آهي، هڪ تاريخ، جنهن کي ڪڏهن به وساري نه سگهبو.

دبا سڪو تو گلا دبا دو
بجها سڪو تو ديئا بجها دو
گلا دبي گا، حشر هوگا،
ديئا بجهي گا، سحر هوگي. . .!!!!

(روزاني ڪاوش، حيدرآباد، 28 ڊسمبر 2007ع)

www.bhutto.org

## خوشبوءَ جو قتل

### جئہ پرڪاش موراڻي

هوءَ جيڪا بهار جي خوشبودار هوا جي جهوٽي جيان هئي، هوءَ جيڪا اداس دلين لاءِ آٿت، مايوس ماڻهن لاءِ همٿ، ملڪ لاءِ اڪيلو آسرو جمهوريت پسندن لاءِ اميد جو آخري ڪرڻو هئي، هوءَ جيڪا جڏهن لکين ماڻهن جي ميڙ ۾ جڏهن مسڪرائي نعرن جو جواب ڏيڻ لاءِ هٿ کڻندي هئي ته غريبن کي غربت، بکايلن کي بک ۽ بيروزگارن کان بيروزگاري وسري ويندي هئي، هر طرف چڱ ته خوشين، اميدن ۽ سنهري خوابن جا گل ٽڙي پوندا هئا. هوءَ جيڪا جڏهن ملڪ کان پري هوندي هئي ته سندس غير موجودگيءَ ۾ ته سندس هئڻ جو احساس سڄي ملڪ جي جمهوريت پسند عوام لاءِ آٿت جو سبب بڻبو هو ۽ اهي ان آس سهاري ته هاڻي آمريت جا ڪارا ڪڪر جلد هٽي ويندا. پنهنجي جدوجهد جو سفر اڃا به وڌيڪ تيزيءَ سان جاري رکندا هئا. هوءَ جڏهن ملڪ ۾ پنهنجي ماڻهن ۾، پنهنجي مارووئڙن ۾، پنهنجي ڏيهه واسين ۾ هوندي هئي ته هر ڪو ڪيس پنهنجي ڇپر ڇانوَ سمجهندو هو ۽ ان گهڙيءَ ڪو به نڌڻڪو نہ هوندو هو ڪو به اڪيلو نہ هوندو هو ڪو بہ مايوس نہ هوندو هو. هر طرف هڪ ئي گونج ٿي ويندي هئي تہ "آئي آئي بينظير، ڇائي ڇائي بينظير".

پر وقت جي ويرين، خوشين جي ويرين، روشنين جي ويرين، جمهوريت جي ويرين، مسڪراهٽن جي دشمنن، روشن خيالي جي ويرين، عوامي خوشحاليءَ جي دشمنن، پيار جي ازلي ويرين کي اهي خوشيون،

مقبوليت ڪجهه اندر جي ڪارڻ ڪي نه وڻي ۽ ان جو نتيجو اهڙي سانحي جي صورت ۾ سامهون آيا. جنهن بابت سوچڻ تي به دل نٿي چوي. اڄا اسان 18 آڪٽوبر واري سانحي جي سورن کي صحيح طرح وساري نه سگهيا آهيون ته هي گهرو گهاءُ اندر کي چهڪ ڏئي ويو آهي. خبر ناهي ته هاڻي ڇا ٿيندو. اهي ماڻهو جيڪي هن چونڊ مهم دوران پرامید هئا ته هاڻي جمهوريت جو سج اڀرندو ۽ آمريت جي اونداهه ختم ٿيندي، ملڪ ۾ خوشحالي ايندي ۽ غربت دور ٿيندي، انهن وري پنهنجو منهن مونن ۾ ڏئي ڇڏيو آهي. مايوسي ڪفر آهي پر جڏهن چوڌس ماتم هجي ۽ ڪنهن به پاسي کان اميد جي ڪا روشني نظر نه اچي ته پوءِ مايوس نه ٿجي ته ڇا ڪجي!

اسان مايوس آهيون، ڏکويل آهيون پر اسان اميد ناهي ڇڏي، اسان آس جو ڏيئو هينئر به جلائي رکيو آهي، انڪري ته اسان چاهيون ٿا ته هيءُ ملڪ جيڪو عوام لاءِ نهيو جيڪو خوشحالي لاءِ نهيو جيڪو محبتن لاءِ نهيو ان تي ويرين جو وس نه هلي. ان ڪري دعائن سان گڏ اهو عزم به ڪرڻ گهرجي ته زندگي جيڪا روان رهڻي آهي، ان جي مستقبل کي ۽ ايندڙ نسلن کي ان قسم جي اندوهناڪ سانحن کان بچائڻ لاءِ ڪو نه ڪو گس، ڪو نه ڪو ڏس ضرور ڳولي ڪڍنداسين.

(روزاني عبرت، حيدرآباد، 28 ڊسمبر 2007ع)

www.bhutto.org

# ٻه اکر

سنڌ جي عظيم بهادر نياڻي شهيد بينظير ڀٽو جي شهادت کانپوءِ، انگريزي، اردو ۽ سنڌيءَ ۾ ڪيترائي ڪتاب ڇپجي بازار ۾ اچي چڪا آهن، ٿوري ۽ مختصر عرصي ۾ ئي، اسان جي اُن شهيد نياڻيءَ جي حوالي سان ايترا ڪتاب اچي ويا آهن جو شايد ئي ڪنهن موضوع تي تڪڙ ۾ ايڏا ڪتاب آيا هجن. اخبارن ۾ ڪيترو ئي لکيو پيو وڃي. هر ماڻهو پنهنجي پنهنجي نقطه نظر کان، سنڌ جي مان مٿانهون ڪندڙ، هن شهيد نياڻيءَ کي، پنهنجن لفظن جي پيتا ڏئي رهيو آهي.

شهيد بينظير ڀٽو جي شخصيت ايڏي ته عالمگير آهي ۽ اُن جي شخصيت جا ايترا ته پهلو آهن جو ان تي ڪيترو ئي لکجڻ لاءِ اڃا ڪيترا ئي موضوع پيا آهن.

ان ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي ته سنڌيءَ ۾ آيل ڪتابن ۾ اخباري ڪالمن جو هيستائين ورجاءُ ئي ٿيندو رهيو آهي ۽ ڪيترن ئي ڪتابن ۾ ڪجهه مضمونن ڪانسواءِ، ڪافي مضمون ساڳيا آهن.

سنڌي ساهت گهر طرفان هن کان اڳ "اي سنڌ جائي" ڪتاب ڇپجي مارڪيٽ ۾ اچي چڪو آهي. جنهن کي اسان جي نوجوان دوست ذوالفقار هاليپوٽي مرتب ڪري ڏنو هو. ان ۾ ايڪيتاليهه مضمون هئا. پر عجلت ۾ مرتب طرفان، رئوف نظاماڻي جي هڪ مضمون کي، ساڳي ڪتاب ۾ ٻه دفعا ڏنو ويو.

هن ڪتاب ۾ آيل مضمون ٻه ظاهر آهي ته مختلف اخبارن جي زينت بنجڻ کانپوءِ، ڪجهه ڪتابن ۾ به اچي چڪا آهن. سنڌي ساهت گهر طرفان مضمونن جا هاڻي جيڪي به ڪتاب ايندا، اهي مضمون سنڌي ساهت گهر جي طرفان ايندڙ ٻئي ڪنهن ڪتاب ۾ نه هوندا. جيئن هن کان اڳ آيل ڪتاب ۾ آيل مضمون سمورا ٻيا آهن. اهو خيال رکيو ويندو ته جيڪو ڪتاب سنڌي ساهت گهر طرفان اچي ان ۾ آيل ٻين ڪتابن ۾ مضمونن جي هڪجهڙائي نه هجي.

حيدرآباد سنڌ

2- مارچ 2008

ناز سنائي

www.bhutto.org